شمارو نمبر 4

# سُجاڳ
# Sujaag

ڪميونٽيءَ جي ڄاڻ ۽ اظهار جو ترجمان _ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن




## سنڌ جو هر ٻار پڙهيل هجي...
استاد عبدالرحمان سمون سان ڳالهه ٻولهه

## ٻار جي تصوراتي سمجهه اُن جي تفهيمي ارتقا ۽ استاد ...

## سنڌ جون ثقافتي رانديون...
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## سنڌ جي مٽيءَ جو ماڻهو
شمشير الحيدري

# سُجاڳ Sujaag

## اسان سان رابطو ڪريو

اسان ڪي اوسيئڙو رهندو

اوهان خط، تبصرا ۽ پنهنجون تجويزون هيٺين ڏس پتي تي اُماڻي سگهو ٿا:


ايڊيٽر سجاڳ، پلاٽ - 9، بلاڪ - 7، ڪهڪشان ڪلفٽن - 5، ڪراچي - 75600

فون : 111-424-111 (21-92)، فيڪس: 99251652 (21-92)

اِي ميل: info@sef.org.pk

ويب سائيٽ: www.sef.org.pk


## اسان لاءِ لکو

اسين اوهان ڪي دعوت ٿا ڏيون ته اوهان پنهنجون ڪهاڻيون، مختصر حقيقتون،
تاثر، ثقافتي رانديون، تعليم، صحت ۽ ٻارن جي واڌ ويجهه توڙي پالنا، استادن ۽ ڪميونٽيءَ جي ترقي ۽ مسئلن جي حل
بابت پنهنجن خيالن ڪي لفظن جو روپ ڏئي اسان ڏانهن موڪليو،
اسين انهن ڪي سجاڳ جي شماري ۾ معيار موجب جاءِ ڏينداسين.
سجاڳ رسالو، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران اسٽيڪ هولڊرز/ڪميونٽيز جي لاءِ سال ۾ هڪ ڀيرو شايع ٿيندو آهي،
هن ۾ ڇپجندڙ لکڻين ، راين، رپورٽن ۽ مضمونن وغيره سان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو متفق هجڻ لازمي ناهي.

## اجازت نامو


سجاڳ شماري ۾ موجود مواد ڪي تعليمي جاڳرتا يا هاڪاري مقصدن ڪاڻ
استعمال ڪري سگهجي ٿو، پر رسالي ۽ اداري جو حوالو ڏيڻ لازمي آهي



شمارو 4 ، سال 2012ع ۾ شايع ڪيو ويو

سجاڳ پبليڪيشنس، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ)
پاران پنهنجي اسٽيڪ هولڊرز/ ڪميونٽيز لاءِ جاري ڪئي وئي
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ، پلاٽ - 9، بلاڪ - 7، ڪهڪشان ڪلفٽن - 5، ڪراچي - 75600.
فون : 111-424-111 (21-92)، فيڪس: 99251652 (21-92) اِي ميل: info@sef.org.pk

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

دوسِتَ ڪُهائي دادلا، مُحِبَ مارائي؛
خاصَن خَلِيلَنِ کي، سَخِتيُون سَهائي؛
اَللهُ اَلصّمَدُ بي نيازُ، سا ڪَري، جا چاهي؛
اِنَهِي مَنجِھ آهي، ڪا اُونهي ڳالهِ اِسرارَ جي

شاھ عبداللطيف ڀٽائي (رحمته الله عليه) _ سُر ڪيڏارو

ايڊيٽوريل

# ننڍپڻ جي ڳولا ۾ نڪتل سوالَ...

چِلِيءَ جي مٽيءَ مان جنم وٺندڙ نامور شاعر پئبلو نرودا پاڻ بابت چيو تہ آئون اهو ئي لکان ٿو، جيڪو ڪجهہ ڏسان ٿو ۽ محسوس ڪريان ٿو. سندس اهي لفظ منهنجن اکرن جي پيرن ۾ پنڪڙين جيان ٿي لڳا آهن، ڇو تہ مون پارا ذهن لفظن جي ڪلابازين ۽ ڪرتبن کان پاڻ کي ڪوهين ڏور ويهاري پنهنجي دنيا جي احساسن ۽ آوازن کي پنهنجي انداز جا ويس ڍڪائيندا آهن، جيئن مون ڏٺو آهي ۽ جيئن محسوس ڪيو آهي اُن کي ساڳي طرح پيش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اوهانجي هٿن تائين سڄاڳ جي چوٿين شماري جو گلدستو پهتو آهي، جڏهن تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي تعليم جي بهتر ۽ رسائيءَ لاءِ ڪم ڪندي ويهن سالن جو عرصو گذريو آهي جيڪا اڄ بہ پنهنجي عمل ۽ وچن تي قائم رهندي سنڌ جي ماڻهن جي لاءِ معياري تعليم جي رسائي ۽ پهچ تي ڪم ڪندي رهندي، سڄاڳ بہ اُنهن عملن مان هڪ راه ۽ پيچري جيان اهي جنهن جي هن شماري ۾ عام فهم ۾ جذبن جي اُڇل کي لفظي ترنم ۾ تمتار ڪري ايئن پنن تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جيئن ڪَنڊي تان مور اُڏامندو آهي، جيئن ڪونيٽ جي وڻ مان مجر ڇڻندي آهي، جيئن مينهن جون ڦڙيون ڪرڻ سان گگرال جا گونچ ڦٽندا آهن. اسان جي اها ساڳي ٿيل ڪوشش اوهانکي ڪيئن ٿي لڳي اُن جو ڪو بہ پتو نہ ٿو پوي ڇو تہ اوهان طرفان موٽ ڪانهي واري رڙ اجان اچي پئي، لڳي ٿو اجان اسان جي اندر جو ٻار ڪنهن ڳولا ۾ آهي.!

ڳالهہ ڪي وڏيڪ ڪٺجي تہ مُنڊُ ٻاروتڻ، ٻالڪ پڻو يا ائين ڪٺي چئجي تہ ننڍپڻ کان شروع ٿيندي اِهي سيئي نانو هڪ اهڙي وهي جا آهن جيڪا ڪير جهڙي اڇي هجي ٿي، جيڪا مور جهڙي حسين هجي ٿي ۽ جيڪا جهرڻي جي پاڻي جيان مِني ۽ صاف شفاف هجي ٿي. ننڍپڻ هر انسان جي عمر جو اهڙو خوبصورت حصو هوندو آهي جنهن جي ساروڻين جي سحر مان ڪڏهن بہ ٻاهر نڪري نہ سگهبو آهي. هي اهڙي خوابن جي دنيا آهي جنهن ۾ نہ وڃائڻ جو فڪر، نہ ڪسجڻ جي پريشاني، نہ ڪٽڻ جو اُلڪو ۽ نہ ئي هارائڻ جو ڳاراٽو هوندو آهي. بس خوبصورت انڊلٺي رنگن جو، نمن جي ڇهچ ساون پنن جي پناه جهڙو وڻندڙ احساس هوندو آهي. ننڍپڻ جي لاءِ اجان بہ ائين چوندس تہ ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ جهڙو احساس آهي! اُهو وهيءَ جو حصو آهي جيڪو ماڪي کان مٺو ۽ ڪپهہ جي رنگ جهڙو اڇو اجرو هوندو آهي، جيڪو هر انسان جي من ۾ هميشہ جيئرو رهي ٿو، جيسيتائين هو جيوت رهندو آهي. اسين پل ڪيڏا بہ وڏا اڪابر ڇو نہ ٿي وڃون، ڪيڏي بہ وڏي عهدي تي پهچي ڪيهر ڇو نہ ٻڌجي وڃون پر پنيورين ۽ پوپٽن پنيان ڊوڙڻ جي اُها وهي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهنداسين پر هينئر زندگي جي سنگهرن ۾ ڦاٿل ماڻهو جي مشيني ٻڌجڻ وارو ڏک هر اُن دل کي جهوري رکي ٿو جنهن جي ساروڻين ۾ اُها اڇن ڪبوترن جهڙي وهي ڪنهن موتئي جي گُل جيان هوا ۾ جهولي ٿي پئي! هاڻ سوال اهو آهي تہ ڇا هن وقت اسان پنهنجن ٻارن کي اُها وهي اُن جهڙي ئي ماحول ۽ ڪيفيتن وانگر ڏئي سگهون ٿا يا نہ؟ ڪٿي اُهو ننڍپڻ حقيقتن وڃائجي تہ نہ ويو آهي؟! جنهن جي ڳولا ۾ اڄ جا سڀ ڏاها هٿ پير هڻندي ڏنا پيا وڃن؟! ۽ پاڻ پڻ اهڙي ڪا پروڙ ڪري سگهون ٿا؟! ننڍپڻ جي وڃائجي وڃڻ جو احساس هميشہ درد جو ڏيئو ٻڌجي اسان جي دل جي طاق تي ٻرندو رهي ٿو. ننڍپڻ جون رانديون، ننڍپڻ جا سيئي سنگتي ساٿي، يادن جي درين ۽ دروازن تي سج جا ڪرڻا ٻڌجي چمڪندا رهندا آهن. ننڍپڻ جون رانديون جيڪي فطرت جي ويجهو هجڻ جو هڪ حسين موقعو هونديون هيون. اڄ جي ٻارن کان اُهو سڀ ڪجهہ ڇڻ ڪسجي ويو آهي!

جيتري قدر منهنجو فهم ڪم ڪري ٿو تہ مان اهو سمجهان پيو تہ فطرت جي ويجهڙائپ ماڻهو ۾ احساس پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهپي ۾ رکڻ لاءِ وڏي سگهہ ڏيندڙ آهي، فطرت جي ويجهڙائپ جن بہ ٻارڙن کي ملي ٿي اهي شهري ٻارڙن کان ٻنهہ مختلف تخليقي صلاحيتن سان تمتار هجن ٿا جڏهن تہ پڇڻ، ڊڪڻ پنڌ ڪرڻ جي ڪري سندن ذهني صلاحيتون شهري ٻارن کان الاهي مختلف هجن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو ٻهراڙي جا ٻار راند روند ۽ چتاپيتي ۾ شهر جي ٻارن کان گهڻو مختلف هوندا آهن. ننڍپڻ ۾ ڪيڏيل رانديون انسان جي پوري زندگي جي وڏن وڏن اثاثن مان سڀ کان وڏيڪ ۽ وڏو اثاثو هجن ٿيون. ڳوٺ ۾ ليسوڙي جي وڻن تي چڙهي ليسوڙا ڪائڻ، مائٽن کان لڪي لڪي وڃي واهہ تي وهنجڻ، ڳوٺ جي ڪچي رستي تي هلندڙ ڏاند گاڏين جي ڏرين تي ويهي جهوٽا ڪائڻ، گُليل هٿ ۾ ڪٽي چيڪي مٽي مان نهيل بلورن سان ڳيرن، جهرڪن ۽ هيڙن جي پٺيان سڄو ڏينهن پڇڻ، ڪيڏا سُهڻا ۽ ساهہ ۾ سانڍڻ جهڙا پل جيڪي هاڻ پنهنجي نئين نسل کي نہ ٿا ڏئي سگهون. ڇو تہ فطرت جي ويجهڙائپ ۾ گذاريل اهي ننڍپڻ جا قيمتي لمحا دونهاتيل شهري ماحول جي ماچس جي دٻي نما گهرن ۾ ڪٿي گم ٿي ويا آهن، شهري ڳتيل گهرن جي ڪري ٻارڙن جو ننڍپڻ بہ گُهٽ ۽ ٻوسٽ ۾ وڃائجي ويو آهي، جيڪا ڪمپيوٽر، وڊيو گيم ۽ موبائل فون سان گڏ ٿي وي ڪارٽون جي ڏگ تي هلي ٿي، جن ۾ خوف، هراس ۽ هيسيل زندگيون گذرن ٿيون، اُنهن کي ڪيئن بچائجي اهو پاڻ کي سوچڻو آهي.

نثار ٻانيڻ


ايڊيٽر
نثار ٻانيڻ

سب ايڊيٽر
خادم حسين ميمڻ

سرپرست
پروفيسر انيتا غلام علي (ستاره امتياز) مئنيجنگ ڊائريڪٽر
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

نگران
عزيز ڪاباني
ڊائريڪٽر
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

صلاحڪار
صدف جنيد زُبيري
شهپاره رضوي
ذوالفقار ٻچاڻي
سيف الله جسڪاڻي
مسرت پليجو
سجاد گهلو

نمائندا
رستم سميجو (حيدرآباد)
ناهيد عباسي (لاڙڪاڻو)
فتاح جوکيو (دادو)
دلشاد پيرزادو (سکر)
فيروز منصور (شهيد بينظير آباد)
امام بخش آريسر (ميرپورخاص)

ڪمپيوٽرڪمپوزنگ
ارم ايوب

سونهن ۽ سنوارپ
ذوالفقار علي
محمد آفتاب علي

ڇپ
ڪيسئس گرين

# سٿاءُ


ايڊيٽوريل ..... iv

اوهان جا خط ..... 6

ٽر جي نرم واري جهڙي سوچ رکندڙ
استاد عبدالرحمان سمون سان ڳالهہ ٻولهہ ..... سجاڳ سٿُ ..... 7

تحقيق:
ٻار جي تصوراتي سمجهہ ان جي تفهيمي ارتقا ۾ استاد ..... مجاهد حسين شاهہ ..... 12

ٻار ڪيئن سکندا آهن يا سندن ناڪام ٿين جا سبب ڇا آهن؟ ..... ذڪيہ مختيار ..... 18

اچو تہ تعليم ۾ استاد جي اهميت کي سڃاڻون ..... تمثيلہ سومرو ..... 20

ڇا ٻار اسانجن حڪمن مطابق سکندا آهن..!؟ ..... سجاد گهلو ..... 22

سنڌ جون ثقافتي رانديون ..... ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ..... 26

جنڊي ۽ ڪاشيءَ جو فن ..... صدف جنيد زبيري ۽ نعيم نظاماڻي ..... 28

جنن جي ٻولي!! ..... صنم کوکر ..... 31

ڪهاڻين جا ڪرشما ..... فرزانہ اختر ..... 33

صحت جي تعليم: پيٽ جا ڪيڙا ..... مسرت پليجو ..... 35

ڪميونٽيءَ جا احساس: اصلاحي ڪهاڻيون ..... 43

تعليم بالغان (اينڊراگاجي) ..... 49

ڪيس اسٽڊيز: با حوصلہ ۽ باصلاحيت فرد سماج کي سُڌارڻ عبادت سمجهن ٿا
خوابن جي ناو ۾ ساڀيائن جا بادبان ..... 52

وساريا نہ وسرن: محمّد عيسيٰ جوکيو : نياڻين جي تعليم لاءِ لوچيندڙ شخصيت
هوءَ جيڪا سُلڇڻي ۽ سيني جي دل گهري هئي ..... 53

ٻار ۽ بارود ..... علي عابد سومرو ..... 54

سنڌ جي مٽيءَ جو ماڻهو: شمشير الحيدري (شاعر، اديب، دانشور، صحافي، ڊرامہ نگار،
سماج سڌارڪ، ايڊيٽر، نقاد) ..... سليم حيدري ..... 56

سُڄاڻ جي معنيٰ ۾ پٽڪندڙ لفظن جو وڻجهار ..... خادم حسين ميمڻ ..... 58

ذات ڏٺين جا احساس شاعريءَ جي روپ ۾ ..... 61

بهترين ۽ تيز ترين نصاب ۾ استاد ..... اشفاق حسين ميراڻي ..... 63

ننڍڙا مصورَ : رنگن جي دنيا ..... 66














# اوهان جا خط

## محترم ايڊيٽر سجاڳ

### ساٿ سلامت

سجاڳ جو ٽيون شمارو فون ڪري گهرايو جيڪو هٿن ۾ آهي. خوبصورت ٽائيٽل بهترين مواد جنهن ۾ خط، اشفاق احمّد جو يادگار انٽرويو، آئي اي ايل پي پروگرام، سنڌ ۾ آيل ٻوڏ ۽ فائونڊيشن جو ڪردار، سائنس، صحت ڪيس اسٽيڊي، وساريان نہ وسرن، اسان جا ورثا پورو سجاڳ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جنهن جي ڪا تعريف ڪرڻ جي ضرورت ناهي. باقي عذرا خاصخيلي پاران ڏنل صلاحن سان 100 سيڪڙو متفق آهيان. اميد تہ انهن صلاحن تي ضرور عمل ڪري اجان سجاگ کي چار چنڊ لڳائيندا. سجاڳ جي 4 شماري ۾ ڪميونٽي ڊويلپمينٽ نيٽ ورڪ سي ڊي اين ملير جو تعارف موڪلي رهيو آهيان اميد تہ ضرور شايع ڪندا. سجاڳ سٽ سان ننڍڙي شڪايت بہ آهي شڪايتون هميشہ پنهنجن سان ٿينديون آهن ڏارين تي ڪا معيار ئي ناهي هوندي جنهن لاءِ نوٽ ڪرائي رهيو آهيان.

- سي ڊي اين ملير ايس اي ايف جي تعاون سان ملير ۾ 18 اسڪول هلائي رهي آهي انهن اسڪولن ۽ سي ڊي اين ملير لاءِ سجاڳ جون ڪاپيون موڪليون وڃن. جيئن ڪميونٽي اسڪولن جي ٻارن کي لکڻ جو شوق پيدا ٿئي.
- همٿ وارن جي آڏو جهڪي پوي ٿو جبل جي نالي سان ڪيس اسٽيڊي موڪلي جيڪا شايع ڪئي وئي پر موڪليندڙ جو نالو نہ ڏنو ويو.

شفيع محمّد درس
سي ڊي اين ملير

## محترم ايڊيٽر سجاڳ

### ساٿ سلامت سنڌ سلامت

شروعات ۾ تعريف نہ پر شڪايت ڪندس تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن کي ڪميونٽي جي لاءِ رسالو گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ ٽي پيرا آڻڻ گهرجي چو تہ فائونڊيشن جو تمام وڏو ڪم وڏي تيزي ۽ بهتر انداز ۾ هلي رهيو آهي، منهنجي ڄاڻ مطابق 2500 کان مٿي اسڪول جو هڪ وسيع ڄار سنڌ جي مڙني ضلعن ۾ گذريل ڏهاڪن کان وڇايل آهي، جڏهن تہ گهٽ ۾ گهٽ 600 جي لڳ ڀڳ شراڪتدار آهن جن سان سڌي ۽ اڻ سڌي طرح رابطو رکيو وڃي ٿو ۽ اُنهن جي تجربن ۽ مشاهدن کي ٻڌو، پڙهيو ۽ مان ڏنو وڃي ٿو، اسان پڻ هڪ اسٽيڪ هولڊر جي حيثيت ۾ اهو حق رکون ٿا تہ اُهو تجربو ۽ مشاهدي جو نچوڙ جيڪو باقي شراڪتدارن سان اوري سگهجي اُهو ٿيڻ گهرجي.

هن وقت منهنجي هٿن ۾ سجاڳ جو ٽيون شمارو آهي جنهن جي پوري خوبصورتي جي تعريف ٽائيٽل پيج کان ڪرڻ ضروري پيو سمجهان فائونڊيشن وٽ بهترين تخليقڪار ۽ ذهين فرد آهن جيڪي هڪ نظر سان هڪ تصور کي پسي وٺندا آهن ۽ اُنهن کي پنهنجي ڏان ۽ ڏات سان مختلف روپ ڏيندا آهن، ٽائيٽل پيج هڪ مڪمل اسٽوري ٻڌائي رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي منڇر ڍنڍ جي زندگيءَ جا مڪمل اولڙا ۽ مفلسيءَ جون لهرون نمايان طرح ڏيکاريون ويون آهن، جڏهن تہ سک ۽ سڪون جا پکي اُڏام پڻ ڀري رهيا آهن. جنهن کانپوءِ ايڊيٽوريل تي اچون پيا جنهن جو عنوان ئي تمثيلي، علامتي، تشبيهہ جي ڏاڳن ۾ پوئيل ۽ سنڌ جي سمنڊ جهڙو گهرو آهي، جنهن ۾ جهڙي انداز ۾ اوهان اسان تي تنقيدي نهار وڌي آهي ۽ اسان کي پڙهڻ جو اُجورو ميڙڻ جي لاءِ اتساهيو آهي اهو جس لهڻي. محترم اشفاق احمد مرحوم جي ڏنل اُها ڪچهري سنڌي ۾ ترجمو ڪري شامل ڪيو ويو. اشفاق صاحب زندگيءَ جي ڏگ تي وٺي هلڻ جي لاءِ جن بہ وسعتن ۽ چانورن جو پاسو ورتو آهي اُنهن جي کوٽ هن سماج ۾ شدت سان محسوس ڪئي پئي وڃي ۽ اڄ جو مفڪر اُنهن ئي پيچرن کي پڪڙي هلڻ لاءِ پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جي ٻتيلي ۾ ويٺل پيو ڏسجي. آءِ اي ايل پي بابت تفصيل ۽ پروگرام جي فلاسافي کي مناسب انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي پر جيڪڏهن فائونڊيشن جي انهن ڪاميابي سان عمر پوري ڪندڙ پروگرامن جو ذڪر ۽ تجربن جو نچوڙ بہ شامل ڪيو وڃي ها جيڪي اِن پروگرام ۾ شامل ڪيا ويا آهن تہ اڃان بہ وڌيڪ بهتر ٿئي ها چو تہ اهو تجربو فائونڊيشن جي هڪ پلي تاريخ آهي.

سنڌ ۾ آيل مها ٻوڏ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊِشن جون ڪيل پيشقدميون ۽ خدمتون ساراه جوڳيون آهن، محترمہ ذڪيہ مختيار جو آرٽيڪل پڻ ڄاڻ سان پُر لڳو جنهن سان استادن کي ڪافي ڄاڻ ملي تہ ڪيئن ڪلاسن ۾ سائنس جو سبجيڪٽ پڙهائڻو آهي. يوشي ذڪي الدين جو آرٽيڪل تنهن ۾ پڻ بهترمعلومات آهي، والدين جون ذميواريون جي حوالي سان جن نقطن کي کنيو ويو آهي اُهي تہ عام رواجي هئا پر جنهن انداز ۾ نمايان ڪري اُنهن جي اهميت ۽ افاديت کي سمجهائيو ويو آهي اهو قابل تعريف عمل آهي، صحت ۽ سکيا واري حصي ۾ محترمہ مسرت ذوالفقار جو ترتيب ڏنل سبق جي منصوبابندي هڪ اهم ۽ بنيادي مواد آهي جنهن ۾ استاد سان گڏ والدين ۽ ٻارن کي جهڙي نموني صحت بابت ڄاڻ ڏني ٿي وڃي اُها ساراه جوڳي آهي، هن پيري سائي ۽ هيپاٽائيٽس جيڪا سنڌ ۾ عام بيمارين ۾ شامل ٿي چُڪي آهي بابت جيڪي احتياطي تدبيرون ٻڌايون ويون آهن اُهي ڪافي بهتر ۽ ڄاڻ سان پُر هيون . صحت ۽ سکيا کي نصاب ۾ شامل ڪري سنڌ جي استادن لاءِ معياري ڪم ڪري رهي آهي. ڪيس اسٽڊيز ۽ وساريان نہ وسرن وارو حصو پڻ رسالي ۾ فائونڊيشن جي شراڪتدارن لاءِ وڏو خراج آهي، جڏهن تہ اسان جا ورثا ۽ وسيلا ۾ ٿر جو ڪوئلو ۽ بهتر اُميدون پڻ ڄاڻ سان ڀرپور آهي. محترم فتاح جوکيو جي قلم مان سرجيل ڊرگهہ بالا جي تاريخ هڪ گلدستي جيان لڳي. سجاڳ ۾ ڪميونٽيءَ جا احساسات وارو حصو بہ اوهان دل سان سنواريو آهي، جنهن ۾ ٻارن کان وٺي استادن تائين جي جهڙي نموني همٿ افزائي ڪئي پئي وڃي اهو جس لهڻي چو تہ اهو عمل سندن ۾ پڙهڻ ۽ تخليق ڪرڻ واري صلاحيت ۾ واڌارو آڻي ٿو. ٻارن جي شاعري ۽ ننڍڙا مصور ائين لڳي رهيا آهن جيئن آسمان ۾ رات جو تارا چمڪن. باقي سائين نثار ٻانيڻ جي چرچ موڊ جا ڦهراڻ ۾ ڏنل شاعري تہ ڪمال جي هئي جنهن ۾ مقصديت کي تشبيهن ۽ استعارن ۾ جهڙي نموني ٽاڪيو ويو آهي اهو ڪمال صرف سنڌ ۾ سائين نثار ٻانيڻ ئي ڪري سگهي ٿو.

آخر ۾ صرف ايترو عرض رکندس تہ رسالي ۾ انٽرويو وارو حصو اڃان وڌيڪ بهتريءَ جي گُهر رکي ٿو، جڏهن تہ ٻارن وارو حصو جنهن ۾ کي رانديون ۽ ذهني ولوڙ ڪندڙ جُز پڻ شامل ڪيا وڃن.

دعا ۾ ياد رکندا

علي بخش ميمڻ _ حيدر شاه ايجوڪيشنل سوسائٽي سن
شراڪتدار آر بي سي ايس پروگرام خيرپور ميرس



ترجي نرم واري جهڙي سوچ رکندڙ استاد عبدالرحمان سمون....

# جنهن جي اکين ۾ اڄ بہ سنڌ جي هر ٻار جو پڙهيل هجڻ وارو خواب جاڳي ٿو

سڄاڳ سٽ

**وڏيرا شاهي پڻ اسڪولنگ جي خلاف آهي، هو پنهنجا ٻار تہ ڪراچي حيدرآباد ۽ اتان ڪانپوءِ ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهائين پر ٻين جي ٻارن کي اسڪول کان روڪين بلڪ اسڪول ٿي سندن قبضي ۾ آهن، چاهين تہ اسڪول کلن، چاهين تہ اسڪول نہ کلن، اهي چاهين ٿا تہ هاري جا ٻار هاري هجن مزدور جو پٽ مزدوري ئي ڪري، جيڪڏهن سندن ٻار پڙهي پيا تہ سندن غلامي ڪير ڪندو؟ سندن هَر ڪير هلائيندو؟ ڪين سلام ڪير ڪندو؟**

**سوال؛ روايتي سوال تہ پنهنجو تعارف ڪرايو؟**

جواب؛ نالو عبدالرحمان پيءُ جو نالو محمد، ڏاڏي جو نالو سگهو ۽ ذات جو سمون آهيان، ڳوٺ ڪاٺوٺ، ضلعو سانگهڙ، تعليم جو سلسلو ڳوٺ ۾ سهولت نہ هجڻ جي صورت ۾ ڳوٺ کان ٻاهر ساپيو شريف ۾ علم جي اُڃ کي اُجهائڻ لاءِ پير سوريا..!

**سوال: توهان ڪيتري عرصي تائين ساپيو شريف ۾ رهيا؟**

جواب: اسان سمن جون ست پيڙهيون اتي رهن پيون، انگريزن کان اڳ ڪلهوڙن جي دور کان وٺي رهون پيا....

**سوال: ڪجهہ ننڍپڻ جون ساروڻيون آهن؟**

جواب: ننڍپڻ ۾ ئي والدين وفات ڪري ويا. جنهنڪري اسان ساپيو شريف ڏانهن هليا وياسين هڪ سبب اهو بہ هو تہ اتي يتيمن جي رهائش ۽ پڙهائڻ جو چڱو بندوبست هو. جتي چار درجا سنڌي پڙهياسين پوءِ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿياسين، ان ڳوٺ ۾ مدرسا بہ هئا ۽ اسڪول بہ هئا، ميرپور پراڻي ۾ هاءِ اسڪول کليو تہ پوءِ اسان ميٽرڪ (يعني تنهن وقت جا ست درجا جنهن کي فائنل چئبو هو) جتان اسان 1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽي بورڊ مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو جيڪو فرسٽ ڪلاس ۾ هو ان دور ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ تمام گهٽو ڏکيو هوندو هو. اجان رزلٽ بہ ڪو نہ آيو تہ اسڪول ۾ ماستري جي نوڪري جي آفر ملي ۽ مون اسسٽنٽ ٽيچر طور پڙهائڻ شروع ڪري ڏنو، جنهن ڪانپوءِ 1962ع ۾ ٽيچنگ ڊپلوما (ٽي ڊي) سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيم پوءِ واپس ساڳي اسڪول ۾ موٽي آيس ۽ 9 ڪلاس کي سنڌي، انگريزي ۽ حسابن جا مضمون پڙهائڻ شروع ڪيا چاڪاڻ تہ منهنجي اسپيشلائزيشن انهن مضمونن ۾ ٿيل هئي. اتي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محترم رحيم بخش ميمڻ اسڪول جو دورو ڪيو. هو پاڻ مانٽيسري ميٿڊ اسپيشلسٽ هو (يعني ٻارن کي کهڙي طريقي تحت پڙهائڻ گهرجي جو ماهر) پاڻ آمريڪا مان اسپيشلائيزيشن ڪري آيو هو. هن اچڻ ساڻ 6 هين ڪلاس ۾ اچي ٻارن کان سوال پڇيا ٻارن اُنهن جا جواب نہ ڏنا. تنهن تي هن پڇيو تہ هتي ڪو اهڙو استاد آهي جيڪو سنڌ يونيوسٽي مان سي ٽي يا ٽي ڊي ڪري آيو هجي تہ ڪيس ٻڌايو ويو تہ هڪڙو استاد آهي جيڪو ٽي ڊي ڪري آيو آهي. جنهن ڪانپوءِ مون کي ان سان ملايو ويو تہ هن چيو تہ توهان مهرباني ڪري ڇهين ڪلاس کي پڙهايو مون چيو تہ ٺيڪ آهي ان ڪانپوءِ مون ڇهين، ستين، اٺين، نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي ٻارن کي پڙهائڻ شروع ڪيو. جنهن ڪانپوءِ انهن شاگردن ۾ پڙهائي جي حساب سان بهتري آئي، منهنجا اهي شاگرد سٺين ۽ وڏين پوسٽن تي ڪم ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ ماما هاشم لغاري وغيره منهنجا شاگردن آهن ۽ اهي اڃا بہ منهنجي دل سان عزت ڪندا آهن اُهي سڀ جڏهن بہ ملندا آهن مان سندن اکين ۾ پاڻ لاءِ تمام وڏي عقيدت ڏسندو آهيان جيڪا اصل ۾ هڪ استاد جي عقيدت ۽ عزت هوندي آهي!.



**سوال:** توهان جي دور ۾ پرائمري تعليم اڄوڪي جديد دور جي پرائمري تعليم ۾ ڪو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ توهان ڪيئن پڙهيو؟

**جواب:** مونکي بابا سائين جي وفات ڪانپوءِ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي ضرور پيش آئي پئي پر انهن پويان ڪاروبار ۾ دڪان وغيره ڇڏيا جن سان گذران ٿيندو هو. ان ڪانسواءِ ان دور ۾ ٿيئن درجي ۾ اسڪالر جا امتحان پڻ ورتا ويندا هئا، جنهن ۾ ذهين شاگردن کي حڪومت پاران وظيفا ۽ مالي مدد ڏني ويندي هئي، ان دور ۾ اسٽينڊرڊ وارو نظام هوندو هئو پهريون درجو يعني فرسٽ اسٽينڊرڊ، ٽيون درجو ٿرڊ اسٽينڊرڊ وغيره ۽ ستون درجو سيون اسٽينڊرڊ جيڪو ميٽرڪ جي برابر هوندو هو اتي به اسڪالر جو امتحان ورتو ويندو هو. جيڪو مون پاس ڪيو ۽ مون کي اسڪالرشپ ملڻ شروع ٿي. اها اسڪالر شپ ساڍا ٻارنهن روپيا مهينو ملندي هئي. اهي پيسا ايترا هوندا هئا جو منهنجا سڄا خرچ انهن پيسن مان پورا ٿي ويندا هئا. اهو دور تمام سستائي جو دور هو مان سمجهان ٿو 1952ع جون دور هو... ان ڪانسواءِ جيڪو اسڪالر جو امتحان پاس ڪندو هو تن جي هاسٽل فيس پڻ معاف هوندي هئي، تمام بهتر نظام هو، جنهن جي اڄ وڏي کوٽ محسوس ٿئي پئي.

**سوال:** ان وقت تعليم جو معيار ۽ طريقيڪار ڪيئن هو ۽ هاڻي ڪيئن پيا ڏسو؟

**جواب:** سائين ان وقت لائيٽ نه هوندي هئي اسان بتيون ٻاري پڙهندا هئاسين. ڏاڍي محنت ڪرڻي پوندي هئي سخت ڪامپيٽشن هوندي هئي ۽ اسان جا استاد پڙهائي جي حوالي سان تمام گهڻا ڪميٽيڊ هئا، خصوصي طور تي جيڪي غير مسلم استاد يعني هندو هئا، ائين سمجهو ٻئي، تمام گهڻا قابل محنتي هوندا هئا. توڙي جو ان دور ۾ سندن پگهار به گهٽ هوندي هئي پر پوءِ به اهي محنت سان پڙهائيندا هئا اسانکي چتاپيتي ڪرائيندا هئا، تنهنڪري اسان جو اهو دور اڄ ڪامياب دور هو جفاڪشي وارو دور هو ۽ اسان محنتون ڪيون توڙي جو اڄ جي استادن ۽ شاگردن کان جن کي بجلي جي سهولت، گاڏين جي سهولت، گهر ۾ ٽيوشن جي سهولت ملي ٿي، پوءِ به محنت نه ٿا ڪن، اسان جو دور اڄ جي دور کان سهولتن جي لحاظ کان تمام ڏکيو هو پر اسان محنتن ۽ استادن جي ايمانداري ۾ اڄ جي استادن کان تمام گهڻا اڳتي هئاسين. اڄ اها competency نه استادن ۾ نظر پئي اچي نه شاگردن ۾..!

**سوال:** اوهان جي پڙهڻ جو طريقيڪار ڇا هو ۽ اسڪول جي ٽائيمنگ ڇا هوندي هئي ۽ پڙهائيءَ ڪانپوءِ توهان وقت ڪيئن گذاريندا هئا؟

**جواب:** اسان جي اسڪول جو ٽائيم صبح سج اُڀرڻ سان شروع ٿيندو هو پوءِ ڏيڍ ڪان ٻين وڳي ٽائين نماز جو ٽائيم شروع ٿيندو هو نماز پڙهي ماني کائيندا هئاسين، پوءِ ٿورو آرام ڪري راند ڪندا هئاسين ۽ رات جي ماني ڪانپوءِ اسان پڙهڻ شروع ڪنداهئاسين ته 11 ڪان ٻارنهن ٿي ويندا هئا ۽ وارڊن اسان جو معائنو ڪندا هئا، تنهن ڪانپوءِ به اسان رات جو ٽين يا چئن بجي اٿي پڙهندا هئاسين، ايتري قدر جو رياضي ۾ ٿي سبجيڪٽ الڳ الڳ ۽ ڏکيا جنهن ۾ جاميٽري، ارٿ ميٽڪ ۽ الجبري هوندي هئي تنهن ڪانسواءِ ڪيميسٽري، فزڪس عربي هوندي هئي، اسان رات جو ويهي ڏاڍي محنت ڪنداهئاسين، ان ڪانسواءِ ٿيورمز جنهن کي پوءِ سٽيان نالو ڏنو ويو. اهي سڀ سبجيڪٽ انگريزي ۾ هوندا هئا جاميٽري ۾ ٿيورمز هوندا هئا اهي ٿيورمز ڇهين، ستين ڪلاسن ۾ هئا جيڪي اسان سڀئي ياد ڪياسين، جنهن ۾ سڀني کان وڏي ۾ وڏو ٿيساگورس ٿيورم هوندو هو جيڪو ٻن ٽن پنن تي مشتمل هوندو جيڪو تمام ڏکيو هو ياد ڪرڻ. چوڻ جو مقصد ته اهو محنت وارو دور هوندو هو استاد تمام گهڻا لائق ۽ شاگردن کي پڙهڻ جو احساس هوندو هو اهي به دل لڳائي پڙهائي ڪندا هئا ان دور ۾ اسان کي انگريزي ۾ ئي پڙهايو ويندو هو يعني ميڊيم انگريزي اسان هسٽري به انگريزي ۾ پڙهائيندا هئاسين ڪلاس ۾ صرف انگريزي هلندي هئي انڊو پاڪ هسٽري پڻ اسان انگريزي ۾ پڙهي هئي سون.

**سوال:** توهان جي پڙهائي واري زندگي يا هاسٽل واري زندگي ۾ ڪي اهڙا واقعا جن توهان ۾ تبديلي آندي جيڪي توهان وڏي شدت سان محسوس ڪئي.؟

**جواب:** جي ها ان وقت اسان وٽ حافظ محمد صادق ميمڻ هوندو هو. اهو انسپيڪٽر اسڪولز ايليميٽري ڪاليج هوندو هو پاڻ ڏاڍو هوشيار ماڻهو هوندو هو ان جهڙا پيا به هئا جيڪي پيپر تيار ڪندا هئا جهڙو تهڙو ماڻهو پيپر تيار نه ڪندو هو، انهن ماڻهن ممبئي (انڊيا) مان باقاعدگي سان ڪورس ڪيا هئا ته پيپرز ڪيئن ترتيب ڏجن سي انگريزي يا رياضي جا پيپر تيار ڪندا هئا. تن ان دور ۾ اهڙا ته ڏکيا پيپر تيار ڪيا انگريزي ۽ رياضي جا جو اهي پيپر چند چوڪرن حل ڪيا ۽ رياضي فقط مون حل ڪئي. انگريزي ۾ اسان کي Clause Analysis سيکاريا ويندا هئا، جن ۾ ناٺون ڪلاز، ايڊجيڪٽو ڪلاز، ايڊوربٖ ڪلاز هوندا هئا جن ۾ اسان کي سيکاريو ويندو هو ته سبجيڪٽ ڪٿي رکبو ايڊوربٖ ايڊجيڪٽو ڪٿي ايندو يعني جملو ڪيڏو به وڏو هجي ان جي ترتيب ڪيئن تيار ڪئي ويندي آهي. ان استاد اسان کي هڪ ڏکيو جملو ڏنو ۽ سڄي ڪلاس ۾ فقط مون اهو جملو درست ٻڌايو جنهن تي ان مونکي چيو ته ڪلاس ۾ فقط تو هڪڙي ئي اهو جملو ناهيو آهي ۽ تون فرسٽ ڪلاس ۾ پاس آهين ۽ آئون اوهان کي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو تنهن تي مون چيو ته مان غريب مسڪين ٻهراڙي جو

اسان وٽ اڪثريت والدين جي اڻ پڙهيل آهي. اهي پنهنجي ٻارن کي گهر جي ڪم ڪارين ۾ مصروف ڪري ڇڏيندا آهن ته ٻني ٻاري تي وڃ يا گهر جي ڪم ۾ ماءُ يا پيءُ کي هٿ ونڊرائڻ يا چاچي يا بابي کي ٻني تي ماني ڏيئي اچ، ڪاٺيون ڪري اچ يا مال چارڻ وڃ وغيره ته ٻار جيڪو اسڪول ۾ پڙهيو سو پڙهيو هاڻي ان وٽ گهر ۾ پڙهڻ جو ٽائيم ناهي يا ان کي ڪير چوڻ وارو ناهي ته ويهي پڙهي ته پوءِ وڏيڪ ذميواري اتي والدين جي ٿي ٿي وڃي ته ۽ جيڪڏهن اسان سندن والدين کي چئون ٿا ته ٻارن تي اهو ظلم نه ڪريو ڪين پڙهڻ ڏيو ته چوندا آهن ته اسان ڪهڙو پڙهياسين جيڪو ڪم اسان ڪيون پيا هي وڏا ٿي اهو ڪم ڪندا سو پڙهن نه پڙهن ڪم ته اهو ڪرڻو اٿن جيڪو اسان ڪيون پيا

ماڻهو آئون فرسٽ ڪلاس ڪيئن ٿيندس ۽ الله جي پلائي ٿي جو اِئين ئي ٿيو ۽ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيس ۽ ان جي ٿوري توجهه ۽ همٿ افزائي سان پڙهائي ۾ اڳتي نڪري آياسين. اهو 1959ع جو واقعو آهي جيڪو مان اڃان وساري ناهيان سگهيو.

سوال: اوهان جي اولاد ڪيتري آهي؟ سيني ٻارن کي توهان پاڻ پڙهايو آهي؟

جواب: ٻه ڇوڪرا ۽ 8 نياڻيون آهن ۽ سيني کي مون ٻه پڙهايو آهي ۽ اهي اسڪولن ۾ مختلف استادن وٽ پڙهيا آهن نياڻيون گهڻو نه پڙهي سگهيون، جنهن جو مونکي شدت سان احساس آهي.

سوال: توهان جي دور جي تعليمي طريقيڪار ۽ هاڻوڪي تعليمي طريقيڪار ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب: ادا، وڏو فرق آهي، اصل ڳالهه وچي استاد تي ٿي بيهي ٿي جيڪڏهن استاد پڙهيل ڳڙهيل، بردبار، انٽريسٽيڊ ۽ پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ هجي ته شاگرد به موٽ ۾ پنهنجي پڙهائي جو رزلٽ بهتر ڏيندا، محنت ڪندا ۽ جيڪڏهن استاد پڙهائڻ جي حوالي سان انٽريسٽ نه وٺندو ۽ ٻارن تي توجهه نه ڏيندو ته چاهي ڪيترو وڏو ۽ مهانگو اسڪول ڇو نه هجي شاگرد رزلٽ سٺي نه ڏيندو.



اسان جڏهن پڙهندا هئاسين ته جيستائين ڪلاس ۾ ٽيچر اچي اسان پاڻ بورڊ تي بيهي پڙهائيندا هئاسين ۽ پڙهائجندڙ سبجيڪٽ بابت اڳ ۾ ئي بحث مباحثو شروع ڪري ڏيندا سين ته جيئن اهو استاد اچي پڙهائيندو هو ۽ سوال جواب ٿيندا هئا ته اسان ان مضمون کي چڱي طرح سمجهي وٺندا هئاسين اُهو اسان جو شيئرنگ جو طريقو هوندو هو بلڪه ڪيتري قدر ته اهو اسان کي ياد به ٿي ويندو هو. ان دور ۾ چٽاپيٽي تمام گهٽ ٿيندي هئي پر اڄڪلهه فقط ڪنهن خاص موقعن تي ئي ٿيندي آهي.

سوال: توهان جي چوڻ جو مقصد استاد جو ڪردار پڙهائڻ جي حوالي سان تمام گهڻو اهميت وارو آهي؟

جواب: بلڪل، جيڪڏهن استاد بهترين پڙهائڻ جي صلاحيت رکي ٿو ته شاگرد به گهٽ ناهن اهي تمام ڀلي رزلٽ ڏيئي سگهن ٿا پر شرط ساڳيو ته استاد قابل هجي مطلب ته استاد جو ڪردار اهم هوندو آهي. اسان وٽ شاگرد ذهين آهن جيڪڏهن اڄ جي ٻارن کي اسان واري دور جا ماستر ملي وڃن ته هي ٻار سڄي دنيا سان هر فيلڊ ۾ مقابلو ڪري سگهن ٿا. سيئي ميدان سائنس، سماجيات، اسپيس سائنس ڪمپيوٽر سائنس مطلب ته هر جڳهه تي ڪاميابي ماڻي سگهن ٿا. اسان ايترا هوشيار ڪونه هياسين جيترا اڄ جا ٻار آهن پر اسان محنت ڪئي سين ۽ اڄ جا ٻار محنت کان ڪيٻائين ٿا، جي اهي دل لڳائي محنت ڪن ۽ استاد به ساڳي ريت رکن ته معيار جُڙي سگهي ٿو.

سوال: تعليم جي معيار کي ڪهڙي طريقي سان بهتر بنائي سگهجي ٿو؟

جواب: پهرين ڳالهه ته توهان استادن کي ٽريننگ ڪرايو ۽ هو پاڻ به سٺا تعليم يافته هجن. منهنجي هاءِ اسڪول ۾ نو سالن کان وٺي ٻارنهن سالن جا شاگرد هئا، اسين ڪميٽيڊ هئاسين. اهي اڄ سٺين پوزيشنز ۾ ويٺا آهن. اڄ ڪلهه ڏسو 80 سيڪڙو پرائمري اسڪول بند پيا آهن استاد مفت جون پگهارون پيا کائين، هينئر ته ماسترن جون پگهارون ماشاءالله 80 هزار تائين اچي پهتيون آهن پر سندن ڪارڪردگي ڏسڻ وٽان آهي، ان ڪانسواءِ وڏيرا شاهي پڻ اسڪولنگ جي خلاف آهي سندن ٻار ته ڪراچي حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ پڙهن ٿا ۽ وري اتان ڪانپوءِ ٻاهرين ملڪن ۾ ڪين پڙهائين ٿا پر ٻين غريب ۽ پورهيت جي ٻارن کي اسڪول کان روڪين ٿا بلڪ اسڪول ئي پنهنجو قبضو رکيو اچن، هو چاهين ته اسڪول کلن، ۽ چاهين ته اسڪول نه کلن. اُهي چاهين ٿا ته هاري جا ٻار هاري هجن، مزدور جا پٽ مزدور ئي رهن، ڇو ته هو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن غريب، هاري مزدور جا ٻار پڙهي پيا ته سندن غلامي ڪير ڪندو سندن جي زمين ڪير ڪيڙيندو ۽ ڪين سلام ڪير ڪندو.

سوال: توهان جي قابليت جي ڪري توهان کي نوڪري جي آڇ ٿي پر ڇا اڄ ڀنٽي پيل علائقن جي قابل ماڻهن کي ائين ئي نوڪري ملي ٿي جيئن اوهان جي قابليت کي سامهون رکي ڪري اوهان کي ملي؟

جواب: مان توهان کي ٻڌايان مونکي ذاتي طور تي خبر آهي ته استاد بي اي يا ايم اي پاس آهن پر توهان کين ڇهين ڪلاس جي انگريزي پڙهائڻ لاءِ چئو اهي نه پڙهائي سگهندا جي پڙهي وڃن ته منهنجي ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏجو، قابليت جي هن دؤر ۾ ڪا اهميت ناهي، هينئر وڏيري جو دور آهي، ايم پي اي ۽ ايم اين اي جي سفارش سان ميٽرڪ فيل يا ڪاپي ڪيل بي اي پاس فرد ماستر طور تي ڀرتي ڪيا ٿا وڃن اهي ڇا پڙهائيندا! اهي ته خود ٻارن کان ڊڄندا آهن ته متان ڪو شاگرد سوال ڪري وجهي ۽ ڪيس جواب نه ڏيڻ جي صورت ۾ بيعزتي ڀوڳڻي پوي تنهن ڪري اڪثريت اهڙن استادن جي ڪلاس ۾ اچي چوندي آهي ته سڀ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪريو ۽ پڙهو ويهي. ڇا اهي ماستر آهن؟ اهي سمورا استاد وري ڪوٽا تي آيا فرسٽ ڪلاس بي اي يا ايم اي پر پڙهائي پرائمري جو ڪتاب به ڪونه سگهندا. Our children are led by illiterate Teachers اهڙن استادن هوندي توهان ٻارن مان ڪهڙي اميد ٿا رکو؟ حد ته اها آهي جو اسڪول جو وجود ناهي ڪاغذي اسڪول کُليل ۽ وري اُنهن ۾ ماستر ڀرتي ٿيل آهن جيڪي مٿين آفيسرن کي مهينو هزار به ڏيئي حرام ڪمائين پيا. اسان جي دور ۾ هاءِ اسڪول ڪونه هوندا هئا. اسان جو جڏهن به امتحان ٿيندو هو ته اسان سان گڏ ڪير به امتحان ڏيڻ لاءِ گڏ نه هلندو هو، نه ڪو ڪاغذ اسان جي ڪيسي ۾ هوندو هو ڇاڪاڻ ته ريسٽيڪيٽ ٿيڻ جو خوف تمام گهڻو هوندو هو، پر هاڻي امتحان جي ٽائيم تي اسڪولن ۽ سينٽرن تي ميلا لڳل هوندا آهن هڪ سان گڏ 5 ڇٽا گڏ هوندا آهن اصل ماڻهو جي بدران ٻيو ويهي امتحان ڏيندو آهي اهو ته نهيو امتحاني ڪاپيون ئي سينٽر کان ٻاهر وڃن ٿيون ۽ ٻاهر حل ٿي اينديون آهن، بس ڪينڊيڊيٽ پنهنجي صحيح ڪري ڪاپي جمع ڪرائيندا آهن.

سوال: ان صورتحال مان ڪيئن نڪرجي، ڪهڙي حڪمت عملي اپنائي وڃي ۽ اصل ذميواري ڪنهن تي اچي ٿي؟

جواب: ادا ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، اسان جو طبقاتي نظام اهو نه ٿو چاهي ته اسان هن ڏٻڻ مان ٻاهر نڪرون ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اسان بهترين استاد ڀرتي ڪري اسڪولن ڪاليجن يا يونيورسٽين ۾ موڪلياسين ته سنڌ جا ماڻهو ته سڌري پوندا اڳتي نڪري پوندا دنيا سان مقابلي جهڙا ٿي پوندا غريب پنهنجي سر سوچڻ لڳندو

اڳتي وڌڻ لاءِ شهرن ڏانهن وڌندو پنهنجي جڳهه ٺاهيندو طبقاتي نظام ان ڳالهه جي بلڪل اجازت نٿو ڏيئي اهو چاهي ٿو فقط اميرن وڏيرن جا ٻار پڙهن ۽ وقت جون واڳون سنڀالين، غريبن جا ٻار مزدوري ڪن، هاري ٿين ۽ ڪين سندن جي جهالت سبب جيترو پيڙهي سگهون ٿا پيڙهيون ۽ انهن کان ڪم وٺي سگهون ٿا ته وٺون ان ڪري اهو ممڪن ئي نه ٿو لڳي ته ڪو هتي سڌارو اچي سگهي ڪو حڪومت ئي بيوس آهي اها ڪجهه نٿي ڪري سگهي، هُن وٽ سواءِ نلهن نعرن ۽ بيانن جي ڪجهه به ناهي ڪا به حڪمت عملي ناهي، غريب عوام ڇا ڪندو، تنهنڪري منهنجي فقط صلاح اها آهي ته اهي ٻار پنهنجي محنت ۽ پڙهڻ سان محبت ذريعي هن طبقاتي حصار کي ٽوڙي اڳتي اچن سگهن ٿا، خود شاگرد اِن برائي کي ختم ڪري سگهي ٿو، جنهن لاءِ ڪين محنت ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن تائين اها محنت پهچائڻ جي پچار ڪرڻي پوندي.

**سوال:** توهان سنڌ جي ڪهڙن ڪهڙن ضلعن ۾ نوڪري ڪئي ۽ مختلف ذاتين جي ٻچن سان مليا ڪهڙي سوچ سمجهي اُنهن جي تعليم بابت؟

**جواب:** مون حيدرآباد ۾ نوڪري ڪئي ان ڪانپوءِ آئون پنهنجي ڳوٺ ۾ ان ڪانپوءِ ڏورونارو اسڪول ۾، غلام نبي شاهه اسڪول ۾، صوفي فقير اسڪول ۾ ۽ ڪجهه وقت اِي ڊي او .....رهيس پر سمجهيم تي هتڙي سيئي هڪ ئي نظر ۽ نقطي جا مالڪ آهن، ڪنهن وٽ به علم ۽ تعليم جي بهتر وصف ناهي..!



**سوال:** هڪ اهم سوال جيڪو توهان اسان کي بهتر نموني سان سمجهائي سگهو ٿا ته والدين جي سندن ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪهڙي ذميواري شروع ٿئي ٿي، اوهانجي پنهنجي ذاتي راءِ ۽ خيال اُن بابت ڪهڙو آهي؟

**جواب:** بلڪل اهم سوال آهي اوهانجو ڏسو نه اسان وٽ شاگرد 4 کان 5 ڪلاڪ هوندو آهي پوءِ هو هوندو آهي والدين وٽ ۽ جيڪڏهن والدين پڙهيل ڳڙهيل هوندا ته ٻارن کي چوندا ته بابا جيڪو گهر جو ڪم اسڪول جي استادن ٻاران مليل آهي اهو ڪريو ۽ يا اڄ ڇا سکيو اٿو اهو ٻڌايو، مطلب ته انهن کي پڙهڻ جي ترغيب پيا ڏيندا يا پاڻ ذاتي طور تي دلچسپي وٺي ڪين پڙهائيندا ۽ ٻار بابت استادن سان سڌي ريت رابطي ۾ رهندا پر جيڪڏهن والدين پڙهيل ناهن ته اهي ٻار کي ڇا چوندا ته اسڪول جو ڪم ڪيو يا نه ڪيو، اسان وٽ اڪثريت والدين جي اڻ پڙهيل آهي. اهي پنهنجي ٻارن کي گهر جي ڪم ڪارين ۾ مصروف ڪري ڇڏيندا آهن ته ٻني ٻاري تي وڃ يا گهر جي ڪم ۾ ماءُ جو هٿ ونڊاءِ يا پي کي هٿ ونڊراءِ يا چاچي يا بابي کي ٻني تي ماني ڏيئي اچ، ڪانئون ڪري اچ يا مال چارڻ وڃ وغيره ته ٻار جيڪو اسڪول ۾ پڙهيو سو پڙهيو هاڻي ان وٽ گهر ۾ پڙهڻ جو ٽائيم ناهي يا ان کي ڪير چوڻ وارو ناهي ته ويهي پڙهي ته پوءِ وڏيڪ ذميواري اٿي والدين جي ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن اسان سندن والدين کي چئون ٿا ته ٻارن تي اهو ظلم نه ڪريو ڪين پڙهڻ ڏيو ته چوندا آهن ته اسان ڪهڙو پڙهياسين جيڪو ڪم اسان ڪيون پيا هي وڏا ٿي اهو ڪم ڪندا سو پڙهن نه پڙهن ڪم ته اهو ڪرڻو اٿن جيڪو اسان ڪيون پيا. ان جي باوجود والدين کي motivate ڪندو رهجي. غريب ته اسان به هئاسون پڙهي لکي پياسين ته اڄ سنو مقام ماڻيو آهي تنهنڪري پنهنجي ٻارن کي پڙهايو.

**سوال:** مطلب اهو آهي ٻارن جي پڙهائي تي والدين جي توجهه جو وڏو اثر پوي ٿو ڀلا اُن کان علاوه به ڪي عنصر آهن؟

**جواب:** جي ها! تمام گهڻو ۽ گهرو اثر ٿئي ٿو والدين جي توجهه ڏيڻ سان، باقي اڄڪلهه جي ميڊيا ته هٽي ٻارن کي هند ڪري ڇڏيو آهي ها ٽي وي، وري موبائل مٿان وري انٽرنيٽ الاءِ ڇا ڇا چون... سڀ وقت جو وڃائڻ آهي!!.

**سوال:** هاڻي ڪجهه توهانجي پي پي آر ايس پروجيڪٽ واري اسڪول بابت ڳالهائيون جيڪو توهان سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مالي ۽ فني سهڪار سان کوليو آهي؟ منهنجي ڄاڻ موجب اسڪول ڳوٺ حاجي عبدالرحمان سمون يونين ڪائونسل ڏورو نارو تعلقو عمرڪوٽ، ٿر جي علائقي ۾ آهي ان علائقي ۾ تقريباً 300 گهر آهن جتان ٻار توهان جي ان اسڪول ۾ اچن ٿا، جن ۾ ڪنڀر، ڪولهي، مگريا، ميگهواڙ، نوهڙيا، سميجا، ساند ۽ ٻيون ڪجهه ذاتيون وغيره رهن ٿيون، ان جي ڏکڻ ۽ اولهه ۾ زرعي زمينون آهن ۽ اُهي نارا ڪينال ذريعي آباد ٿينديون آهن. باقي علائقو واريسو آهي اهڙي علائقي ۾ توهان پير صبغت الله شاهه راشدي جهڙي عظيم شخصيت جي نالي سان اسڪول قائم ڪرايو آهي، جتي توهان معياري تعليم جي ڳالهه ٿا ڪريو ۽ پنهنجي زندگيءَ جو پورو تجربو پڻ شامل ڪريو پيا اهو علائقو جيڪو بنيادي سهولتن کان به محروم آهي، ڇا اوهانجو خواب ساپيان ٿيندي ڏسجي پيو؟

**جواب:** ابا توکي ته سڀ ڪجهه اکرين تي ياد آهي، اصل ۾ مان چاهيان پيو ته اسڪول اتي کولجي جتي حقيقي ضرورت آهي معياري زندگي جي سهولتن کان محروم علائقو جتي پيئڻ جي پاڻي جي به کوٽ آهي اتي معياري تعليم پهچائڻ منهنجو خواب هو جيڪو هاڻي ساپيان ماڻي رهيو آهي جنهن جو سهرو صرف ۽ صرف سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن تي آهي، جيڪڏهن فائونڊيشن اسان کي تعاون نه ڪري ها ته اسان کي تمام گهڻي ڏکيائي ۽ مشڪلاتون پيش اچن ها توڙي جو مشڪل هاڻي به آهي پر اسانکي حڪومت جي سنڌ جي هن اداري جي مدد به حاصل آهي ته اسان پنهنجو هي فرض بخوبي ادا ڪري رهيا آهيون بنا ڪنهن ڏپ جي انهن غريب ٻارن کي جن ڪڏهن سوچيو به ڪونه هوندو ته ڪين علم جي نور سان وابسطه ڪرڻ لاءِ ڪير ڪوشش ونندو.

**سائين عبدالرحمان سمي جي فرزند محترم واحد سمون هڪ سوال جي جواب ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي ٻڌايو ته**

بابا اٽرو سادو ماڻهو آهي جو جڏهن اسان اسڪول پئي ٺهرايو ته ان ۾ پاڻ به مزدورن سان گڏ ڪم ڪندو هو ۽ مزدور به بابا سان اهڙا ته سيٽ ٿي ويا ۽ تعريف ڪندا هئا ته اسان اهڙو ماڻهو ڪونه ڏٺو جيڪو مزدورن جي عزت ڪندو هجي. بابا جو ڪمرو جيڪڏهن ڏسندؤ ته هڪ طرف ڪتابن جو ڍڳ ته ٻئي طرف بيلچا، ڪوڏرون ۽ ڪهاڙيون وغيره پيون هونديون مطلب ته بابا اٽرو پڙهيل لکيل هجڻ باوجود طبعيت ۾ فطرت کي ساڻ کنيو ٿو هلي، مزدورن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۾ ڪو آر محسوس نه ٿو ڪري توڻي جو مونکي ڪڏهن ڪڏهن عجيب لڳندو آهي ته بابا هي ڇا پيو ڪري پر اهو فعل تمام گهڻو اهم آهي جيڪو مون پوءِ محسوس ڪيو ته اهي مزدور جيڪڏهن وڏن ماڻهن کان ڏڄندا آهن ۽ سندن

دل سان عزت ناهن ڪندا تن بابا جي دل سان عزت پئي ڪئي جيڪو منهنجي سکيا جو حصو پڻ ٿيو. اهو ڪم ڪرڻ عيب ناهي. اسڪول جي ٺهڻ ڪانپوءِ جڏهن اسان اسڪول لاءِ استادن ڪي پرتي پئي ڪيو ته تمام گهٽي چند چاڻ ۽ لائق ۽ قابل استاد پئي چونڊيا توڙي جا مان ايم اي انگريزي پاس ڪري ڪميشن جي تيار ۾ هيس ته پوءِ خيال آهيو ته پهرين اسڪول کي ڏسڻو آهي اسان پنهنجي اسڪول ۾ استادن جي پرتي لاءِ استادن کان باقائده ٽيسٽ ۽ انٽرويو ورتا پوءِ ڪين پرتي ڪيوسين. ان علائقي جي ماڻهن اسان تي تنقيد پڻ ڪئي ته هتي اهڙو اسڪول پيا کوليو جتي نياڻين کي پڙهائڻ جو نه رواج ۽ نه ماحول هيترو پڙهيل هجڻ باوجود اسان پنهنجي پينرن کي نه پڙهائي سگهياسين. پر الله جو شڪر آهي اڄ اسان جو اسڪول تمام بهتر انداز سان هلي رهيو آهي. اسان اسڪول لاءِ پنهنجي اوطاق کي وقف ڪيوسين.

سوال: توهان جي اسڪول جي رپورٽس اسان وٽ پهچن ٿيون جنهن ۾ ايڪٽوٽي اينيوئل رپورٽ وغيره هيون جن مان اسانکي لڳو ته هن سموري عمل ۾ توهان سان ڪميونٽي جو تمام گهرو لاڳاپو نظر اچي رهيو آهي ته هو نه فقط پنهنجي ٻارن جي مستقبل پر انهن جي هن اسڪول جي حوالي سان ٻه سندن جي involvement تمام گهٽي نظر پئي اچي، ائين آهي؟

جواب: جي ها بلڪل ايئن آهي، والدين جي involvement تمام گهٽي آهي جڏهن اسان والدين ڏهاڙو ملهايوسين ته والدين ڀرپور طريقي سان ان ۾ حصو ورتو ۽ يومِ آزادي واري ڏهاڙي تي ٻه سندن ڀرپور شرڪت رهي. ان ڪانسواءِ وليج ڊويلپمينٽ آرگنائيزيشن اسان ٺاهي آهي جن ۾ پڻ ڪميونٽي جا ماڻهو آهن ۽ اسان اسڪول جي حوالي سان ٻه گهڻا تڻا فيصلا ان ۾ ڪندا آهيون چاڪاڻ ته والدين جي اڪثريت پڻ ان تنظيم ۾ شامل ڪئي وئي هن تنظيم ۾ اسان ڳوٺ وارن کي موبلائيز پڻ ڪندا آهيون.

سوال: توهان اسڪول جي مستقبل جي منصوبابندي ڪئي آهي جنهن ۾ توهان 4 ڪمرا وڌيڪ جوڙائڻ چاهيو ٿا ۽ اسڪول کي ڪمپيوٽرليب ۽ سائنس ليبارٽري ڏيارڻ، پلي گرائونڊ وڌيڪ استادن جي پرتي ان ڪانسواءِ بنيادي صحت جي مرڪز جي قيام جهڙا اهم ڪم ڪرڻ گهرو ٿا، اهو سڀ ڪيئن ممڪن بڻائيندا؟.. فائونڊيشن تہ اِن مد ۾ ڪا مدد نه ڪندي ؟

جواب: جي ها اسان اهي منصوبابنديون والدين سان جيڪي گڏجاڻيون ٿينديون آهن تن ۾ ڪيون اسان اهي فيصلا ڪندا آهيون والدين سان ملي ڪري ۽ اُنهن کان مشورا وٺي انهن ۾ وڌيڪ شين کي شامل ڪندا آهيون پهريان ته اسان وٽ ڪو پليٽ فارم ڪونه هو پر هاڻي اسان اهو سڀ اسڪول جي پليٽ فارم تان ڪيون پيا.

سوال: توهان جنهن ماحول ۾ اهي ڪم ڪريو پيا ڇا اتان جا وڏيرا اهڙا ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا؟

جواب: بلڪل ٻه نه هي جيڪو طبقاتي نظام آهي اهو ڪڏهن ٻه ڪو نه چاهيندو ته ڪو غريب ٻار پڙهي پوي، هو چاهيندا آهن ته غريب هميشه محتاج رهي ڇو ته انهن جي سوچ مطابق غريب پڙهي پوندو معنيٰ حساب ڪتاب سمجهي ويندو ۽ اها سمجهه وري ڪيس حقن جي سڃاڻ ڏيندي جيڪو ڪو ٻه مٿين طبقي وارو نه چاهيندو. اهو چاهيندو ته انهن کي حساب ڪتاب نه اچي ۽ اسان ڪيس ان ۾ منجهائي ڪيس پنهنجو غلام رکون.

سوال: تعليم سان گڏ ڪهڙي شيءِ ضروري آهي؟ مطلب اسان پنهنجي ٻار کي بهتر تربيت ڏيون ٿا ۽ ڪيس سٺي اسڪولن ۾ داخل ڪرايون پيا، چڱو پڙهي لکي وڃي ان سان گڏ ٻيو ڇا هجڻ گهرجي جيڪو ڪيس مستقبل ۾ ڪم اچي؟

جواب: تعليم سان گڏ ڪو ڪريڪيولم ايڪٽوٽيز تمام ضروري آهن،

> سنڌ جا ماڻهو ته سڌري پوندا، اڳتي نڪري پوندا ، دنيا سان مقابلي جهڙا ٿي پوندا، غريب پنهنجي سر سوچڻ لڳندو، اڳتي وڌڻ لاءِ شهرن ڏانهن وڏندو، پنهنجي جڳهه بڻائيندو، طبقاتي نظام ان ڳالهه جي بلڪل اجازت نٿو ڏيئي اهو چاهي ٿو فقط اميرن وڏيرن جا ٻار پڙهن ۽ وقت جون واڳون سنڀالين، غريبن جا ٻار مزدوري ڪن، هاري ٿين ۽ ڪين سندن جي جهالت سبب جيترو پيڙهي سگهون ٿا پيڙهيون ۽ انهن کان ڪم وٺي سگهون ٿا ته وٺون، ان ڪري اهو ممڪن ئي نٿو لڳي ته ڪو هتي سڌارو اچي سگهي، حڪومت ئي بيوس آهي، اها ڪجهه نٿي ڪري سگهي، هُنن وٽ سواءِ ٺلهن نعرن ۽ بيانن جي ڪجهه ٻه ناهي ڪا ٻه حڪمت عملي ناهي، غريب عوام ڇا ڪندو، جنهن لاءِ ڪين محنت ڪرڻي پوندي

ان ڪانسواءِ ڪين ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن جهڙوڪ ووڊ ورڪ، اليڪٽريشن، مڪينڪ ڊرافٽنگ وغيره ۽ جديد بنيادن تي ٻِڌل ڪورس جنهن ۾ ڪمپيوٽر، ميڊيڪل جا شارٽ ڪورس مثلاً اِي سي جي ٽيڪنيشن، فوٽو گرافي، ڪنڪنگ، پر اهي ڪورس وڏين ڪلاسن جهڙوڪ ميٽرڪ ۽ انٽر جي ٻارن لاءِ آهن باقي ننڍن ٻارن لاءِ ته ڪو ڪريڪيولم ايڪٽوٽيز ڪافي آهن.

سوال : توهان جو پيغام:

جواب: 1_ استاد لاءِ ضروري آهي ته اهو پاڻ کي هميشه شاگرد سمجهي ۽ هر نئين شيءِ سکڻ جي مڪمل ڪوشش ۾ رڌل رهي ان ڪانسواءِ هو شاگردن مان سکي، ايئن نه سمجهي ته هو هاڻي سڀ ڪجهه سکي ويو آهي جتي هن جي اها سوچ اپري اتي سمجهو ته هن جي سکڻ جو مرحلو ختم ٿيو. ڪامياب استاد اهو آهي جيڪو پاڻ کي شاگرد سمجهي سکڻ واري جستجو کي ڪنيو ٿو هلي ۽ سمجهي ٿو ته مون اڃا ڪجهه ڪونه سکيو آهي مونکي اڃا گهڻو ڪجهه سکڻو آهي ته پوءِ وڌيڪ استڊي ڪندو جنهن مان هو وڌيڪ سکندو ۽ چاڻ وهندڙ پاڻي جيان هوندي آهي ۽ بيٺل پاڻي ڌپ ڪري ويندو آهي سو سکڻ جو مرحلو ڪڏهن ٻه بيهڻ نه گهرجي مسسلسل هلندو رهي پاڻيءَ وانگر.

2_ والدين جي ذميواري ۾ شامل آهي ته ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ ڪانپوءِ اهي ايئن نه سمجهن ته هاڻي ٻار ڄاڻي ۽ سندن استاد يا اهو اسڪول، تنهنڪري والدين جي ذميواري تمام گهٽي آهي ته ٻار اسڪول ۾ ڇا پڙهي رهيو آهي ڪيئن پڙهي رهيو آهي ان کي ڏسندو رهي استادن سان ملاقات ڪندو رهي ته سندن ٻار پڙهائي ۾ ڪيئن آهي ڪيس ڪهڙي ڳالهيون سمجهه ۾ اچن ٿيون ۽ ڪهڙيون شيون سمجهه ۾ نه ٿيون اچن، گهر ۾ اچڻ ڪانپوءِ ٻار کي هوم ورڪ ڪرائڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ گهر ۾ پڙهائي وارو ماحول جوڙي ڏيڻ تمام گهڻو ضروري آهي. مطلب ته پاڻ ٻه پڙهن ٻارن کي ٻه پڙهائين، جي پڙهيل ناهن ته ٻه اُهي پنهنجي ٻارن کي ٻڌائين ته سندن ملڪيت اها پڙهائي آهي، اهي ڪين اهڙن ماڻهن جون ڪهاڻيون ٻڌائين جيڪي غريب هئا پر پڙهي لکي سٺي مقام تي پهتا.

3_ٻارن کي اول ته استاد ۽ والدين ذهني طرح تيار ڪِن ته پڙهڻ سندن جي لاءِ تمام ضروري آهي، جنهن ڪانپوءِ ٻارن کي ٻه اهو احساس هجڻ گهرجي ته اهي استادن جو چيو مڃين پنهنجي پڙهائي تي ڌيان ڏين ۽ والدين جو چيو مڃين، اجاين ۽ فضول قسم جي ڳالهين ۽ سرگرمين ۾ وقت نه وڃائين پر پاڻ کي پڙهڻ ۽ ٿوري گهڻي راند روند ۾ وندرائين، پاڻ کي بهتر انسان سمجهن، تڏهن ئي هو اڳتي وڌندا ۽ سٺا انسان ثابت ٿيندا.



تحقيق

# ٻار جي تصوراتي سمجهه ان جي تفهيمي ارتقاءِ استاد

مجاهد حسين شاهه

ماڻهو پنهنجي ڄاڻ جو اڪثر حصو غير روائتي طور سڪندو آهي پر ٻين انسانن جي مشاهدن ۽ تجربن ذريعي گڏ ڪيل ڄاڻ کي سمجهڻ لاءِ ڪيس تعليم جي ضرورت پوندي آهي. گذريل ٽن ڏهاڪن کان سکڻ جي عمل تي ذهن ۽ دماغ جي دائري ۾ ٿيندڙ جديد تحقيقي ڪم جي نتيجي ۾ اڄ اسان وٽ تعليمي عمل کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي ۽ سکيا جي هڪ نئين ٿيوري وجود ۾ اچي رهي آهي جنهن وٽ نصاب، پڙهائڻ جي طريقن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي/ حاصلات، جانچڻ جا بلڪل مختلف ۽ ڪارآمد طريقا موجود آهن. ڪجهه ڏهاڪن کان تفهيمي سائنس (cognitive science) ، تعليمي نفسيات، علم الانسان، نشوونما جي سائنس ۽ سماجي نفسيات جي ميدانن ۾ سکڻ جي عمل تي ٿيندڙ تحقيقي ڪم کي سهيڙي ان جي نتيجن کي ادارتي تعليم جي نصاب، نظام ، پڙهائڻ ۽ شاگردن جي سمجهه پرکڻ جي طريقن سان پيٽ ڪجي ٿي ته انهيءَ عرصي ۾ انهن تحقيقدانن ۽ تعليمدانن جي وچ ۾ وڏي وٿيءَ جو انڪشاف ٿئي ٿو.

نصاب ٺاهڻ وارن سان مسئلو اهو آهي ته هو شاگرد ۾ وڌ کان وڌ معلومات ٺوسڻ جي چڪر ۾ سبقن يا نصاب کي اهڙو ته ڏکيو ، غير دلچسپ ۽ غير هم آهنگ بڻائي ٿا ڇڏين جو ٻار ۾ لالچ يا ڊپ کان سواءِ پڙهڻ لاءِ آمادگي پيدا نه ٿي ٿئي، حالانڪ نفسياتي تحقيق مطابق ٻارن ۾ سکڻ لاءِ اندوني تڙپ ۽ تمنا وڏن کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هوندي آهي. ٻارن ويچارن کي راند روند تان پڪڙي اسڪولن ۾ واڙي انهن سان وڏو ظلم ڪيو ٿو وڃي. هن ويچاري کان اهو ته نه ٿو پڇيو وڃي ته تون ڇا سکندين؟ ويتر ويچاري کي اهڙو ته هيسايو ٿو وڃي جو سندس دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ سوالَ ڊپ سبب سندس اندر ۾ ئي رهجيو وڃن. نصاب جي مٿان کان هيٺ ترتيب ڏيڻ جي ڪري عملي زندگي، نشوونمائي مرحلن سان غير لاڳاپيل، ٻاراٽي ذهن جي سمجهه کان ڏکي معلومات تي مشتمل ڪتاب جوڙيا وڃن ٿا جن ۾ موجود معلومات اهم ۽ بنيادي اصولن جي چوڌاري ترتيب ڏنل نه هجڻ سان گڏوگڏ رڳو مٿاڇرين حقيقتن ۽ انگن اکرن تي مشتمل هوندي آهي ۽ ڪتابن ۾ موضوعن جي گهرائي ۾ وڃڻ بجاءِ اوهان کي گهڻا موضوع پيش ڪرڻ جو خبط واضح پيو نظر ايندو_ (هتي اسان نصاب ۽ نظام تي رڳو ٽيڪنيڪل تنقيد پيا ڪريون سياسي نقطئہ نگاه وغيره سان ڏسڻ اسان جو ڪم ناهي) ۽ انهن ڪتابن ۾ جيڪا ٻولي استعمال ٿيل هوندي آهي تنهن مان لڳندو پيو آهي ته لکڻ واري کي ٻار جي تفهيمي نشوونما ۽ ان مطابق سندس سمجهڻ جي حدن جو ڪو اندازو ئي ناهي. ماستر کي جواب ڏيڻ نه ايندو پوءِ چوندا ٻار جاهلاڻا سوال ڪندا آهن. اصل ۾ ڪو به سوال فضُول يا جاهلاڻو ناهي هوندو پر ان سوال کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي ٻار کي جيڪڏهن اسڪولي معلومات معنيٰ خيز لڳي ته ٻار ۾ سکڻ لاءِ ايڏو ته تجسس ٿيندو آهي جو هن کان ماني کائڻ ئي وسري وڃي! تنهن ڪري ته ڪنهن فلاسافر جو چوڻ آهي ته Be child if you want to learn يعني جيڪڏهن توهان کي سکڻو آهي ته ٻار ٿي وڃو. منهنجو پنهنجو ذاتي تجربو اهو آهي ته ننڍي هوندي سبق بيت پيا پڙ پڙ ڪري پڙهندا هئاسين ڪا خبر ڪانه پوندي هئي ته هي ڇا هي ؟ ڇو آ؟ اسان هي ڇو ٿا پڙهون ؟ ۽ هاڻي وري ڪنهن پرائمري اسڪول جي ٻاهران گذر ٿيندو آهي ته ٻارن جون يڪ زبان دانهون ٻڌڻ ۾ اينديو ن آهن. استاد سبق پڙهندو ويندو آهي ۽ هو موٽ ۾ ساڳيو ئي جملو ورائي استاد جي منهن ۾ هڻندا آهن ڄڻ ته ڪاوڙ ۾ دانهون ڪري اهو ٻڌائيندا هجن ته ”ڪجهه به سمجهه ۾ ڪونه آيو“. جديد نفسيات جا ماهر دانهون ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهن ته تعليمي ماهرئو! سکيا جو عمل سمجهڻ اسان جو موضوع آهي ۽ اسان جي تحقيق مطابق ٻار جي تصوراتي سمجهه ان جي تفهيمي ارتقا جي مرحلن سان ڳنڍيل هوندي آهي، ٻار ذهني ارتقا جي ڪهڙي مرحلي تي ڪهڙيو شيون ڪيئن هضم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ ٻار جو ذهني نظام نوس معلومات ،تصورات سان گهٽ رچيل ڄاڻ ۽ غير واضح متن واري معلومات سمجهي ناهي سگهندو، پر اسان وٽ نصاب جوڙيندڙن، تعليم پڄائڻ سان لاڳاپل ٻين ماهرن ۽ استادن جي ڪنن ۾ پاڻ تي ٿيندڙ اهڙي قسم جي تنقيد ٻڌڻ وقت شيهو پريل آهي ڇو ته هو جيڪي شاگردن لاءِ مال مصالحو ٺاهين ٿا يا پڄائين ٿا انهن کي بس انهيءَ مواد جو پڙاڏو گهرجي ٿو جيڪو شاگرد رٽو هڻي انهن تائين موٽائي پڄائين ٿا باقي ٻار جي تصوراتي سمجهه نڪو سندن مقصد آهي ۽ نه ئي وري هو امتحانن ۾ ان کي

پرکيندائي آهن جن بابت سکيا جي اها جديد تحقيق ٻڌائي ٿي ته ٻارَ ان صورتحال ۾ ۽ ان ڄاڻ جو رٽو هڻندو آهي جيڪا ڪيس سمجهه ۾ ناهي ايندي ڇو ته اها سندس ذهني ارتقا جي مرحلي مطابق ناهي هوندي_ هاڻي ڪير سوچي ته ڪيترا سيڪڙو نصابي ڄاڻ سمجهه ۾ آئي !! _يعني ٻار جي ذهني نشونما سان هم آهنگ آهي ؟

ٻار ۾ سکڻ جو اتساهه ۽ تحرڪ پيداڪرڻ لاءِ "ڏنڊي ۽ ٽافيءَ" "چمات يا شاباس" وارو عمل ناڪاره ۽ مدي خارج ٻڌجي چڪو آهي نفسياتي تحقيق ڄاڻ،، سمجهڻ ۽ نين شين جي کوجنا ڪرڻ کي ٻارن جي فطري خواهش طور ثابت ڪيو ويو آهي. هاڻي اهو سوال ڪرڻ ئي اجايو ٿو ڪونيو وڃي ته ڪهڙو ٻار پڙهائيءَ ۾ هوشيار آهي؟ اڄ جي دور جو سوال اهو آهي ته ڪهڙو ٻار ڪيئن هوشيار آهي ؟ جيڪو ٻار انهيءَ سوال جي دائري ۾ نٿو اچي ته ان لاءِ وري اهو نفسياتي سوال اٿاريو ٿو وڃي ته اهو ٻار ڇو هوشيار ناهي!؟ ڪهڙو ٻار ڪيئن هوشيار آهي انهيءَ ڳالهه جو اهو مطلب آهي ته جديد تحقيق مطابق ٻارن جي سکڻ جاطريقا مختلف ٿينداآهن تنهن ڪري اهو ڏسڻ گهرجي ته شاگرد ڪهڙي طريقي سان ڄاڻ کي وڌيڪ آسانيءَ سان سکي ٿو مثال: ٻڌڻ ذريعي، ڏسڻ ذريعي (خارجي)يا اندروني احساس، وجدان، اشارن ۽ غور و فڪر ذريعي (داخلي) يا شاگرد ڪهڙي صورت ۾ خارجي ڄاڻ بهتر نموني سمجهي تصويرن، شڪلين، گرافن، نقشن يا لفظي اچارن ۽ آوازن ذريعي بهتر انداز ۾ سکي ٿو.

حالت اها آهي ته نصاب کي ميل جي ديگهه آهي ۽ انچ جي گهرائي پوءِ ظاهر آهي ته ان جو نتيجو به اهو ئي نڪرڻو آهي . مٿان وري استادن سڳورن جي ٽريننگ ڪندڙ ٽرينر ئي صحيح ٽرينڊ ٿيل ناهن ۽ اڪثر استاد وري انهن جڳاڙي ٽرينرن وٽ به ناهن پڙهيل. استاد ٿيڻ هڪ تمام گهڻو مشڪل ۽ چئلينجنگ مسئلو آهي خاص ڪري پرائمريءَ جي ٻارن کي پڙهائڻ "هتي پڙهائڻ مان منهنجي مراد سچ ۾ پڙهائڻ آهي ، مٿان ڪير خوش فهميءَ ۾ پئجي وڃي"ان لاءِ ضروري آهي ته استاد کي سبجيڪٽ جي فطرت ، گهرائين ۽ سبجيڪٽ جي دائري ۾ رهي ڄاڻ منتقل ڪرڻ جو فن ۽ مهارت هجڻ گهرجي.

سموري نظام جي مشينريءَ کي سزا، گريڊن، مارڪن، ڪامپيٽيشن، پاس ناپاس جي آوزارن سان جوڙيو ويو آهي ۽ تعليمدانن جو انڌو اعتماد آهي ته شاگردن ۾ سمجهڻ جو تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪو متبادل آهي ئي ڪونه!! _ حالانڪ تجربو ان جي بلڪل ابتڙ ٻڌائي ٿو ٻار سٺين مارڪن جي لالچ ۽ پاس ناپاس يا سزا جي خوف سبب ڄاڻ جو جيڪو رٽو هڻي ٿو اهو



دنيا جي عظيم تعليمي فلسفين؛ رسل، وائيٽ هيڊ، ڊيوي، فراري، گيريبوڪس مطابق تعليم جي مقصدن ۽ حدفن جو تعين اولين ترجيح جو ڪم آهي ان تي ڌيان ڏيڻ کانسواءِ فقط ٽٽل ڦٽل سسٽم جي سنهن ٿلهن مسئلن تي تحقيق ۽ تجديد جي راند ڪيڏڻ مُئي جي "سَنڌن" کي مکڻ هڻڻ برابر آهي

امتحان گذرڻ کان ڇهن مهينن گذرڻ بعد شاگرد جي ذهن مان ئي نڪريو وڃي. جڏهن ته تعليمدانن درجي بدرجي معلومات کي هڪ ٻئي مٿان سٿي نصاب جي ترتيب انهيءَ فلسفي تحت ڏني آهي ته ٻار پوئين معلومات آئنده ڪلاسن ڏانهن منتقل ڪندو ۽ سموري نظام مان وري اميد اها آهي ته ٻار اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سکيل ڄاڻ کي عملي زندگيءَ ڏانهن منتقل ڪندو، پر اهو ڪيتري قدر ٿئي ٿو ؟سڀ کو ڄاڻي ٿو.

آئيڊيل استاد اهو آهي جيڪو ڪوبه سبجيڪٽ پڙهائڻ کان اڳ شاگردن جي سوچ کي انهيءَ سبجيڪٽ جي دائري ۾ بيهاري پوءِ انهن کان پڇي ته توهان ڇا ٿا سکڻ چاهيو؟ ٻار جيڪي به جواب ڏيندا اهي جواب لازمن ڪورس جي موضوعن سان لاڳاپيل هوندا پوءِ انهن کي کوليندو کوليندو اچي ڪورس جي لاڳاپيل موضن تائين پڄائي ائين شاگردن کي لڳندو ته ڄڻ هو ڪا کاٽي پيا ٻڌن ظاهر آهي ته اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن استاد سبجيڪٽ جي گهرائين کان واقف هجي ۽ ڪيس انهيءَ سبجيڪٽ جي دائري ۾ ڄا ڻ جي منتقليءَ جا اصول ۽ فن پڻ اچن اهو ڪم ايترو آسان ناهي تنهن ڪري ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته سرڪاري سطح تي انهي مسئلي کي انتهائي ترجيح تي رکيو وڃي ۽ سکيا جي عمل تي ٿيل جديد تحقيق جي تناظر ۾ ٽرينرن ۽ استادن جون تربيتون ٿيڻ گهرجن ۽ اهي تربيتون فقط روائتي ليڪچر نه هجڻ گهرجن جڏهن ته آئنده استادن جي ڀرتي جو معيار بلڪل تبديل ڪرڻ گهرجي .

اڄ ڪلهه سڌريل دنيا ۾ سکيا جي عمل تي ٿيل تحقيق جي نتيجن مطابق اسڪولن اندر نصاب، پڙهائڻ جي طريقن ۽ سکيا جي ماحول کي ترتيب ڏيڻ ۾ تبديلي آندي پئي وڃي ۽ هاڻي اسڪولن ۾ "استاد مرڪز"ماحول بجاءِ ڄاڻ ۽ ٻارن کي سکيا جي عمل جو مرڪز بڻايو پيو وڃي. "ٻار مرڪز" ماحول جو مطلب آهي ته ڪنهن به موضوع بابت پڙهائڻ کان ان موضوع بابت ٻار جي اڳئين ڄاڻ ۽ مفروضن کي نظر ۾ رکي پڙهايو وڃي ۽ سندس دماغ کي خالي دٻو نه سمجهيو وڃي، جڏهن ته ڄاڻ مرڪوز ماحول ۾ انهن ڳالهين تي توجهه ڏني ويندي آهي ته ڪلاس ۾ ڇا سيکاريو ٿو وڃي؟ ڇو ٿو سيکاريو وڃي؟ ۽ اها خبر ڪيئن پئي ته شاگرد ڪيترو سکيو؟ اسڪولن ۾ سکيا جي ماحول کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته شاگردن ۾ توجهه، مشاهدو، يادگيري، ۽ سمجهڻ جون صلاحيتون بيدار ڪرڻ ۾ مدد ڏجي گڏوگڏ اهو پڻ لازمي آهي ته شاگرد پنهنجي سکيا جا ٽارگيٽ ٺاهين ۽ پنهنجي سکڻ جي ذميواري سنڀالين ۽ اهو سڀ ڪجهه ٻارن جي ڪلاس ۾ دلچسپيءَ سان شامل ٿيڻ کان سواءِ ممڪن ناهي .

سکيا جي تحقيق استادن کي تعليم جي ميدان ۾ به نوعيتي تضادن ۽ بيزاريءَ واري صورتحال کان پڻ آجو ٿيڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. مثال طور هڪ تضاد هي آهي ته ٻارن کي بنيادي ڄاڻ مهيا ڪرڻ تي زور ڏجي يا سندن سوچڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت کي اڀارڻ تي وڌيڪ زور ڏجي. سکيا جي تحقيق ٻڌائي ٿي ته اهي ٻئي ڳالهيون اهم آهن ڇو ته شاگردن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ معلومات کي ترتيب ڏيڻ جا فن تڏهن ئي وڌيڪ معنيٰ خيز ۽ ڪارآمد ٿيندا آهن جڏهن اهي سندن مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيتن سان ڳنڍيل هجن ۽ جڏهن شاگردن کي اهو سمجهايو وڃي ته اها معلومات ڇو، ڪيئن، ڪاٿي ۽ ڪڏهن ڪارآمد آهي. جڏهن ته حقيقتن جي ڄاڻ کان سواءِ فقط سوچ، فهم ۽ تنقيد جا فن سيکارڻ سان شاگرد عملي مسئلا حل ڪري نٿو سگهي. هن وقت تحقيق جي صلاحِ اها آهي ته استاد جي ڪم ۾ بنيادي تبديلي آندي وڃي يعني استاد جو ڪم اهو نه هجي ته هو رڳو شاگرد جي ڄاڻ کي پنهنجي سمجهه سان گهڙي شاگرد ڏانهن

منتقل ڪندو رهي بلڪ استاد جو ڪردار اهو هجڻ گهرجي تہ هو شاگرد جي سکڻ ۽ سوچڻ جي انداز جي رهنمائي ڪري تہ جيئن سائنس پڙهڻ سان سندس سوچ سائنسي بڻجي ۽ هو اسڪول کان ٻاهر عملي زندگي ۾ بہ سائنسي نموني سان سوچي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. يعني هاڻي پڙهائي جو حدف معلومات جي ڳولا ۽ ان جو استعمال آهي.

**نصاب ٺاهڻ وارن سان مسئلو اهو آهي تہ هو شاگرد ۾ وڌ کان وڌ معلومات ٿُوسڻ جي چڪر ۾ سبقن يا نصاب کي اهڙو تہ ڏکيو ، غير دلچسپ ۽ غير هم آهنگ بڻائي ٿا ڇڏين جو ٻار ۾ لالچ يا ڊپ کان سواءِ پڙهڻ لاءِ آمادگي پيدا نہ ٿي ٿئي، حالانڪ نفسياتي تحقيق مطابق ٻارن ۾ سکڻ لاءِ اندوني تڙپ ۽ تمنا وڏن کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هوندي آهي**

هن وقت تائين اسان وٽ استاد، تعليمي منتظم، لکاري، ڏاها تعليمدان، صحافي ۽ ايتريقدر جو تحقيقدان بہ تعليم جي انهن بنيادي مسئلن کان هٽي ڪري رڳو انتظام، داخلا ۽ ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ ۽ ٻين سطحي مسئلن تي وڌيڪ توجهہ ڏين ٿا جڏهن تہ دنيا جي عظيم تعليمي فلسفين؛ رسل، وائيٽ هيڊ، ڊيوي، فراري، گيريبوڪس مطابق تعليم جي مقصدن ۽ حدفن جو تعين اولين ترجيح جو ڪم آهي ان تي ڌيان ڏيڻ کانسواءِ فقط ٽٽل ڦٽل سسٽم جي سنهن ٿلهن مسئلن تي تحقيق ۽ تجديد جي راند ڪيڏڻ مُئي جي "سَنڌن " کي مکڻ هڻڻ برابر آهي.

نصا ب ۽ پڙهائن جي طريقن کي اهڙي نموني ترتيب ڏيڻ گهرجي تہ جيئن موجوده يادگيري واري عمل کي مليل اهميت ختم ٿئي ۽ شاگردن کي تصوراتي سمجهہ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي. اسان جي موجوده نصاب ۾ بيترتيب حقيقتون بغير ڪنهن نشوونمائي حدبنديءَ جي حساسيت سان هڪٻئي مٿان سٽي اڇلايون ويون آهن تنهن ڪري شاگرد ويچارو رٽو هڻڻ تي مجبور آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ امتحانن ۾ بہ اڪثر سمجهہ بجاءِ يادگيريءَ جي پرک ڪئي ٿي وڃي جڏهن تہ تجزياتي، پيٽا، فرق ۽ درجہ بندي ۽ تنقيدي جائزي وغيره جهڙا سوال تمام گهٽ شامل ڪيا ٿا وڃن. ظاهرآهي تہ شاگرد انهيءَ شيءِ تي زور ڏيندو جيڪا ڪائنس اڳتي پڇي ٿي وڃي پر ويچارو شاگرد ٻڌائيندو بہ تہ ڇا، هو تہ سڄو سال ميل ڊگهي معلومات جي روڊ تي ڊوڙندو رهيو آهي جنهن جي گهرائي هڪ انچ بہ نہ هئي. بهتر رٿا بنديءَ سان جوڙيل محدود موضوع گهرائي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد موجوده اٺ ڪتابن جي وزن سبب جيڪو سکي ٿو ان کان وڌيڪ سکي وٺندو ڇو تہ موضوعن جي گهرائي سندس داخلي تحرڪ کي اڀاريندي ۽ پوءِ سندس سکڻ لاءِ تحرڪ جو سبب لٺ ۽ ٽافي نہ رهندو ۽ هو ازخود اهڙا سوال اٿاريندو جن جا جواب هو پاڻ بہ ڳوليندو ۽ ٻين کان بہ پڇندو ۽ ائين استاد جو اصل ڪردار بہ اڀري سامهون ايندو يعني شاگرد جي سکڻ ۾ مدد ڪرڻ نہ کي سندس دماغ کي ڊسٽ بن سمجهي جيڪو وڻي سو ان ۾ سٽڻ. شاگرد جي دماغ ۾ پيدا ٿيل سوالن جا جواب ملڻ ۾ مثال بہ مهينا لڳا تہ هو موجوده ميل ڊگهي نصاب جي نسبت ۾ ڪافي وڌيڪ سکي ويندو ۽ سندس اها سکيا سمجهہ وا ري سکيا هوندي ۽ ان سان گڏ وٽس ڪافي سکڻ جون حڪمتِ عمليون پڻ اڇي وينديون.

ٻارن ۾ رٽڻ جي عادت پيدا ڪرڻ بجاءِ ڪين سمجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهيو وڃي ڇو تہ رٽيل ڄاڻ کي ماڻهو ٻڌائي تہ سگهي ٿو مگر عملي زندگيءَ ۾ ان کي استعال نہ ٿو ڪري سگهي. استاد کي گهرجي تہ هو وڌ کان وڌ محنت شاگردن جي سوچڻ جي انداز تي ڪري ائين ڪرڻ سان شاگرد نہ صرف ڪلاس ۾ سکندو پر هو هر جاءِ ۽ هر محفل ۾ سکندو رهندو. پر جيڪڏهن استاد پنهنجي پڙهائڻ جي طريقي ۾ شاگرد سان ڊسڪس ڪرڻ بجاءِ حاڪمانہ رويو اختيار ڪندو ۽ سندس دماغ خالي ٻوري سمجهي ان ۾ پوسو پريندو ويندو تہ شاگرد جون تحقيقي، تخليقي صلاحيتون ڊبجي وينديون ۽ ڪيس اسڪولي معلومات ۽ سرگرميون معنيٰ خيز نہ لڳنديون ۽ پوءِ ويچاري شاگردن کي روايتي ماهرن پاران ڪٽن تي ڪيل تحقيق کي ڪلاس ۾ ٻارن تي لاڳو ڪري ڪين ڪلاسن ۾ واڙي سزا ۽ جزا فارمولن تحت ۽ حسد جي پيداوار غير انساني جذبي ڇتاپيتي يعني competition کي سندن سکڻ جو محرڪ بڻايو ويندو آهي بجاءِ جو ڪيس سکڻ بابت اندروني تڙپ کي اڀارجي . اسان ڪن غليظ ترين لفظن کي ايترو تہ پاڪيزا بڻائي ڇڏيو آهي جو انهن خلاف ٻڌڻ لاءِ ئي تيار ناهيون. استاد سِر عام چوندا ٿا وتن تہ اسان ٻارن ۾ ڪامپيٽيشن ٿا پيدا ڪريون ڇو تہ مارڪيٽ ۾ ڪامپيٽيشن آهي!!.... پوءِ ڪين رشوتخوري، ٺڳي، ۽ دوڪي بازي بہ سيکاري وڃي آهي ۽ ڇيو ويندو آهي تہ مارڪيٽ ۾ اهي شيون عام جام ۽ ڪاميابيءَ جي ضمانت آهن... وري ٻيا پيا چوندا اسان جو وڌ کان وڌ زور ان ڳالهہ تي آهي تہ ٻار ۾ اعتماد پيدا ڪريون پيا. ٻارن ويچارن کي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ بي اعتمادي آهي ان لاءِ ڪين پُراعتماديءَ جي سُٽي پياري وڃي آهي. اها ڳالهہ تہ ڪين ڪو ڄاڻو ئي وڃي ڏسي تہ اهو اعتماد سمجهہ حاصل ڪرڻ جي راهہ ۾ ڪيڏي وڏي رڪاوٽ ٿو وجهي، جوابن، نتيجن تي بي اعتمادي ۽ شڪ توهان کي سکڻ لاءِ اتساهيندو آهي ۽ ماڻهوءَ ۾ تنقدي، تخليقي سائنسي سوچ اڀرندي آهي پر اعتماد هجڻ يا ٿيڻ بذات خود ڪا بري ڳالهہ ناهي پر گهرائي، وسعت ۽ پروڙ کان ڇسو اعتماد جيڪو اڄ ڪلهہ ڪاليجي ٻارن ۾ ڄاڻ بابت حاصل ڪرايل آهي. اهو سندن پروڙ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي ٻار جي ذهن ۾ موضوعن ۽ ڄاڻ بابت اعتماد بجاءِ سوال ۽ مونجهارا پيدا ڪرڻ گهرجن تہ جيئن هو انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سکيا واري عمل کي اڳتي وڌائيندو رهي.

اڄ توهان تعليم جي پاليسي جوڙيندڙن کان وٺي، انتظام سنڀاليندڙن، تعليمدانن، استادن، شاگردن توڙي والدين ۽ تعليم تي ڪم ڪندڙ ٻين ڌرين يا فردن سان تعليم بابت گفتگو ڪندئو تہ انهن ما ن اڪثر ماڻهن جي ڳالهين مان واضح نموني خبر پئي پوندي تہ وٽن تعليم جي تشريح ۽ مقصد فني مهارتون ۽ مخصوص رويا حاصل ڪرڻ آهي ۽ استادن پاران ٿوڦيل پڙهائڻ جي طريقي جي خلاف بہ نظر نہ ايندا. جيڪڏهن والدين يا ڪنهن استاد کان سڌي نموني بہ وڃي پڇبو تہ پڙهجي ڇو ؟ تہ چوندو باقي مال چاريندين ڇا ؟!! _تعليم فقط هنر ۽ فن سکڻ جو نالو ناهي پر تعليمي عمل ۾ فرد جي اخلاقي، سماجي ۽ عقلي نشوونما ٿيڻ لازمي آهي. ان ماڻهوءَ کي تعليم يافتہ نٿو ڪوني سگهجي جنهن وٽ گهڻي ڄاڻ هجي ۽ جيڪو پڇيس ڦر ڦر پيو ٻڌائي پر تعليم يافتہ اهو آهي جيڪو پنهنجي ذهني



**ماستر کي جواب ڏيڻ نہ ايندو پوءِ چوندا پار جاهلاڻا سوال ڪندا آهن. اصل ۾ ڪو بہ سوال فضول يا جاهلاڻو ناهي هوندو پر ان سوال کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي پار کي جيڪڏهن اسڪولي معلومات معنيٰ خيز لڳي تہ پار ۾ سکڻ لاءِ ايڏو تہ تجسس ٿيندو آهي جو هن کان ماني کائڻ ٿي وسري وڃي! تنهن ڪري تہ ڪنهن فلاسافر جو چوڻ آهي تہ Be child if you want to learn يعني جيڪڏهن توهان کي سکڻو آهي تہ ٻار ٿي وڃو**

نقشي ۾ زندگيءَ ۾ علم جي بنياد تي تبديلي آڻي. لطيف جي شعر وانگر تہ:

**پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾**
**پاٽان ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق ورائين وترا**

علم انسان کي سندس ذات جي گهرائين ۾ گهليندو آهي. لفظ تعليم جي معنيٰ ٿي پاڻ پروڙڻ آهي پر اڄ ڪلهہ علم جون وڏيون ڊگريون رکندڙن وٽ ڪامياب زندگيءَ جو تصور سچائيءَ، سنائيءَ، انصاف، حق ۽ سادگيءَ بجاءِ پئسو، قوت، لذت ۽ شهرت آهي. ڇا اسان جنهن تربيت کي تعليم چئون ٿا اهو اسانجو لفظن جو صحيح استعمال آهي؟ فلسفياڻي بحث ۾ پوڻ جي تڪڙ ڪرڻ کان اڳ اچو تہ ٿورو پنهنجي ماضي قريب جي تاريخ کي ڪوٽيون. ننڍي کنڊ تي انگريزن جي حڪومت کان اڳ هتي اسڪول نالي جي ڪاشيءَ نہ هئي ٻارن کي معلم مسجدن ۾، گهرن ۾ يا مدرسن ۾ دين، فلسفو، منطق ۽ رياضي وغيره جو علم سيکاريندا هئا. انگريزن هتي اسڪولن نالي پڪن ڪمرن وارا ڪوٺا ناهرايا ويا جن ۾ ڪي هاءِ اسڪول تائين جو درجو رکندا هئا. انهن مان پاس ٿيل شاگردن کي نظام ۽ نصاب جي ترتيب ڪاري ذريعي هڪ فيڪٽري نما عمل وانگر گذاري هڪ پروڊڪٽ (شي) وانگر ڪيو ويندو هو. انهن اسڪولن جو مقصد رياست لاءِ اهڙا ماڻهو پيدا ڪرڻ هو جيڪي رياست جي ذهن سان سوچي ۽ پنهنجي جسم سان ڪم ڪن. جڏهن پاڪستان نهيو تہ تعليمي سرشتي جي انهيءَ ڪارخانائي طريقي کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو ويو. اڄ نہ صرف تعليم ڪاروبار بڻجي چڪي آهي پر ساڳئي وقت اها ڪاروباري پڻ بڻجندي پئي وڃي. روز توهان کي اخبارن ۾ تعليمي ادارن جا اشتهار نظر مان گذرندا تہ هيترا پئسا خرچ ڪري ڊگري حاصل ڪيو ۽ پوءِ هيترن پئسن واري نوڪري حاصل ڪيو! اهڙي تعليم ۾ برابريءَ واري دعويٰ ڪي ڪاٿي ڳوليون ؟

استاد کي ڪوبہ موضوع پڙهائڻ وقت ان جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ گهرجي، ان بابت مختلف مثال ڏيڻ گهرجن تہ جيئن موضوع بابت حقيقتن جي گهري ڄاڻ جو بنياد پئجي سگهي. گهڻن موضوعن کي مٿاڇرو پڙهائڻ بجاءِ گهٽ موضوعن کي گهرائيءَ ۾ پڙهائڻ گهرجي ان بابت مختلف مثال ڏيڻ گهرجن تہ جيئن موضوع بابت حقيقتن جي ڄاڻ جو مضبوط بنياد پئجي سگهي. گهرائيءَ ۾ پڙهائڻ سان انهيءَ موضوع بابت اهم خيالن ۽ تصورن جي وضاحت ٿي سگهي ٿي ظاهر آهي تہ استاد پاڻمرادو ائين ڪرڻ لاءِ ايترو آزاد ناهي ڇو تہ ڪيس نصاب جي طابع ڪيو ويو آهي پر گهٽ ۾ گهٽ ڪيس اهم موضوعن کي گهرائيءَ ۾ پڙهائڻ گهرجي...ڪنهن بہ موضوع کي گهرائيءَ ۾ پڙهائڻ لاءِ استاد کي نصاب کان ٻاهر بہ وڃڻو پوندو تہ جيئن ان موضوع بابت روايتي ۽ غير روايتي خيالن جي ٻار کي خبر پئجي سگهي، ائين ڪرڻ لاءِ پوين سالن جي ڪتابن کي شامل ڪرڻ بہ ڪارآمد رهندو ڇو تہ مواد جي ديگهہ سبب پوين سالن جون اڪثر ڳالهيون ٻار کان وسري وينديون آهن.

ويهين صديءَ جي وچ واري عرصي دوران نفسيات، روايتي نفسياتدانن behaviorists جي نظرين تائين محدود هئي ۽ سکيا کي فقط خارجي ماحول سان لهہ وچڙ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل ظاهري رويي جي دائري ۾ ڏٺو ويندو هو. پر ڪيترائي نفسياتدان رويي پسندن جي انهيءَ مٿاڇري نقطہ نگاهہ سان متفق نہ هئا، سندن موقف هو تہ رويي پسند نفسيات کي فقط اڻ

ڳنڍيل واقعن ۽ خارجي رويي ۾ جڪڙي وينا آهن جڏهن تہ منظرن کي ڪل جي صورت ۾ ڏسڻ سان ئي صحيح منظر ڪشي ممڪن آهي. انهن سکڻ جي عمل کي سمجهڻ لاءِ انسان جي اندر ۾ جهاتي پائي، خارجي رويي بجاءِ انسان جي ذهني عمل تي غور ڪرڻ شروع ڪيو ٻين لفظن ۾ هنن سمجهڻ جي عمل کي سمجهڻ شروع ڪيو. روايتي ماهرن مطابق سکيا فقط انعام يا حاصلات جي لالچ ۽ سزا ۽ نقصان جي خوف جو نتيجو هئي پر تفهيمي نفسياتدانن مطابق ماڻهوءَ ۾ ڄاڻڻ جي اندروني خواهش ۽ تڙپ هوندي آهي ۽ سکندڙ جي انهيءَ خواهش کي بيدار ڪرڻ گهرجي ۽ ڄاڻ کي سکندڙ لاءِ معنيٰ خيز بنائڻ گهرجي. تفهيمي نفسيات جي ماهر جان پيجيٽ انسان جي ذهني ارتقا جا چار مرحلا ٻڌايا (محسوساتي، ادراڪي، ٺوس عملي ۽ روائتي عملي) آهن. هن مطابق ارتقاجي انهن مرحلن کي پڙهائڻ جي عمل سان ڳنڍي سگهجي ٿو ڇو تہ سکيا ڪڙيون ملائڻ ۽ نتيجا ڪڍڻ جي عمل ذريعي ٿيندي آهي.



گذريل ٽن ڏهاڪن کان ذهن ۽ دماغ تي ٿيندڙ جديد تحقيقي ڪم جي نتيجي ۾ اڄ اسان وٽ تعليمي عمل کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪافي مواد موجود آهي ۽ سکيا جي هڪ نئين ”ٿيوري“ وجود ۾ اچي رهي آهي جنهن وٽ نصاب، پڙهائڻ جي طريقن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي/ حاصلات جانچڻ جا بلڪل مختلف ۽ ڪارآمد طريقا موجود آهن. اڄ کان ٽيهارو ڪن سال اڳ ۾ ذهني عمل تي ٿيندڙ تحقيق ڏانهن تعليمدانن جو گهٽ توجهہ رهيو پرهاڻي دنيا جي ترقي يافتا ملڪن ۾ تفهيمي سائنسدانن جي ڪم کي ادارتي تعليم کي بهتر بنائڻ لاءِ استعمال ۾ آندو پيو وڃي.

سکيا ۽ سکيل مواد جي مختلف صورتحالن ۾ استعمال تي ٿيل تحقيق سان اهڙا اصول دريافت ٿيا آهن جن جي مدد سان سکيا جي ماحول کي بهتر نموني سان ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. علم الانسان، ذهني نفسيات ۽ سماجي نفسيات جي تحقيق انهيءَ ڳالهہ کي واضح ڪيو آهي تہ هر قسم جي سکيا جو عمل مختلف صورتحالن ۾ ٿيندو آهي جنهن ۾ مخصوص قسم جي سماجي ۽ ثقافتي اخلاقيات ۽ اميدون عمل پيرا هونديون آهن ۽ اهي صورتحالون سکيا ۽ سکيل مواد جي استعمال؛ منتقلي تي زوردار نموني اثر انداز ٿينديون آهن. انساني دماغ جي سائنس پنهنجي تحقيق ۾ سکيا دوران دماغي عمل جي اصولن نشاندهي ڪئي آهي جنهن مان اهو واضح ٿيو آهي تہ سکيا دوران دماغ جي ساخت ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙيون تبديليون ٿينديون آهن؛ مغزي ڏورين جا ڪنيڪشن ڪيئن ٽٽندا ۽ جڙندا آهن.

نامولود ٻارن ۾ سکيا جي عمل کي سمجهن جي طريقن ۽ سکيا دوران دماغ جي عمل ۽ حرڪت کي ڏسڻ جي اوزارن جي ايجاد کان پوءِ هاڻي اسان اهو سمجهي چڪا آهيون تہ ٻاروتڻ کان وٺي ئي دماغ ۾ سکيا ۽ سکيل مواد جي اڻ سکيا ڪيئن ٿيندي آهي ٻار يا وڏي کي ڪابہ نئين ڄاڻ يا ڳالهہ ڏبي تہ هو ان کي سندس اڳئين ڄاڻ جي حساب سان ئي سمجهندو ۽ معنيٰ ڪڍندو آهي.



هر اصول بابت تحقيق کي سهيڙي ۽ پوءِ ان مطابق ڪلاس جي ماحول ۾ سکڻ جي عمل کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ تجويزون ڏنل آهن. جيتوڻيڪ هر اصول الڳ الڳ بيان ڪيو ويو آهي پر انهن سڀني اصولن کي هڪٻئي سان لاڳاپي ۽ ڪل جي صورت ۾ ڏٺو وڃي تہ وڌيڪ صحيح سمجهي سگهجي ٿو. اهي اصول تعليمي نصاب ۽ پڙهائڻ جي طريقن لاءِ تفصيلي ڍانچو مهيا ڪن ٿا اسڪولن ۾ سکيا جي ماحول کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ شاگردن ۾ توجهہ، مشاهدو، يادگيري ۽ سمجهڻ جون صلاحيتون موجود هجن گڏوگڏ اهو پڻ لازمي آهي تہ شاگرد پنهنجي سکيا جا ٽارگيٽ ٺاهين ۽ پنهنجي سکڻ جي ذميواري سنڀالين ۽ اهو سڀ ڪجهہ ٻارن جي ڪلاس ۾ دلچسپيءَ سان شامل ٿيڻ کان سواءِ ممڪن ناهي. ڪيترن ئي تحقيقدانن مطابق سماجي شموليت هڪ اهم سرگرمي آهي جنهن ذريعي سکيا جي عمل کي هٿي ملي ٿي، سماجي سرگرمي ۽ شموليت ننڍپڻ ۾ ئي شروع ٿيندي آهي، والدين ننڍڙن ٻارن سان ڳالهيون ڪندا آهن جن جي بنياد تي ٻار ۾ اهڙا رويا پيدا ٿيندا آهن جن ذريعي هو هڪ سماجي رڪن بڻجندو آهي. نفسياتدانن مطابق ٻار سندس اردگرد جي ماحول مان عادتون، سرگرميون ، لفظ ۽ خيال جذب ڪرڻ ذريعي سکندوآهي. اسڪولن ۾ هڪ گڏيل سڏيل هڪ ٻئي سان تعاون وارو ماحول ٻارن جي سکيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، گڏ ڪم ڪرڻ ذريعي ٻار کي سکيا ۾ مدد ملي ٿي. دلچسپ سماجي سرگرميون ٻار کي تعليمي عمل ۾ شامل ٿيڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. ٻار تڏهن ئي سندن گهرو ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺندا آهن جڏهن کين خبر هوندي آهي تہ اهو ڪم کين ڪلاس ۾ ٻين شاگردن يا استاد آڏو پيش ڪرڻو آهي انهيءَ ڳالهہ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ٻار جي ترجيح ڪلاس جو سماج هوندي آهي.

سکڻ جي عمل تي ٿيل تحقيق سان تعليم سان لاڳاپيل فردن جي ڪجهہ ٻين مونجهارن جو پڻ حل مليو آهي مثال طور سيکارڻ جي مختلف طريقن اهو مونجهارو پيدا ڪيو تہ ڪهڙو طريقو ٻين کان وڌيڪ ڪارآمد آهي؟ جڏهن تہ سکيا جي تحقيق مطابق اهڙو سوال ئي غلط آهي اهو پڇڻ ائين آهي جيئن پڇجي تہ واڍڪو ڪرڻ لاءِ ڪارائي اهم آهي، هٿوڙو يا ڪاٺ؟ _ واڍڪي ۾ انهن سڀني اوزارن جي چونڊ ضرورت مطابق ٿيندي آهي. مثال نئين ڄاڻ شاگردن تائين پهچائڻ لاءِ ڪتاب پڙهائڻ تمام ضروري آهي پر شاگرد جي موضوع بابت اڳئين ڄاڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪتاب پڙهائڻ سان ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. يا تجربا ڪرائڻ ذريعي شاگرد جي عملي ڄاڻ کي تہ هٿي وٺائي سگهجي ٿي پر ڪيس لکڻ جو فن نٿو سيکاري سگهجي مطلب تہ انهن مان ڪوبہ طريقو اڪيلي طور تي تصوراتي سمجهہ پيدا ڪري نٿو سگهي جنهن سان ڄاڻ کي عملي زندگيءَ ۾ استعمال ڪري سگهبو آهي. سکندڙ لاءِ سندس سکيا جي خود نگراني ڪرڻ، پنهنجي سکيا جا حدف مقرر ڪرڻ ۽ پنهنجون غلطيون پاڻ درست ڪرڻ ضروري آهي. خود انتظامي جو مطلب اهو آهي تہ شاگردن کي سندن سکيا جي ذميواري سونپڻ گهرجي تہ جيئن هو سمجهي سگهن تہ هو ڪهڙيون غلطيو ن ڪن ٿا ۽ انهن کي ڪيئن درست ڪرڻ گهرجي. خود انتظامي بہ تقريباً ذهني حڪمت عمليون جوڙڻ وانگر ئي آهي فرق صرف ايترو آهي تہ ذهني حڪمت عمليون سکڻ ذريعي ٻار مختلف مسئلا انهن پٺيان ڪارفرما اصولن کي سمجهڻ کان سواءِ ئي حل ڪري سگهي ٿو جڏهن تہ خود انتظامي ذريعي شاگرد اهڙيون حڪمت عمليون جوڙي ٿو جن ذريعي ڪيس سندس سکيا کي پرکڻ ۾ مدد ملي ٿي ۽ هو پنهنجي سمجهہ کي سمجهي سگهي ٿو ۽ پنهنجون غلطيون درست ڪري سگهي ٿو.

خود انتظاميءَ لاءِ شاگرد کي ٻيهر سوچ ويچار ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي تہ هن وقت منهنجا عقيدا ڪهڙا آهن ۽ مان ڪهڙيون ذهني حڪمتِ عمليون استعمال ڪري رهيو آهيان .ٻار ۾ اهڙي سوچ ويچار بحث مباحثي ۽ مضمون لکڻ ذريعي پيدا ٿي سگهي ٿي جنهن ذريعي ٻار پنهنجي راءِ ۽ ذاتي خيالن جو اظهار ڪري سگهندو آهي .سوچ ويچار جو هڪ اهم پهلو اهو بہ آهي تہ عام خيالن ۽ سائنسي ڄاڻ ۾ فرق ڪرڻ اچي . تحقيق مان اها ڳالهہ بہ واضح ٿي وئي آهي تہ شاگرد جي وڌ کان وڌ حاصلات ۽ ڪين پنهنجي سکيا جي خود نگراني، رٿابندي ۽ پاڻ کي پڙهاڻ جا طريقا سيکارڻ لازمي آهي تہ جيئن هو ڪتابن مان ڄاڻ جي روائتي رٽي هڻڻ بجائي ڄاڻ جي ڳولا ۽ ان جي استعمال بابت سوچي. استاد جڏهن واضح ڪندو آهي تہ سبق ۾ شامل نيون ڳالهيون پوين ڳالهين سان ڪهڙيءَ ريت ڳنڍيل آهن شاگرد وڌيڪ گهرائيءَ سان شين کي سمجهي ۽ ياد ڪري سگهندو آهي. استاد کي سبق ۾ موجود اهم ڳالهين ڏانهن شاگردن جو ڌيان ڇڪائڻ گهرجي ڪوبہ اصول سبق يا مواد درجہ بدرجہ هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ پڙهائڻ سان شاگرد صحيح تصوراتي ڍانچو جوڙي سگهندو آهي ۽ منجهس سکڻ جو اتساهہ پڻ وڌندو آهي پر جيڪڏهن شاگرد کي مختلف حقيقتون ۽ ڳالهيون الڳ ڪري غير لاڳاپيل نموني رٽائيون وينديون تہ هو انهن کي صحيح سمجهي ناهي سگهندو نتيجتن سندس دلچسپي گهٽجندي ويندي آهي. پڙهائڻ سان گڏوگڏ ٻار تي اهو پڻ واضح ڪرڻ گهرجي تہ هن ڇا ۽ ڪيترو سکيو آهي ۽ کيس اڃا ڪهڙو مواد ڪيترو ۽ ڪيئن سيکاريو ويندو.... ائين ڪرڻ سان شاگرد سندس سکيا جا حدف ۽ حدون مقرر ڪري سگهندو آهي.

شاگردن کي خود هدايتي، پاڻ کي پڙهائيندڙ ۽ پنهنجي سوچ جي نگراني ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ سان شاگرد وڌيڪ آزاد ۽ چست سکندڙ ٿئي ٿو جنهن سبب هو وڌيڪ حاصل ڪري ٿو ۽ اڳتي هلي سڄي زندگي سکندڙ رهي ٿو. سڌي ريت پڙهائڻ لاءِ استاد جيڪي قدم کڻندو آهي (جيئن ڄاڻ جي رٿابندي ڪرڻ، يعني ڪهڙي مواد کي ڪيترو ٽائيم ڏجي، سکيا جو ڪاٿو لڳائڻ يعني اهو پرکڻ تہ شاگرد ڪيترو سکيو آهي). اهي فن آهستي

آهستي شاگرد کي سيکارڻ سان هو سندس ذهن کان آگاهه ٿيندو آهي ته سکيا دوران سندس ذهن ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي ۽ اهڙي نموني هو بهتر سکندڙ بڻبو آهي. اڪثر شاگردن کي اها اندر جي ڄاڻ ناهي هوندي تنهنکري شاگردن کي سکيا جي نگراني ڪرڻ جو فن سيکارڻ لازمي آهي .

شاگردن پاران سکيا دوران سندن سوچ ۽ سمجهه جي نگراني ڪرڻ سان سندن حاصلات ۾ اضافو ٿئي ٿو. شاگردن ۾ سندن سمجهه جي نگرانيءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ آسان طريقو ڪلاس ۾ بحث مباحثا ڪرائڻ آهي ڪڏهن ڪڏهن شاگرد بغير ڪنهن رهنمائيءَ جي هڪ ٻئي سان بحث مباحثو ڪندا آهن ته ڪڏهن وري استاد سندن رهنمائي ڪندو آهي ڪلاس ۾ تدريسي بحث ڪرائڻ جو مقصد اهو هوندو آهي ته هو سوالن جوابن جي مشاهدي ۽ سوال ڪرڻ سان هو سندن سوچ سمجهه جو تنقيدي مشاهدو ڪرڻ جي لائق بڻجندا آهن ۽ هو سندن سکيا جي نگراني ڪرڻ سکي وٺندا آهن مثال طور شاگرد بورڊ تي ڪو حساب حل ڪري ۽ پوءِ گڏجي سڄي ان حساب جي حل ڪرڻ جي ٻين ممڪنه طريقن تي بحث ڪري سگهن ٿا. ائين ڪرڻ سان فقط فارمولن جي ڦٽنگ کان هٽي ڪري هو وڌيڪ گهرائيءَ ۾ سوچي ۽ سمجهي سگهندا آهن.

ڪارآمد سکيا جو ماحول اهو آهي جيڪو شاگرد مرڪوز، ڄاڻ مرڪوز، پرک مرڪوز ۽ گروهه مرڪوز هجي انهن مختلف ماحولن جا مرڪز ۽ حدف مختلف آهن پر ساڳئي وقت اهي سڀئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن تنهن ڪري انهن سڀني جو هجڻ پڙهائڻ جي بهتر ماحول جي نشاندهي ڪري ٿو . گروهه مرڪوز ماحول ۾ شاگردن جي گروهي مشغولين ۽ بحث مباحثي کي همٿايو ويندو آهي ان ماحول هجڻ ڪري شاگردن ۾ سندن سوچ ۽ سمجهه جي خود نگراني وڌي ٿي .ڪلاس ۾ بحث مباحثي کي همٿائڻ سان ساڳئي وقت سکيا جي عمل کي هٿي ملي ٿي ان ڳالهه جو مطلب اهو ناهي ته سيکارڻ لاءِ ليڪچر هڪ بهتر طريقو ناهي پر بحث مباحثي جو مقصد ڪين سوچرائڻ ، ڪين سکيا جي نگرانيءَ لاءِ همٿائڻ ۽ ڪين خود هدايتي بنائڻ آهي ڇوته شاگرد ۾ تنقيدي سوچ اپارڻ جا مکيه عنصر ڪنهن به هڪ پڙهائڻ جي طريقي سان ممڪنه ناهن هوندا، اصل ۾ جڏهن استاد کي مٿين سڀني سکيا جي اصولن ۽ سکڻ جي عمل جي گهرائيءَ سان ڄاڻ هوندي آهي ته هو پاڻ اهڙا طريقا جوڙي وٺندو آهي جيڪي بهتر سکيا جي عنصرن کي اپاريندا آهن.



## سکڻ ڇا کي چئبو آهي؟

سکڻ جي عمل کي ڪنهن سادي جملي ۾ بيان ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. اسان مان گهڻا ئي اهو سمجهندا آهن ته سڀ ماڻهو هڪجهڙا ناهن هوندا ۽ انهيءَ ڪري سکڻ جي عمل جي ڪا هڪ تعريف نه ٿي ٿي سگهي جيڪا هن مضمون پڙهڻ وارن لاءِ هڪ جامع مفهوم بڻجي سگهي. هر ماڻهو پنهنجي ذاتي صلاحيتن مطابق دنيا کي سمجهندو آهي. توهان اڪثر اهو مشاهدو ڪيو هوندو ته اوهان جڏهن به ڪا نئين شيءِ سکڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي ته شايد اوهان پهريون دفعو ڪنهن ٻئي شخص کان ان شيءِ جي باري ۾ ٻڌڻ پسند ڪيو هوندو ۽ اوهان اهو چاهيندا هوندؤ ته ڪوئي ٻيو ان کي بيان ڪري ۽ توهان ان کي ٻڌو ۽ پوءِ سمجهو. جڏهن ته ڪي ماڻهو ڪنهن شيءِ کي سکڻ لاءِ پڙهندا آهن ۽ اهڙي طرح سکڻ کي اهميت ڏيندا آهن، ڪن ماڻهن کي ڪنهن شيءِ کي سمجهڻ لاءِ عملي ثبوت جي ضرورت پوندي آهي. مختصراً اهو چئي سگهجي ٿو ته سکڻ جي عمل کي ڪنهن هڪ سٽَ ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهجي ڇو ته مختلف ماڻهو مختلف طريقن سان سکندا آهن ۽ اهي اصول وڏن ۽ ننڍن تي يڪسان لاڳو ٿيندا آهن. اسان سکڻ دوران ڪنهن هڪ طريقي سان ناهيون سکندا، هر ڪنهن جي سکڻ جو پنهنجو پنهنجو هڪ مخصوص انداز ۽ طريقو هوندو آهي.

## سکڻ جو حقيقي طريقيڪار:

سکڻ جا تصور سماج جي هڪ وسيع حلقي وٽ هوندا آهن، سکڻ جي باري ۾ موجود عام عقيدي ۽ ڪيترن ئي سالن جي سکڻ جي طريقيڪار جي باري ۾ هن مضمون ۾ ڪافي ڳالهيون ڪيون ويون آهن. مختصراً اهو ته سکڻ جي باري ۾ هيٺ ڏنل فائدي مند شين جو خيال رکيو وڃي:

سکڻ وارو هر انسان ڇا انفرادي پٽي کي اهميت ڏئي ٿو؟

پهرين حاصل ڪيل معلومات ۽ اثرن کي هڪ بنيادي حيثيت سان ڏٺو وڃي جنهن تي سکڻ جي هڪ نئين عمارت ڪڙي ٿيندي آهي.

ٻار پاڻ ئي سکڻ جي مؤثر طريقي Active Learning کي ڳولهي لهندا آهن ۽ اڳتي وڌندا رهندا آهن.

ٻار محفوظ ۽ بغير خوف واري ماحول ۾ ڪنهن به شيءِ جي قدرن کي محسوس ڪندا آهن جتي ان جي جذباتي ۽ جسماني ضرورتن جو خيال رکيو وڃي.

ضروري مهارتن جيئن سوچڻ، مقابلو ڪرڻ، استدلال ۽ سوال ڪرڻ جهڙيون سرگرميون ٻارن کي ان لائق بڻائينديون آهن جو هو سموري عمر هڪ مؤثر سکڻ وارا بڻجي پوندا آهن.

منصوبه بنديءَ لاءِ وقت، منصوبه بنديءَ کي شروع ڪرڻ ۽ ٻين سان گڏ انهن جو موازنو ڪرڻ هڪ مقصد حاصل ڪندڙ حلقي لاءِ انتهائي ضروري آهي. جذبن کي سماجي ربط، باهمي تعلقاتن ۽ ٻين سان ڳالهه ٻوله لاءِ انتهائي اهم سمجهيو ويندو آهي ڇو ته اهي سکڻ جي عمل تي ڀرپور طريقي سان اثرانداز ٿيندا آهن. شاگردن کي سيکارڻ جي تسلسل ۾ استاد جو ڪردار، ترغيب، تحريڪ ۽ سهولتڪار وارو هوندو آهي.

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي آر سي سي پروگرام جي سِري هيٺ نڪتل انگريزي رسالي نرچر جي هڪ مضمون مان هي ٽڪرو کنيو ويو آهي جنهن جي ليکڪا محترمه سعديه عظيم آهي.

# ٻار ڪيئن سکندا آهن يا سندن ناڪام ٿيڻ جا سبب ڇا آهن؟

ذڪيہ مختيار

هن پيراگراف ۾ جان هولٽ هڪ تعليمدان جي حيثيت سان ڪلاس ۾ سکڻ جي عمل تي هڪ گهري نظر وجهندي اسان جي توجهہ انهن طور طريقن طرف ڏيارڻ چاهي ٿو جن جي بدولت اسڪول هڪ اهڙي جڳهہ بڻجي سگهي ٿو جتي ٻار "بيوقف" بنجڻ سکندا آهن. هو چوي ٿو تہ "اسڪول جا عام معاملا ڪجهہ اهڙو ماحول پيدا ڪري سگهن ٿا جتي ٻار غلطيون ڪندي خوف محسوس ڪن ۽ اهڙي طرح هو پاڻ استاد تي ئي ڀاڙڻ سکي وڃن ٿا ان طرح سان ٻارن جي خود اعتمادي ۾ ڪمي اچڻ شروع ٿي ويندي آهي انهن کي پنهنجي راءِ يا خيال تي ايترو ڀروسو ناهي رهندو تہ هو پنهنجي غلطين کي پاڻ درست ڪري سگهن." ناڪامي جي ان خوف جي بدولت اسڪول انهن جي نظرن ۾ ڪائي اهڙي جڳهہ ناهي رهي سگهندو جتي هو پنهنجي علم ۽ تجسس کي ڪم ۾ آڻي سگهن بلڪ ان خوف جي بدولت انهن جون خوبيون خاصيتون دٻجي وينديون آهن جنهن کي هولٽ اسڪول جي بيوقوفي چوي ٿو. هولٽ اسڪولن جي لاءِ هي پغام ڏئي ٿو تہ اهي اهڙين جڳهن ۾ تبديل ٿين جتي ٻارن ۾ خود انحصاري ۽ خود اعتمادي جي لاءِ حوصلہ مندي سيکاري وڃي جيئن اهي ٻار چئي سگهن تہ:

"مون ڏٺو ، مون سمجهيو ۽ مان ڪري سگهان ٿو/ٿي."

اسان کي ٻارن جي انهن صلاحيتن کي خاص طور تي مدِ نظر رکڻ گهرجي تہ جيئن اهي پنهنجي غلطين جو تدارڪ ڪري سگهن انهن کي تلاش ڪري درست ڪري سگهن ۽ اهي وقت گهرن ٿيون ۽ اهو ذهني خلفشار ۽ دٻاءُ ۾ ڪنهن بہ طرح سان ممڪن ڪونهي پر اسڪول ۾ اسان هن اهم ڪم کي پُٺتي اڇلائي ڇڏيندا آهيون ۽ ان تي ڪنهن بہ قسم جو ڌيان ناهيون ڏيندا. جڏهن بہ اسڪول ۾ ڪوئي ٻار ڪا غلطي ڪندو آهي تہ ان کي پنهنجي ئي ماحول مان واضح اشاره ملڻ شروع ٿي ويندا آهن مثلاً: سبق پڙهندي ٻار ڪا غلطي ڪئي تہ ٽيچر ان کي ڪاوڙ يا عجيب نظرن سان ڏسندو، ڪي ٻار وات کي هٿ ڏيندا، ڪي ٻار آآآ جو آواز ڪندا، ڪجهہ ٻار کلڻ شروع ڪندا وغيره ۽ سبق پڙهندڙ کي اهو محسوس ڪرائيندا تہ اسان توکان وڌيڪ ڄاڻو ٿا جڏهن ٻار کي اهو احساس ٿئي تہ مون کان "بيوقوفي" سرزد ٿي آهي ۽ هو اهو بہ ڄاڻي تہ اها ڳالهہ ٻيا ٻار بہ ڄاڻين ٿا تہ ان صورتحال کان جيڪو بہ دوچار ٿيندو تہ هو شديد خوف ۽ ندامت محسوس ڪندو جيڪو ان جي فڪري صلاحيتن کي مفلوج ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو.

اڪثر ڪري ائين ٿيندو آهي تہ اسان ٻارن کي انهن جي ڪيل غلطين جو پاڻ احساس ڏيارائيندا آهيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن احساس ڏيارڻ سان گڏوگڏ انهن غلطين کي درست بہ ڪرائيندا آهيو. تنهن ڪري ٻار ۾ اها صلاحيت پيدا ناهي ٿيندي تہ پنهنجي غلطين کي درست ڪري سگهي يا وري هيئن چوڻ مناسب ٿيندو تہ هو اسان ٻار جي ان صلاحيت کي ئي ختم ڪري ڇڏيندا آهيون، ان جو اهو احساس ئي دٻجي ويندو آهي تہ ان ۾ اها ڪا مهارت آهي، هئي يا ڪڏهن پيدا بہ ٿي سگهندي. استادن جي تمام اهم ڪمن مان هڪ هي بہ آهي تہ هو شاگردن کي ٻين تي انحصار گهٽ کان گهٽ ڪرڻ سيکارين هو انهن کي اهڙا موقع وڌ کان وڌ ڏين جن ۾ هو پنهنجي لاءِ درست رستن جو پاڻ انتخاب ڪري سگهن ۽ انهن کي سمجهي بہ سگهن.

هي هڪ پريشان ڪندڙ حقيقت آهي جنهن کان فرار ممڪن ناهي تہ گهٽي



حد تائين اسڪول هڪ اهڙي جڳهہ بڻجي چڪا آهن جتي ٻار "بيوقوف" بڻجڻ سکن ٿا اهي معصوم هرگرز "بيوقوف" ناهن. ننڍڙا ٻار زندگي سان پيار ڪندا آهن ۽ ان جي مڪمل توجهہ چاهيندا آهن ان لاءِ ٻار ان عمر ۾ وڌيڪ سکندا آهن ۽ سنا ساتي ثابت ٿيندا آهن بي توجهي، بوريت ۽ بي حسي جهڙن عملن سان ٻار دير سان متعارف ٿيندا آهن جڏهن ٻار اسڪول ايندا آهن تہ اهي متجسس هوندا آهن ۽ ڪجهہ ئي سالن ۾ انهن جو اهو سڄو تجسس ختم ٿي ويندو آهي پهرين يا ٽين ڪلاس جي ڪنهن ٻار کي سوالن ڪرڻ تي آماده ڪري تہ ڏسو توهان حيران و ششدر رهجي ويندؤ تہ پنجين ڪلاس جي ٻارن وٽ پهرين يا ٽين ڪلاس وارن جي نسبت سوال ئي نہ هجن يا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي توهان کان سوال پڇن ئي نہ ڇو تہ انهن کي اهو اندازو ٿي چڪو هوندو آهي تہ سوال ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟

بوريت ۽ رڪاوٽ، خوف وانگر اسڪول ۾ "بيوقوفي" پيدا ڪرڻ جو سبب ٿي سگهن ٿيون تنهن ڪري ٻار کي اهڙا سوال يا ڪم ڏيو جن کي ٻار انجام ڏيئي سگهي. ٻار ائين ڪرڻ سان خوفزده ٿئي، رڪاوٽ وجهي، آمادگي ظاهر ڪري ڀربور بہ ٿي وڃي. صرف پنهنجي ٿوري توجهہ، توانائي ۽ قابليت کي استعمال ڪندي ٻار اهو ڪم ڪري وڃي. ٻارن کي پڙهائڻ وقت انهن جي توجهہ انهن جي دلچسپي کي سامهون رکندي حاصل ڪري سگهجي ٿي. ٻارن کي مختلف طريقن سان پڙهائڻ گهرجي جن ۾ هو جلدي بور نہ ٿين ۽ انهن جي ذهني نشوونما ٿئي. هڪ ٻار ان وقت ئي لائق ترين ٿيندو جڏهن هن جي توجهہ، دلچسپي ۽ ڪم ۾ وڌي چڙهي حصو وٺڻ واريون خصوصيتون پيدا ڪري. مختصر طور تي اهو تہ جڏهن ٻار کي اهو احساس ٿي وڃي تہ هو ڇا ڪري رهيو آهي ۽ پاڻ ان جو خيال رکي سگهي تہ ان وقت ان جي قابليت بلند درجي تي هوندي ان ڪري اسان کي اسڪول جي طبعي ماحول ۽ ڪمن کي ٻارن لاءِ دلچسپي ۽ پرتجسس بڻائڻ کپي. ان جو مقصد اسڪول کي صرف هڪ خوشگوار جڳهہ بنائڻ ئي ناهي پر ان طرح سان ٻار پنهنجي قابليت جو مظاهرو ڪري سگهندا ۽ ان سان گڏوگڏ ان ۾ پنهنجي قابليت جي مظاهري جي عادت پختي ٿيندي. اسڪول ۾ بوريت ۽ خوف جي معاملات جا نتيجا هڪجهڙا هوندا آهن اهي معاملا ٻارن کي بي ـوقوفي سان پيش اچڻ لاءِ تيار ڪندا آهن.

نوٽ: هتي "بيوقوفي" مان مراد ڪائي مزاحيہ خيزي ناهي پر اها فڪر انگيز صورتحال آهي جنهن ۾ ٻار استاد تي مڪمل طور ڀاڙڻ سکن ٿا.

# ايچ ايم خوجا جنھن تعليم ۽ تدريس لاءِ پاڻ وقف ڪري ڇڏيو!

مختيار چانڊيو



هر معاشري جي ترقي، سڌاري واڌاري، بقا ۽ اوسر ۾ هميشہ ڪان استادن جو وڏو هٿ رهيو آهي ۽ اها حقيقت بہ آهي تہ جنھن بہ معاشري ۾ استادن محنت ڪري پنھنجو پاڻ ملهايو آهي اهو معاشرو ترقي جي بلند آسمان کي ڇهي ٿو. جڏهن آمريڪا جاپانا جي ٻن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽم بم ڪيرايا ۽ اتي وڏي تباهي آئي تہ سموري دنيا جي ماڻهن جي وات تي صرف هڪ ئي جملو هيو تہ جاپان تباهہ ٿي ويو، پر جاپان جي اڳواڻن بردباري جو مظاهرو ڪندي پوري دنيا کي وڏي اعتماد سان اهو چئي خاموش ڪرائي ڇڏيو تہ"جاپان تباهہ ناهي ٿيو جو تہ اسان جا عالم اجا زنده آهن." جن قومن جا عالم محنتي ۽ ذهين هوندا آهن اهي قومون ٻين تي حڪومتون ڪن ٿيون. اسان وٽ بہ ڪجھ اهڙا استاد آهن جن پنھنجي محنت ۽ لياقت سبب معاشري ۾ وڏي تبديلي آندي آهي حالانڪہ انھن جو تعداد تمام گهٽ آهي پر ان تعداد ۾ جيڪي آهن سي پارس آهن جن جنھن بہ لوهہ جي ٽڪري کي ڇهيو ان کي سون بڻائي ڇڏيو. اهڙن عظيم ۽ باڪمال استادن مان نوابشاهہ جو محترم "ايچ ايم خوجا" صاحب بہ هڪ آهي جنھن پنھنجي اڻ ٿڪ محنت سان نوابشاهہ جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو.
خوجا صاحب هڪ لائق ۽ باصلاحيت تعليمي ماهر هيو جنھن جون تعليم جي ميدان ۾ ڪيل خدمتون هڪ يادگار جي حيثيت رکن ٿيون. ايچ ايم خوجا (حاجي خان پٽ مهر علي خوجا) 8 آڪٽوبر 1907ع تي ٽنڊي باگي ۾ پيدا ٿيو.

سندس والد صاحب مهر علي خوجا ٽنڊي باگي جو هڪ وچولي سطح جو واپاري هو. خوجا صاحب پنھنجي پرائمري ۽ ثانوي تعليم ٽنڊي باگي ۾ حاصل ڪئي ان ڪانپوءِ بي اي ڪري 1932ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ نائب ماستر جي حيثيت سان استاد مقرر ٿيو. بعد ۾ ٻين مختلف شهرن ۾ استاد جافرائض سرانجام ڏنائين تنھن ڪانپوءِ 1936ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ اي وي اسڪول نوابشاهہ جي چارج سنڀالي ۽ هيڊ ماستر جي حيثيت ۾ ڪم شروع ڪيو. جنھن وقت خوجا صاحب کي اي وي اسڪول جون ذميواريون ڏنيون ويون ان وقت اسڪول کي ڪافي مشڪلاتون هيون پر خوجا صاحب جي محنت ۽ سچائي سان ان اسڪول جا مسئلا حل ٿيندا ويا ۽ 1940ع ڌاري هن اسڪول جو درجو وڌائي ان کي هاءِ اسڪول بڻايو ويو. ان ڪانپوءِ خوجا صاحب شاگردن جي تڪليفن کي محسوس ڪندي مختلف ماڻهن سان ملي ڪري اسڪول جي لاءِ هڪ هاسٽل جو انتظام ڪيو. خوجا صاحب گلن جو بہ وڏو شوقين ۽ قدردان هو

خوجا صاحب اسڪول جي اندر "خوجا گارڊن" جي نالي سان پارڪ ٺهرايو، جنھن ۾ مختلف جنسن جا گل رڪرايائين ۽ اهو باغ مغليہ دؤر جي شالامار باغ جهڙو ڏيک ڏيندو هو.

خوجا صاحب نہ صرف تعليمي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون پر آزادي جي تحريڪ ۾ پاڻ ملهايو ۽ خاص طور سان نوابشاهہ شهر ۽ ضلعي جي ماڻهن ۾ قوميت ۽ آزادي جو روح ڦوڪيو. خوجا صاحب کي جنون جي حد تائين اسڪول ۽ تعليم سان عشق هو. ڪيس هر گهڙي هر پل اسڪول جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ اڻ ٿڪ هوندي هئي. پاڻ هڪ بهترين منتظم ۽ ماهر تعليم هو. خوجا صاحب ۾ خلوص سچائي ايمانداري ۽ اورچائي جا جذبا ڪمال جي حد تائين موجود هيا تنھن ڪري علائقي جا سڀ ماڻهو ساڻس سهڪار ڪندا هيا. ڪيس جنھن بہ شي جي ضرورت پوندي هئي اها سندس هڪ اشاري تي مهيا ڪئي ويندي هئي. خوجا صاحب پوري ڄمار ان ڪري شادي نہ ڪئي تہ متان شادي ڪانپوءِ اسڪول ۽ شاگردن کان ڌيان هٽي وڃي ۽ ان ڪري اسڪولي شاگردن کي پنھنجو اولاد مڃيندو هو. غريب شاگردن کي پڙهائي جاري رکڻ ۾ مڪمل مدد ڪندو هو. خوجا صاحب جي ذاتي ڪوشش سان نوابشاهہ ۾ چار تعليمي ادارا وجود ۾ آيا جن ۾ ايچ ايم خوجا (جي پي) هاءِ اسڪول، اپوا ڪي جي هاءِ اسڪول، ايچ ايم خوجا (پرائيويٽ) هاءِ اسڪول ۽ ايچ ايم خوجا گرلس اسڪول شامل آهن. ان کان علاوه هڪ يونيورسٽي قائدِ عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي، هڪ گرلس ميڊيڪل ڪاليج ڊگري ڪاليج، اٺ هاءِ اسڪول، ٽي مڊل اسڪول، ڏهہ پرائمري اسڪول ۽ ڪيترائي ڪي جي اسڪول سندن ڪوشش جو ثمر آهن. خوجا صاحب هڪ روشن خيال انسان هو سندس دلي خواهش هئي تہ نظر انداز ڪيل انسانن جي اولاد کي تعليم ڏيئي ڪين معاشري ۾ عزت ڀريو مقام ڏيارجي تہ جيئن اهي عزت واري زندگي گذاري سگهن . هو پنھنجي ان مقصد ۾ سو سيڪڙو ڪامياب ويو. خوجا صاحب هزارن جي تعداد ۾ قابل شاگرد پيدا ڪيا جيڪي وڏن عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن سندس نصب العين "خدمت ۽ قرباني" هو جن تي پاڻ زندگي جي آخري گهڙين تائين عمل ڪندو رهيو. خوجا صاحب 1972ع ۾ رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ بورڊ آف انٽر ميڊيئٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، حيدرآباد جو چيئرمين مقرر ٿيو. پاڻ ست سال ان عهدي تي فائز رهيو. نوابشاهہ شهر جي عوام کي خوجا صاحب تي جيترو بہ ناز ڪرڻ گهرجي تہ اهو جڳائي ٿو. نوابشاهہ شهر واسي ڪڏهن بہ هن تعليمي مرد مجاهد جي احسانن جو بار لاهي نٿا سگهن. خوجا صاحب کي تعليمي ميدان ۾ سندس ڪيل خدمتن عيوض ڪيترائي ايوارڊ ڏنا ويا جن ۾ اولڊ بوائز ايسوسيشن طرفان سونو تاج، فيلڊ مارشل ايوب خان ڪيس تمغہ خدمت جي اعزاز سان نوازيو، صدر فاروق لغاري "پرائيڊ آف پرفارمينس" جو ايوارڊ ڏنو، ميونسپل ڪاميٽي نوابشاهہ طرفان ڪيس نواب شاهہ شهر جي چابي ڏني وئي، فيض محمد ويلفيئر هاسپيٽل طرفان ڪيس سونو تاج پهرايو ويو، ان کان علاوه بيا بہ ڪيترائي ايوارڊ مختلف تنظيمن طرفان سندس خدمتن عيوض ڏنا ويا. سنڌ جي هن عظيم استاد 20 سيپٽمبر 1999ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس تعليمي يادگار اڄ بہ موجود آهن ۽ خوجا صاحب جي ياد تازا ڪري رهيا آهن. ڪاش! سنڌ جو هر استاد هن مثالي استاد جي نقش قدم تي هلي تہ هوند اسان جا تعليمي ادارا دنيا جي بهترين ادارن ۾ ليکجن.




# اچو تہ تعليم ۽ استاد جي اهميت کي سڃاڻون ....

تمثيلہ سومرو

ٻين جنگ عظيم ۾ چرچل پنهنجي قانون جي وزير کان پڇيو: ”ڇا اسان جون ڪورٽون عوام کي انصاف فراهم ڪري رهيون آهن..؟؟“ تنهن تي وزير چيو: ”ها بلڪل ماڻهن کي انصاف ملي پيو ۽ ڪورٽون پنهنجو ڪم احسن طريقي سان سرانجام ڏين پيون...“ وري چرچل وزيرِ تعليم کان پڇيو: ”ڇا اسان جن اسڪولن ۾ استاد بهتر ۽ معياري تعليم مهيا ڪري رهيا آهن..؟؟“ تنهن تي تعليم جي وزير چيو: ”جي اسان جن اسڪولن ۾ استاد باقائدگيءَ سان تعليم مهيا ڪري رهيا آهن ۽ اسان جا ٻار معياري تعليم جي زيور سان آراستہ ٿي رهيا آهن...“ تنهن تي چرچل چيو: ”تہ پوءِ مون کي ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ ناهي ۽ پڪ سان ٿو چوان تہ اسان ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي تباهين مان پار پئجي ويندا سين...“

ساڳئي طرح ٻين جنگ عظيم ۾ جاپان جي هيروشيما ۽ ناگاساڪي شهرن تي ائٽم بم ڪيرايا ويا. انهن جي تباهيءَ جا اثر اڄ ڏينهن تائين موجود آهن ۽ جاپانين جا گهاءَ اڃان تائين بہ ناهن ڇٽا. پر دنيا ڇاڻي ٿي تہ جاپان روئڻ ۽ پٽڻ بجاءِ نہ صرف ان تباهيءَ جي ڏٻڻ مان پنهنجي جند کي آزاد ڪرايو پر ان سان گڏوگڏ جاپان معاشي حوالي سان دنيا جي هڪ ناقابلِ تسخير طاقت پڻ بڻجي پيو.

دنيا جي انهن ٻن وڏين قومن جي ترقيءَ جو راز ڪهڙو آهي..!!؟؟ يا پاڻ جيڪڏهن دنيا جي ترقي يافتہ قومن جو مجموعي جائزو وٺون تہ پاڻ کي ان ڳالهہ جي شاهدي آسانيءَ سان ملي ويندي تہ اهو راز آهي: ”تعليم جو فروغ ۽ تعليم جي ڇيچ پڪڙي هر ميدان ۾ ڪمال ڪري ڏيکارڻ...“ تاريخ اسان کي ٻڌائي ۽ سيکاري ٿي تہ هن دنيا جي ترقيءَ جو راز مسلسل علم جي کوجنا، ڳولها ۽ ان جو ڀرپور استعمال ئي آهي نہ کي جنگيون، جهيڙا، داداگيريون ۽ هٺ ڌرميون. جن قومن جنگي حالتن مان نڪري پنهنجون صفون سڌيون ڪري امن جي رستي تي هلندي هر ميدان ۾ تعليم جي وسيع تر ڦهلاءَ کي ممڪن بڻايو اڄ انهن قومن جا ڳاٽ اونچا آهن، اڄ انهن قومن وٽ سماج جي معتبر ترين شخصيتن ۾ استاد جو ذڪر سرِ فهرست آهي ۽ اڄ اهي قومون ئي علم، عقل، فهم، فراست، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ڏِ تي ترقيءَ جي راهن جا علمبردار بڻجي سموري دنيا کي پنهنجي پٺيان هلڻ تي مجبور ڪريو ويٺا آهن.

ترقيءَ جو بنيادي نقطو اهو آهي تہ جيڪڏهن اسان کي اڳتي وڌي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻو آ تہ ان لاءِ نہ صرف اسان کي دنيا جي موجوده حالتن مطابق پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو پر اها بہ حتيٰ الامڪان ڪوشش ڪرڻي پوندي تہ اسان علم جي ڪنهن بہ مقام تي دنيا کان پوئتي نہ رهون، ڇو تہ هي دور ٽيڪنالاجي، ڪميونيڪيشن ۽ علم جي بنياد تي بهتر کان بهتر ڪم ڪري ڏيکارڻ جو دور آهي. اسان جي ملڪ ۾ تعليم جي جيڪا صورتحال آهي تنهن کي تمام گهڻو بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي بلڪہ ائين چئجي تہ موجوده تعليمي نظام کي ڊاهي ڪري هڪ اهڙو تعليمي نظام متعارف ڪرائڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ ڪا بہ مت ڀيد نہ هجي، جنهن ۾ تعليمي جي رسائي جي حوالي سان ڪنهن بہ ٻٽي معيار جي ڪا گنجائش نہ هجي ۽ جنهن جو بنياد دورِ جديد جي عين تقاضائن مطابق هجي. اهڙي قسم جو تعليمي نظام اسان جون حڪومتون لاڳو ڪن تنهن جا بنياد پئجي چڪا آهن ۽ عالمي ۽ ملڪي سطح جي ضرورتن کي مدِنظر رکندي اسان جي تعليمي نظام ۾ ڪجهہ سڌارا آندا ويا آهن پر اڃان بہ پنڌ گهڻو اڳتي آهي ۽ ان اَمر جي سخت ضرورت آهي تہ جيترو جلدي ٿي سگهي اوترو جلدي اسان پنهنجي تعليمي نظام کي بهتر کان بهتر ڪريون. اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ تعليم جو معيار ايترو تہ ضرور هجڻ گهرجي جو دورِ جديد جون تقاضائون پوريون ڪري سگهجن. مان سمجهان ٿي تہ حڪومت پنهنجو ڪم ڪري پئي ۽ اڳ يا پوءِ حڪومت کي تعليمي ميدان ۾ سڌارا آڻڻا پوندا ڇو تہ ان کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي.

هڪ صحتمند معاشري جي خواب جي حاصلات جو دروازو علم جي دنيا ڏانهن وڃڻ سان ئي کلندو آهي ۽ علم جي ان دنيا جي دروازي جي چاٻي استاد آهي، ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن پاڻ ائين چئون تہ ڪنهن بہ سماج، ملڪ يا قوم جي ترقيءَ جو بنياد هڪ بهتر استاد ئي آهي تہ اها ڳالهہ ڪنهن بہ حوالي سان غلط نہ چئبي. ڇو جو اسان مجموعي طور تي هڪ اُستاد جي هٿ ۾ ئي پنهنجي ملڪ جو مسقبل ٻارن جي صورت ۾ سونپيون ٿا، جن جي ذهنن جي پرورش، سوچن ۽ ترقيءَ جي سپنن جي دنيا استاد ئي جوڙي ٿو. اهو استاد ئي آهي جنهن جي هٿ پرورش هيٺ اڄ جا ٻار سڀاڻي جا ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، سياستدان، بينڪر، سرڪاري ۽ غير سرڪاري اعليٰ ۽ ننڍا عملدار، واپاري، قانوني ماهر، زرعي ماهر، زميندار، ٽيڪنالاجي جي دنيا جا بي تاج بادشاهہ ۽ ڪمپيوٽر جي ڪلهن تي سوار ٿي ڪارنامہ ڪري ڏيکاريندڙ، مطلب تہ سماج ۾ موجود هر فرد استاد جي هٿن مان ئي گهڙجي، نهي ۽ بهتر ٿي نڪري ٿو ۽ پنهنجي گهر، ملڪ، قوم ۽ انسانيت جي خدمتن لاءِ پنهنجين خداداد صلاحيتن کي استعمال ڪري ٿو.

معياري تعليم جي ڪوٽ ۾ هڪ بهتر استاد جي تصور کي ذهن ۾ رکندي اچو تہ پاڻ موجوده صورتحال جي پسمنظر ۾ رهندي تعليم جي ميدان ۾ هڪ "بهترين استاد جي ذميدارين ۽ اهميت" تي نظر وجهون. هڪ "بهترين استاد جا معيار ۽ خوبيون" ڪهڙيون آهن جن جي استعمال سان هو معياري تعليم جي حاصلات کي ممڪن بڻائيندو آهي. هڪ بهترين استاد پنهنجي اسڪول جي شاگردن لاءِ هڪ پسنديده ۽ مثالي شخصيت وانگر هوندو آهي ڇا لاءِ تہ اسڪول اندر شاگرد ۽ استاد جو تعلق سڌو سنئون شاگرد جي سماجي ۽ ذاتي زندگي ۽ رويـن تي اثرانداز ٿيندو آهي. هڪ بهترين استاد ۾ هيٺ بيان ڪيل تي خصوصيتن هجڻ گهرجن جيڪي شروعات ۾ هڪ استاد لاءِ اپنائڻ ڪجهہ ڏکيون تہ آهن پر انهن جي اهميت تمام گهڻي هجڻ ڪري انهن خوبين کانسواءِ هڪ استاد جي شخصيت جھڙوڪر نامڪمل آهي:



1. ذاتي خصوصيتون

Personal Qualities:

- استاد جو رويو پنهنجي شاگردن ڏانهن هڪ مهربان ۽ شفقت وارو هجڻ گهرجي
- استاد ذهن جو ڪليل ۽ دل ۾ شاگردن لاءِ سخي هجڻ گهرجي (رويـن ۽ مزاجن جي حوالي سان)
- استاد پنهنجي پيشي سان ايماندار هجڻ گهرجي
- هڪ بهترين استاد جي شخصيت ڪِل مُڪ هجڻ گهرجي
- سندس شخصيت ۾ ايتري بردباري هجي جو هو هر قسم جي شاگردن کي صحيح نموني سنڀالي سگهي
- هڪ سٺي استاد جي زبان ڪڏهن بہ شاگردن يا ڪمزور شاگردن لاءِ چڙ ڏيارينڌڙ يا طعنن تي مشتمل نہ هجي
- ٻارن سان استاد جا بهترين لاڳاپا هجڻ گهرجن پر جتي ضرورت پوي اتي ڪنٽرول پڻ ڪجي
- استاد کي گهرجي تہ هو پنهنجن مزاجن ۽ رويـن ۾ سادگي ڏيکاري ۽ فينسي ڪپڙن يا ڏيک ويک کان پاسو ڪري (خاص ڪري عورت استاد). ڪين گهرجي تہ هو هميشہ قابلِ قبول يا ثقافتي گهرجن مطابق پنهنجي علائقائي حالتن کي مدِنظر رکي ڪپڙا پهرين

2. فردن وچ ۾ باهمي خاصيتون:

Interpersonal Qualities:

- هڪ بهترين استاد هڪ سٺو ٻڌندڙ هوندو آهي
- اسڪول جي حدن اندر شاگردن يا پنهنجي استاد دوستن سان ڪڏهن بہ وڏي آواز سان نہ ڳالهائي
- هميشہ زندگي، شين ۽ رويـن جي مثبت پهلوئن تي ڳالهائي ۽ انهن کي اجاگر ڪري
- اسڪول يا ڪلاس جي حوالي سان پنهنجي روز جي ڪمن لاءِ پرپور طريقي سان تيار ٿيل هجي
- اسڪول ۽ ڪلاس ۾ وقت جو پابند هجڻ گهرجي

3. پيشہ وارانيون خاصيتون:

Professional Characteristics:

- هڪ بهترين استاد نصاب جي پڙهائڻ وارن طريقن ۽ نصاب جي موضوعن جي پسمنظر، پيشمنظر، تاريخي ۽ حقيقي پهلوئن کان باخبر هجڻ گهرجي
- استاد کي ان ڳالهہ جي خبر هجڻ گهرجي تہ جيڪو ڪجهہ هو سيکاري ۽ پڙهائي رهيو آهي ان جي وابستگي شاگردن جي ماحول ۽ حقيقي دنيا سان هجڻ گهرجي
- استاد کي اها خبر هجڻ گهرجي تہ شاگرد جي لڪل قدرتي صلاحيتن کي ڪيئن اپارجي ۽ ڪيئن ڪيس ان قابل بڻائجي جو هو پنهنجي ذهني صلاحيتن ۽ قابليتن کي زندگي جي هر دور ۾ پاڻ نکاري
- استاد کي ان ڳالهہ جي خبر هجڻ گهرجي تہ شاگرد ڪيئن پنهنجي ذاتي سکيا ۽ ماضيءَ جي تجربن کي زندگيءَ جي حقيقي حالتن سان سلهاڙيندا آهن ۽ ان سان گڏ استاد کي پڻ ان ڳالهہ جي خبر هجڻ گهرجي تہ ڪلاس اندر جيڪو ڪجهہ شاگردن کي سيکاريو ويندو آهي اهو شاگردن جي ٻولي، سکيا، سماجي ۽ معاشي ماحول تي ڪيئن اثرانداز ٿئي ٿو
- هڪ بهترين استاد ان ڳالهہ کان چڱي طرح واقف هجڻ گهرجي تہ هڪ شاگرد جون سندس سماجي، معاشي، جذباتي ۽ جسماني پسمنظر (معذور شاگرد) جي حوالي سان ان شاگرد جي شخصيت ۾ سکڻ جون ڪهڙيون قابليتون هونديون آهن
- شاگردن کي عالمي قدرن جھڙوڪ: اتحاد، انصاف، ڀائيچارو، برابري، برداشت ۽ ونڊي ورهائي کائڻ جھڙين خوبين کان آگاهي ڏيڻ ۽ سندس شخصيت ۾ اهي خوبيون پيدا ڪرڻ گهرجي
- هڪ بهترين استاد پنهنجي ملڪ جي قومي نصاب جي معيار ۽ هر ڪلاس جي نصاب جي ضرورتن کان باخبر هجڻ گهرجي
- ڪلاس اندر هر مضمون جي حوالي سان سيکارڻ جي مختلف مهارتن، انهن جي اهميت ۽ بهترين استعمال کان پڻ واقف هجي
- هڪ بهترين استاد شاگردن جي ماضي جي سکيا ۽ نشونما واري عمر جي ضرورتن مطابق سيکارڻ جون مختلف حڪمتِ عمليون ترتيب ڏئي سگهي
- هڪ بهترين استاد کي ڪلاس روم جي سکيا جو اهڙو ماحول ترتيب ڏيڻ گهرجي جنهن ۾ هڪ شاگرد مثبت ۽ بامقصد انداز سان زندگيءَ جون سموريون مهارتون سکي سگهي

اسان کي اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ استاد هڪ پيغمبرانڊو پيشو آهي ۽ جيڪو اُستاد نبين جي پيشي سان غداري ڪري ٿو، اصل ۾ اهو پنهنجي وجود، گهر، معاشري، ملڪ ۽ قوم سان غداري ڪري ٿو. هن وقت اسان کي، اسان جي معاشري، قوم ۽ ملڪ کي انهن بهترين استادن جي سخت ضرورت آهي جيڪي هن قوم جي تقدير بدلائڻ ۾ ذميداريءَ سان هڪ بنيادي محرڪ جو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. اچو تہ اسان سمورا استاد پنهنجي اهميت کي سڃاڻون ۽ مٿي بيان ڪيل خوبين سميت هر اها خوبي اپنايون جنهن سان اسان جا هن وقت ۽ ايندڙ وقت جا نسل پنهنجو سِر فخر سان مٿي ڪري اسان کي سلام ڪري چون: "هي آهن اسان جا استاد جن جي چپر ڇانءَ ۾ اڄ اسان دنيا ۾ جاتا ۽ سڃاتا وڃون ٿا..."



# ٻچا ٻار اسانجن حڪمن مطابق سڪندا آهن!

سجاد گهلو

مون کان ڪنهن دوست پڇيو: ”يار جيڪڏهن هڪ استاد سمورا مضمون ڪو نه ٿو پڙهائي سگهي ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته توهان هڪ شاگرد منجهان اها اميد رکو ته هو سمورا مضمون نه صرف پڙهي پر انهن سمورن مضمونن ۾ موجود مواد کي سمجهي ۽ پوءِ توهان جي خواهشن مطابق ان جو بهترين نتيجو به ڏئي..!! ڇا اهو هڪ ٻار سان سراسر ڪليو ظلم نه آهي..!!؟؟“ ان کان اڳ جو مان پنهنجي ان دوست جي ان ڳالهه سان سهمت ٿيان يا اختلاف رکان، مان اهو بهتر سمجهيو ته ڇو نه انهن سمورن پاسن ۽ پهلوئن کي سمجهجي ته: ”ڇا واقعي ٻار اسان جي طئه ڪيل رٿابندين، حڪمتِ عملين ۽ حڪمن مطابق سڪندا آهن..!!؟؟“

انهيءَ نقطي تي سوچڻ ڪانپوءِ مان ان نتيجي تي پهتم ته نه ائين ته بلڪل به نه آهي ۽ ٻار اسان جي طئه ڪيل اصولن، طريقن، رٿابندين ۽ حڪمتِ عملين تحت ناهي سڪندو بلڪه ٻار ته پنهنجي طئه ڪيل اصولن، طريقن ۽ رٿابندين تحت سڪندو آهي. اچو ته ان ڳالهه جو جائزو هيئن وٺون؛ منهنجي خيال ۾ اسان مان هر هڪ ماڻهوءَ جي گهر ۾ ٻار موجود آهن يا وري اسان مان هر هڪ ماڻهوءَ جو ٻارن سان زندگيءَ جو ڪو نه ڪو حصو ضرور سلهاڙيل رهيو آهي ۽ اسان مان هر هڪ ماڻهوءَ جو اهو تجربو رهيو آهي ته ٻار ڪڏهن به اسان جي حڪمن تي عمل ناهن ڪندا ڇو ته هن دنيا ۾ اک پٽڻ ڪانپوءِ ۽ ٻانبڙا پائي ڇُرڻ کان اڳ ئي هن دنيا ۾ موجود هر شيءِ هڪ ٻار لاءِ انوکي، نئين، حيرت ۾ وجهندڙ ۽ عجيب و غريب هوندي آهي جيڪا جهڙوڪر ان ٻار کي پاڻ ڏانهن راغب ڪندي آهي ۽ قدرتي اصولن پٽاندڙ دنيا جو هر ٻار هن دنيا ۾ موجود هر هڪ شيءِ کي پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق ڪٽڻ، ڇهڻ، ڏسڻ، پرکڻ ۽ سمجهڻ چاهيندو آهي. توهان ڪنهن ٻار کي هزار دفعا منع ڪيو يا سمجهايو ته پٽ ۾ لڳل پلگ ۾ هٿ وجهڻ سان ان کي نقصان ٿيندو ۽ ڪيس ڪرنٽ لڳندو پر اهو ٻار توهان جي ڳالهه کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ٻار ٻار ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ان پلگ جي پرسان ويندو ۽ ان ۾ هٿ وجهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو ۽ سندس اها ڪوشش تيستائين جاري رهندي جيستائين ان ٻار کي ان جڳهه تان ڪو نقصان يا تڪليف نه پڇي ۽ اهو نقصان يا تڪليف پڄڻ وارو لمحو ئي ان ٻار جي ”سکڻ“ جو بنيادي ذريعو آهي جنهن ڪانپوءِ ئي ٻار اهو فيصلو ڪري سگهندو آهي

**نتيجو اهو ته اڄڪله اسان انسانن کان وڌيڪ شين سان پيار ڪيون ٿا. اهڙا سوين بلڪي هزارين واقعا اسان ۽ توهان جي آس پاس موجود دنيا ۾ روز ٿيندا رهن ٿا، ضروري ناهي ته اسان ان هر واقعي مان متاثر به ٿيون پر حقيقت اها ئي آهي ته هر ٻار جي هر عمل جو ڪو مطلب نڪري يا نه نڪري پر ان جي پٺيان ڪو نه ڪو اهڙو سبب ضرور هوندو آهي جنهن جو اثر ان ٻار جي سموري زندگي تي پوندو آهي**

ته جيڪو ڪم هو ڪرڻ پئي ويو سو ڪيڏو نه خطرناڪ ۽ ان جو احساس ڪيڏو نه خوفناڪ آهي، ان بعد ئي ڪو ٻار ڪنهن به شيءِ يا عمل بابت پنهنجي ڪا مثبت يا منفي راءِ قائم ڪندو آهي ۽ اها ڳالهه به اسان مان هر هڪ فرد پنهنجي ٻَلَپڻَ ۾ ٻڌي چڪي ته "سکڻ" جو اهڙو ئي عمل اسان مان هر هڪ فرد سان زندگيءَ جي هر هڪ پل ۾ هلندو رهندو آهي پر اها ٻئي ڳالهه آهي ته عمر ۽ ڪم جي حساب سان "سکڻ جي ان عمل" جي نوعيت بدلبي رهندي آهي.

اچو ته ٿورڙو التيءَ اک سان ٻارن جي دنيا جو جائزو وٺون:

اسان گهر، اسڪول، پارڪ، گهٽي يا ميدان ۾ موجود ٻارن جو جيڪڏهن بغور جائزو وٺون ته پاڻ کي ان ڳالهه جو اندازو ٿي ويندو ته ان جڳهه تي موجود هر ٻار پنهنجي سوچ، عقل، فهم ۽ تجربن مطابق ئي پنهنجي دنيا ٺاهي ان مطابق يا ته ڪا نه ڪا راند ڪڏندو هوندو يا وري ذاتي طور تي يا پنهنجن ساٿين ۽ دوستن سان ڪي اهڙا ڪم يا حرڪتون ڪندو هوندو جيڪي پنهنجي پاڻ ۾ بلڪل انوکيون ۽ نيون هونديون آهن. اهڙي صورتحال ۾ اسان کي هر هڪ ٻار جا لڳ ڀڳ الڳ الڳ ۽ خودساخته ڪجهه اهڙا عمل نظر ايندا آهن جيڪي ڏاڍا عجب ۾ وجهڻ جهڙا هوندا آهن جيئن:

- خود ڪلامي
- پنهنجن دوستن ۽ ساٿين کان ٿورو پريرو بيهي هر هڪ ٻار جي حرڪتن جو بغور جائزو وٺڻ
- ٻين ٻارن کي پنهنجي طرفان ڪا عقل واري ڳالهه سمجهائڻ ۽ اها مڪمل ڪوشش ڪرڻ ته اهي نه صرف سندس ڳالهه کي مڃين پر ان تي عمل به ڪن
- پنهنجي منهن راڳ ڳائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ ۽ ان جي سُرن ۽ لئه کي پنهنجي ڳلي جي مطابقت سان ٻيهارڻ
- اتي موجود هر هڪ ٻار يا ماڻهن تي خوشي، ڏک يا پريشاني وچان عجيب انداز سان رڙيون ڪرڻ
- پنهنجي ليکي عجيب و غريب جسماني حرڪتون ڪرڻ
- ڪنهن جي به پرواه ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجي ليکي رقص ڪرڻ
- خاموش پر گهرين سوچن ۾ گم هجڻ
- آس پاس موجود وڻن، گلن، جيتن جڻن ۽ جانورن جي حرڪتن ۽ ساخت کي غور سان ڏسڻ وغيره وغيره

مطلب ته ان جڳهه تي موجود ٻار اسان کي مڪمل طور تي پنهنجي هڪ الڳ ٿلڳ دنيا ۾ گم ملندا ۽ اهو عمل ئي ان ڳالهه جي وڏي ۾ وڏي شاهدي آهي ته هڪ ٻار پنهنجي دنيا جو مالڪ پاڻ هوندو آهي ۽ اهو ٻار پنهنجي ٺاهيل ان دنيا ۾ ڪنهن جو به عمل دخل برداشت ناهي ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن فرد جو عمل دخل برداشت ڪندو به آهي ته صرف ان شخص جو جنهن سان ان جي رضا يا مرضي شامل هوندي آهي. مان سمجهان ٿو ته هن جڳهه تي اسان مان هر هڪ فرد ۽ خاص ڪري پيءُ ماءُ ۽ هڪ استاد کي هر ٻار جي حوالي سان اها بنيادي ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته اهو ٻار جيڪو خاص ڪري جڏهن هڪ اسڪول جي چارديواريءَ اندر هڪ خاص ڊسيپلين ۾ پڇي ٿو ته جهڙوڪر ان کان هڪ ڏڪ ۾ ان جي اها سموري دنيا کسجي وڃي ٿي جنهن ۾ هو مڪمل طور تي آزاد ۽ ڇڙواڳ هوندو هو، جتي ان کي ڪائي روڪ ٽوڪ نه هئي، جتي هو پنهنجي مرضيءَ سان کيڏندو، ڪڏندو، ڪلندو ۽ ٿڪ ڏيندو هو، جنهن دنيا ۾ هو هر عمل پنهنجي سوچ ۽ رٿابنديءَ تحت ڪندو هو، پنهنجي مرضيءَ سان دوست ٺاهيندو هو مطلب ته جيئن ان کي سمجهه ۾ ايندو هو يا پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ ڪرڻ چاهيندو هو سو ڪندو هو.

اچو ته ٿورڙو غور سان هن ڳالهه تي سوچيون ته جيڪڏهن ڪنهن مستيءَ ۽ موجن ڀريل زندگي گذاريندڙ ٻار کان ان جون سموريون آزاديون هڪ ڏڪ ۾ کسي ڇڏجن ۽ ان معصوم جي ڪلهن تي ڳرو ٿيلهو چاڙهي اهڙي جڳهه تي روانو ڪجي جتي هو پنهنجي مرضيءَ سان ڪِلي به نه سگهي، اک کٽي قدرت جي نظارن کي ڏسي به نه سگهي، ائين ڀائنجي ته جهڙوڪر ان ٻار جي چپن تي ڳالهائڻ جي پابندي ۽ هٿن پيرن تي چرڻ پرڻ جي پابندي لڳائي وئي هجي ۽ پوءِ اهو ٻار صرف ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ کان وٺي لفظن جي اهڙي دنيا ۾ جڪڙجي وڃي جنهن جا خيال ۽ سوچون ڪيس بيزار ڪري ڇڏين ٿا اهڙي صورتحال ۾ ان ٻار جي ذهني حالت ۽ ڪيفيت ڪهڙي هوندي..!!؟؟ ان ڳالهه جو اندازو تڏهن ئي لڳائي سگهبو جڏهن اسان پنهنجي ننڍپڻ کي آڏو رکي ان ٻار جي ان ذهني، جسماني ۽ روحاني حالت کي محسوس ڪرڻ جي مڪمل ۽ ڀرپور ڪوشش ڪنداسين.

اچو ته ٻارن جي ڪجهه انوکين ڳالهين تي نظر وجهون:

- مان هڪ دفعي ننڍن ٻارن سان گهر اندر تول وهاڻن، وڏين ۽ ننڍين گدين سان قلابازين کائڻ واري راند کيڏي رهيو هيم. ڪجهه ٻاڙي جا ۽ ڪجهه پنهنجا ٻار مختلف اندازن سان قلابازيون کائي رهيا هئا. منهنجو هڪ ڀاٽيجو آ جيڪو 3 سالن جو آهي، ننڍي لاءِ کان وٺي ئي ان جي جسم ۾ قدرتي طور تي ايتري سگهه آهي جو سمورا ٻار ٿڪجي ٿڪي ويهي رهندا پر ٿَڪُ لفظ ته جهڙوڪر ان جي زندگي جي ڊڪشنري ۾ آهي ئي ڪو نه ۽ هو پنهنجي ڌن ۾ لڳو پيو هوندو آهي، ائين لڳندو آ ڄڻ هن جي وجود ۾ جسماني سگهه جو هڪ سمنڊ آهي جيڪو اٿلون کائي رهيو آهي ۽ بيپناه قوت جي اها بيچيني سندس مزاجن مان صاف پئي بکندي آهي. خير راند دوران سمورا ٻار منهنجي ڏنل هدايتن مطابق قلابازيون کائي عمل ڪري رهيا هئا، پر هو ٻار ٻار منهنجي هدايتن جي برخلاف تول وهاڻن، ننڍين وڏين گدين ۽





ٻئي ڪمري مان وڏيڪ وهاڻن کي ڪٺي انهن کي پنهنجي انداز سان هڪٻئي مٿان رکي نين نين ۽ وڌيڪ ڏکين طريقن سان قلابازيون پيو ڪائي ۽ ٻيا سمورا 5 ٻار ان جي قلابازين جي بدلايل طريقي کي ڏسڻ منجهان نه پئي ڪري رهيا ته ڪٿي ڏک نه رسي...!!! 3 سالن جي ٻار ۾ اهڙي تخليقي نواڻ، سوچ، رٿابندي، جرئت ۽ بهادريءَ جو اهو انداز سچ پچ ته انوکو ۽ حيرت ۾ وجهندڙ آهي...!!

- هڪڙي دفعي مان پنهنجي دوست وٽ وينو هيم، ڪچهري ڪندي ڪندي ان جي 4 سالن جي ڌيءَ آئي ۽ چيائين: "بابا 10 روپيه ڏي شيءِ وٺان...: " تنهن تي مون واري دوست چيس: "اڙي ڪجهه دير اڳ جو 10 روپيه ڏنا مانءِ...!!" تنهن تي هن چيو: "ها اهي ته مان خرچي ڇڏيا پر هاڻ آئسڪريم وارو آيو آ ان ڪري آئسڪريم وٺندم سو 10 روپيه ڏي..." تنهن تي وري مون واري دوست چيس: "نه بس هڪڙو دفعو پئسا ورتئي ڪوڙ ٿي ويا، هاڻ شام ملندا. هاڻ اوهان پنهنجي امان ڏي وڃو ته مان چاچا سان ڪچهري ڪيان..." پر سائين ننڍڙي ڇوڪري ائين وري ڪيئن سو ڏاڍو ضد ڪيائين ۽ روئڻ ويهي رهي. تنهن تي مان دوست کي چيو: "يار مان ٿو 10 روپيه ڏيانس..." تنهن تي ان چيو: "نه قطعي به ضرورت ناهي ائين هنن ٻارن جو دماغ ٿو خراب ٿي وڃي ۽ پوءِ هر وقت بليڪ ميل ٿا ڪن..." ننڍڙي ڏاڍو پئي رني ۽ بار بار اهو رينگٽ چپن تي هيس ته: "ابا مونکي 10 روپيه ڏي، مونکي 10 روپيه ڏي..." نيٺ روئندي روئندي چپ ٿي وئي. تنهن تي مون واري دوست چيس: "بس هاٺي روئي روئي پيٽ پرجي ويئي، هاڻ شاباس هلو پنهنجي امان ڏي..." منهنجي دوست جو ائين چوڻ ۽ پوءِ ان ننڍڙيءَ ڳلن تان ڳوڙها اگهي پيءُ کي چيو: "ائين وري ڪيئن چپ ڪندم...!!؟ مان ته وقفو ڪيو هو...!!" هن جو ائين چوڻ ۽ پوءِ وري روئڻ ۾ شروع ٿي وئي ۽ آخرڪار پنهنجو مقصد ماٽي ورتائين...

- حيدرآباد ۾ ٽيوشن پڙهائيندو هيم ته هڪ دفعي ٽيوشن پڙهائيندي ٻارن ڏاڍو گوڙ پئي ڪيو، تنهن تي مان ڪين رڙ ڪندي چيو: "اڙي خاموش مون کي هرويرو پاٽي مان ٻاهر نه ڪڍو...!!" مان پنهنجو جملو پورو ئي مس ڪيو ته منهنجي پاٽيجي جيڪا اتي وينل هئي ۽ ان وقت هوءَ 6 سالن جي هئي هڪدم اٿي بيهي رهي ۽ پنهنجي شلوار جا پائنچا چڪي مٿي ڪيائين...!! مان سندس حرڪت ڏسي حيرت مان پڇيو مانس: "توکي ڇا ٿيو...!!؟" تنهن تي هن وراڻيو: "ماما پاٽي ڪٿي آ جو توهان پاٽي مان ٻاهر نڪرندئو...!!؟" مان حيرت ۾ پئجي ويس ته هن ڪيئن نه جملي ۾ استعمال ٿيل هڪ محاوري کي پڪڙي ورتو ۽ ان کي حقيقي حالتن سان ڳنڍي مونکان سوال ڪيائين...!!

- منهنجو هڪ دوست استاد آهي اهو ٻڌائيندو آهي ته ٻارن سان گڏ رهندي هو تمام گهڻو ڪجهه سکندو آهي. ان ٻڌايو ته هڪ دفعي هو 6 درجي جي ٻارن کي رياضي پڙهائي رهيو هو ته ان شاگردن کان پڇيو: "جيڪڏهن اسان کي 6 صوف 8 ماڻهن ۾ برابر ورهائڻا هجن ته ڪيئن ورهائينداسين...!!؟" "تنهن تي هڪ شاگرد جيڪو پڙهائيءَ ۾ ايترو هوشيار به نه هو تنهن جهٽ پٽ وراڻيو: "سائين 6 صوفن جو جوس ڪڍي 8 ماڻهن ۾ برابر ورهائي ڇڏيو ته مسئلو ئي حل...!!"

- هوائن جو شهر حيدرآباد ۽ خاص ڪري حيدرآباد ۾ اونهاري جي شام جو مارڪيٽ پرسان قول گلي جي هوٽلن جي مشهور چانهه پيئڻ جو ته مزو ئي پنهنجو آهي. هڪ اهڙي ئي شام جو اسان 6 دوست قول گلي جي هڪ مشهور هوٽل تي حيدرآباد جي ڇيڳرين تيز هوائن جي ڇهاءَ سان گڏ چانهه جون چسڪيون وٺي رهيا هياسين. ٻاهر روڊ تي رکيل ٽيبل ۽ ڪرسين جو چڱو خاشو تعداد هو. مان سمجهان ٿو ته ڪل ملائي 50 جي لڳ ڀڳ ڪرسيون هيون ۽ لڳ ڀڳ سيني ڪرسين تي ماڻهو وينل هئا ۽ اسان سميت سمورن گراهڪن جي هر آرڊر کي وڏي ڦڙتيءَ سان هڪ ننڍي عمر جو ڇوڪرو پورو ڪري رهيو هو، جنهن جي عمر 12 کان 13 سال کن مس ٿيندي..!! اسان چانهه سان گڏ سموسا ۽ بسڪٽ پڻ گهرايا هياسي. مان دوستن کي چيو: "يار هي ننڍڙو ڇوڪرو ڪيڏي نه تيزيءَ سان ٿو ڪم ڪري ۽ ڪهڙي نه ڪمال ڦڙتي ڏيکاريندي هر هڪ گراهڪ جي آرڊر کي پورو پيو ڪري...!! "جڏهن اسان اٿڻ وارا هياسين ته بل ڏيڻ لاءِ انهيءَ ڇوڪري کي سڏ ڪري پڇيو سي: "پٽ گهڻا پئسا ٿيا..؟؟" ته ان جهٽ پٽ وراڻيو: "سائين 75 رپيه..." مان ڪيس چيو: "75 روپيه وري ڪيئن...!!؟ اهي ته گهڻا ٿو ٻڌائين." تنهن تي ان مسڪرائيندي چيو: "سائين 6 چاهيون 7 روپين سان، ٿيا 42 روپيه، 6 سموسا 3 رپين سان ٿيا 18 روپيه ۽ 15 روپين جا بسڪٽ ته ڪل ملائي ٿيا 75 روپيه..." ان جهٽ پٽ حساب ڪتاب سمجهائي جواب ڏنو ۽ ڪجهه ساهيءَ کانپوءِ چيائين: "سائين ناراض نه ٿجو ته هڪڙي ڳالهه چوان، مان عمر جو ننڍو پل آهيان پر بي ايماني ڪرڻ پنهنجو مَرڪُ ئي ناهي ڇو ته زماني گهڻا ئي حساب ڪتاب سيکاري ڇڏيا آهن..." ائين چئي هو تيزي سان اسان وٽان رڙ ڪري چانهن ناهڻ واري استاد ڏي هليو ويو: "آيو استاد... 4 گرماگرم چاهيون ڪڍي رک..." اسان سڀ خاموش ٿي وياسين ۽ انهن جملن چوڻ وقت ان ڇوڪري جي اکين ۾ جيڪا چمڪ آئي هئي سا اڄ ڏينهن تائين منهنجي يادداشت مان ناهي مٽجي سگهي.

نتيجو اهو ته اڄڪله اسان انسانن کان وڌيڪ شين سان پيار ڪيون ٿا. اهڙا سوين بلڪي هزارين واقعا اسان ۽ توهان جي آس پاس موجود دنيا ۾ روز ٿيندا رهن ٿا، ضروري ناهي ته اسان ان هر واقعي مان متاثر به ٿيون پر حقيقت اها ئي آهي ته هر ٻار جي هر عمل جو ڪو مطلب نڪري يا نه نڪري پر ان جي پٺيان ڪو نه ڪو اهڙو سبب ضرور هوندو آهي جنهن جو اثر ان ٻار جي سموري زندگي تي پوندو آهي. جيڪڏهن پاڻ ايمانداريءَ سان مٿين سمورين ڳالهين جو جائزو وٺون ته مان اهو سمجهڻ ۾ حق بجانب رهندم ته ٻارن جي حوالي سان چند نقطا بلڪل چٽا، صاف ۽ واضح آهن جهڙوڪ:

گهر هڪ اهڙو اسڪول آهي جنهن جا استاد والدين يا گهر جا وڏا فرد هجن ٿا، تنهن ڪري انهن جي اها ذميداري آهي ته هو زندگيءَ جي هر موڙ تي صحيح ۽ غلط جي ڄاڻ، سٺي ۽ خراب جي سمجهه پنهنجي ٻارن کي بنا ڪنهن جهجڪ جي ڏين ته جيئن هو پنهنجي شروعاتي زندگي کان وٺي ئي ذاتي حوالي سان صحيح فيصلن ڪرڻ جي صلاحيت جا مالڪ بڻجن

- هر ٻار جمندي ئي قدرتي صلاحيتن سان ٽمٽار هوندو آ
- هر ٻار ٻئي ٻار کان پنهنجي وجود ۾ بلڪل الڳ صلاحيتن، روين، مزاجن ۽ طبعيتن جو مالڪ هوندو آ
- هر ٻار منجهه نين نين ۽ انوکين ڳالهين سکڻ، سمجهڻ ۽ نتيجن ڪڍڻ جي صلاحيت موجود هوندي آ
- ٻار ڪنهن جي بہ ڊڪٽيشن قبول ناهي ڪندو ۽ پنهنجي من ماني ڪندو آهي
- هر ٻار پنهنجي سوچ، سمجهه ۽ تجربي آڌار فيصلا ڪندو آهي
- ٻار ذهني طور ان صلاحيت جو مالڪ هوندو آهي تہ هو مختلف حربا استعمال ڪندي هڪ مڪمل ۽ طئہ ڪيل رٿابنديءَ تحت پنهنجي هر جائز ۽ ناجائز ڳالهہ مڃائي سگهي
- تجسس هڪ اهڙي سگهہ آهي جنهن جي طاقت سان ٻار تمام گهٽيون اهم، ڏکيون ۽ خطرناڪ پيشقدميون ڪندو آهي ۽ هر قدم تي هڪ نئين دنيا کان واقفيت حاصل ڪندو ۽ هر دفعي ڪجهہ نئون سکندو رهندو آهي
- ٻار ذهني، جسماني ۽ روحاني طو ر آزادي پسند آهي ۽ ڊسيپلين سندس لاءِ هڪ گهٽن ۽ بيزاريءَ کان وڌيڪ ڪجهہ ناهي هوندو

ٻارن جي انهن قدرتي صلاحيتن کي مدِنظر رکندي هڪ بهترين پيءُ ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، سنڀاليندڙ يا استاد جي حيثيت سان اسان کي ٻار جي ذهني، جسماني، روحاني ۽ سماجي پرورش ڪرڻ دوران ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين کي مدِنظر رکڻ گهرجي شايد ان سوال جي جواب کي ڪنهن هڪ اڌ مضمون يا هڪ اڌ ڪتاب ۾ بيان نہ ڪري سگهجي ڇو تہ هر ٻار جي سوچ ۽ رويا ٻئي ٻار کان بنهہ مختلف هوندا آهن، تنهن ڪري هر ٻار جي پالنا ۽ پرورش جو انداز بہ الڳ ٿيندو آهي. پر اسان عام طور تي هڪ ٻار جي بهتر پرورش لاءِ ڪهڙي قسم جا ڪم ڪري سگهون ٿا ان لاءِ ڪجهہ صلاحون ڏجن ٿيون.

ٻار جي ذهني، جسماني، روحاني ۽ سماجي پرورش لاءِ ڪجهہ صلاحون:

- ٻارن جي حوالي سان اها ڳالهہ سڀ کان پهرين ئي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ ٻار جي سکڻ جو عمل ماءُ جي پيٽ کان ئي شروع ٿي ويندو آهي



- ٻار کي ننڍي کان ننڍي ڳالهہ سکڻ لاءِ بہ مستقل سهاري، رهنمائي، سمجهاڻي، مشق، شفقت، دوستاڻي ماحول ۽ ساٿ جي مسلسل ضرورت پوندي آهي
- ٻي جا دڙڪو، جسماني ۽ ذهني مار يا ٽارچر، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، عزت نہ ڪرڻ، گاريون ڏيڻ ڪنهن بہ ٻار جي زندگي تي اهڙا منفي اثر ڇڏيندا آهن جيڪي سموري زندگي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ان سان گڏ رهندا آهن، تنهن ڪري ٻارن سان گڏ ڪم ڪندي يا وقت گذاريندي انهن ڳالهين کان اجتناب ڪجي تہ اهو هر لحاظ کان بهتر رهندو
- ٻارن جي حوالي سان هيءَ اهم ڳالهہ پڻ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هيءَ سموري دنيا ٻارن لاءِ هڪ اهڙو ڪليل ڪتاب آهي جنهن جي هر رنگين ورق کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان مان ڀرپور مزو وٺڻ ٻارن جو بنيادي حق آهي ان ڪري انهن کي هن دنيا جي هر مثبت رنگ جو مثبت انداز سان مزو وٺڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ نہ صرف پيءُ ماءُ، استاد، گهر جي فردن ۽ سماج جو اولين فرض آهي پر ان سان گڏ حڪومت جي پڻ اها وڏي ۾ وڏي ذميداري آهي تہ هو ٻارن جي حوالي سان هر بنيادي سهولت جو بندوبست ڪري
- اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ٻار کي ڪا بہ عادت سيکارڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن، ڪجهہ مهينا يا ڪجهہ سال بہ لڳي سگهن ٿا
- خاص ڪري والدين ۽ استادن کي اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ هڪ ٻار سکڻ جي مختلف ۽ هزارين مرحلن کي پار ڪرڻ کانپوءِ ئي پنهنجي آزاد ۽ ڇڙواڳ زندگي ۾ ڪنهن هڪ مخصوص دور ۾ ئي ڊسيپلين کي پنهنجي شخصيت جو حصو بڻائيندو آهي
- والدين جي اها اولين ذميداري آهي تہ هو پنهنجي معاشي حالتن جي حدن اندر رهندي پنهنجي ٻار جي هر جائز خواهش کي پورو ڪن
- جيڪڏهن ڪو ٻار ڪا غلطي ڪري وجهي پوءِ چاهي اها غلطي وڏي هجي يا ننڍي تہ ان غلطي جي بدلي ان ٻار کي ننڍي يا وڏي سزا ڏيڻ جي بجاءِ، ٻار جي ڪيل ان غلطي جي سببن تي سوچجي ۽ غلطي جي وجهہ معلوم ٿيڻ کانپوءِ ان ٻار جي اهڙي تربيت ڪجي جو هو ان غلطيءَ کي زندگيءَ ۾ وري ڀيهر نہ دهرائي
- گهر هڪ اهڙو اسڪول آهي جنهن جا استاد والدين يا گهر جا وڏا فرد هجن ٿا، تنهن ڪري انهن جي اها ذميداري آهي تہ هو زندگيءَ جي هر موڙ تي صحيح ۽ غلط جي ڄاڻ، سٺي ۽ خراب جي سمجهہ پنهنجي ٻارن کي بنا ڪنهن جهجڪ جي ڏين تہ جيئن هو پنهنجي شروعاتي زندگي کان وٺي ئي ذاتي حوالي سان صحيح فيصلن ڪرڻ جي صلاحيت جا مالڪ بڻجن

آخر ۾ صرف ايترو تہ ٻار پنهنجي وجود ۾ قدرت جو هڪ گوناگون معجزو آهي، جيڪڏهن ان جي معصوميت ۽ ٻالڪپڻي کي سمجهي ان جي پالنا هڪ ماليءَ وانگر ڪندي ان جي ضرورتن جو پورائو ڪبو، سردي، گرمي، لُڪن ۽ جهولن کان ڪيس بچائبو تہ پوءِ پڪ سان ٿو چوان تہ هڪ ڏينهن اهو ٻار جڏهن وڏي وڻ بڻبو تہ پنهنجي وجود جي گهاٽي ڇانو سان سڀن کي ڇانورو بخشيندو ۽ ان جي زندگيءَ جي ڦل جو مزو نہ صرف ان جا والدين پر سمورو سماج پڻ چکيندو، پر جيڪڏهن ڪنهن ٻار کي گوهيل چيڪي مٽيءَ جو هڪ ڍير سمجهي چڪيءَ تي چاڙهي پنهنجي مرضيءَ جو ٺانءُ ناهي، بيجا سختين، دباءَ، دڙڪن، داٻن ۽ بيعزتيءَ جي بنيءَ ۾ پچائي ڪري مضبوط ڪبو تہ پوءِ پڪ سان ٿو چوان تہ هن زماني اسان کي وک وک تي ڏيکاربو آ تہ اهو ٻار زماني جي هڪڙي نوڪر سان ئي پور پور ٿي پوندو. هاڻ فيصلو توهان ۽ اسان کي ئي ڪرڻو آهي تہ اسان نہ صرف پنهنجن ٻارن بلڪي هن ڌرتي ۽ سماج جي هر هڪ ٻار جي پرورش ماليءَ جيان ڪري تن کي گهاٽا وڻ بڻائينداسين يا ٺانءُ ٻڌائي پرور پرور
تي ڪيون يا ڪنيار بڻجي ان کي ڪنور ۽ سخت بڻائي ڇڏيون.



# سنڌ جون ثقافتي رانديون

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## ڪير ڪِير وٺي :

ٻارڙن جي راند: راند جو نالو ڪِير ڪِير وٺي، ۽ هن راند جو اهو خير خوشي وارو نالو ۽ نعرو آهي تہ شال ڪير ڪير جي وٺي يا وٺي وٺي ۾ ڪير هجي! ٻاراڻي راند آهي ۽ اسان ٻاراڻي وهي ۾ ڪئي. ٻہ ٽولا ٿيندا هڪڙا هڪڙي طرف ويندا ۽ ٻيا ان جي ابتڙ ٻئي طرف. هر ٽولو متي جون ڍڳڙيون ٺاهيندو، ننڍڙيون ننڍڙيون ڍڳڙيون لڪائي ٺاهيندو ڪجھہ دير ڪان پوءِ اڳ وارو اڳواڻ ٽولو آواز ڏيندو تہ "ڪير وير وٺي"! پوءِ ٻئي ٽولا ڪجھہ وقت هڪٻئي جون ڍڳڙيون ڳولي ڊاهيندا. وري ٻہ اڳواڻ ٽولو آواز ڏيندو ۽ ٻيو جواب ۾ چوندو "ڪير ڪير وٺي"! پوءِ هر ٽولو پنهنجي ٺاهيل ڍڳڙيون هلي ڏيڪاريندو جيڪي ڊاهڻ ڪان بچي ويون سي ڳڻيندا، پوءِ جنهن جون گهٽيون ٿيون تنهن ٽولي راند ڪٽي.

## ونجھہ وٽي يا وانجهي راند:

هي راند وڏن ڇوڪرن ۽ نوجوانن جي آهي. عام نالو ونجھہ وٽي، پر اصل نالو شايد "ونجھہ وٺي". هجي، يعني جت ونجھہ ۾ وٺ ٽئي ۽ هٿ هٽي همراھہ ڪامائجي. هي جنگ جي ميدان، حملي ۽ بچاءُ جو نقل آهي. "ونجھہ" يعني "ونج"، يعني ونجي يا ڪوٽيل ڪاهي. رانديگرن جو هاڙهي ٽولو ٻاهران ڪاهيون ٽپي حملا ٽو ڪري ۽ پيچي ٽولو بچاءُ ٽو ڪري. وانجهي جو سنئين زمين تي نقشو هن ريت ٺاهيندا. هر ٽولي ۾ هڪ جيترا رانديگر هوندا، ۽ جيترا هوندا اوترين پير جي ليڪن سان ٻاريون ٺاهيندا. ٻاري جي ويڪر ٻہ يا ٽي فوٽ ۽ ڊيگھہ ٽيھہ فوٽ. پوري وچ تي وڏي وانجهي (ٻاري) ڪڍندا آهن.

ٻاهران بيٺل ٻاريون ٽپڻ وارا

| | | |
|---|---|---|
| ٻاري جهليندڙ | | ٻاري |
| | وانجهي | |
| ٻاري جهليندڙ | | ٻاري |
| | وانجهي | |
| ٻاري جهليندڙ | | ٻاري |

هاڙهي (آڳ وٺندڙ) ۽ سندس ٽولي وارا ٻاهران بيهندا ٻارين ٽپڻ جي ڪوشش ڪندا، ۽ آڏو "پيچي" ٽولي وارا ٻاريون جهلي بيهندا ۽ هنن ڪي ٽپڻ نہ ڏيندا. جهلندڙن مان جيڪو وانجهي (مکيہ اڳواڻ) هوندو سو پهرين ٻاري جهلي بيهندو، پر هن ڪي اهو اختيار آهي تہ وچين وانجهي وٺي ٻہ ڊوڙي ۽ ٽپندڙ مخالفن کي ڪامائي.

## چؤپڙ: وڏن (مردن زالن) جي راند:

هي راند سنڌ ۾ مشهور مقبول هئي. راند جو نقشو، ڳاڙهي ڪپڙي تي پرت پري سهڻو ڪري ٺاهيندا هئا. عام طرح ڳوٺن ۾ هيءَ راند ستن ڪوڏين سان کيڏبي هئي. ڪوڏيون مٺ ۾ سوليون جهلي هيٺ اڇلائبيون، ۽ سَنيَن ۽ اونڌين وارين سٽائن جا ڇهه داءَ ٿيندا. هن طرح:

| | | |
|---|---|---|
| هڪ اونڌي | ڇهه سنيون | = پڪي اٺ، |
| ٻه اونڌيون | پنج سنيون | = ڪچي اٺ |
| ٽي اونڌيون | چار سنيون | = چار خانا |
| چار اونڌيون | ٽي سنيون | = ٽي خانا |
| پنج اونڌيون | ٻه سنيون | = ٻه خانا |
| ڇهه اونڌيون | هڪ سنين | = يارهن خانا |

پهرين داءُ تي ساري ٽيهه خانا هلندي، ٻئي تي پنجويهه خانا ۽ ڇهين تي يارهن خانا، اهي ٽئي داءُ وڏا آهن. هيٺين لاڙ ۽ ڪڇ طرف ٻه ستين ڪوڏين سان ڪندا. ڪوڏيون ڦڳائيندا (اڇلائيندا) پوءِ جيڪو داءُ پيو ان موجب هيٺين طور ساري هلندا.

هڪ اونڌي ڇهه سنيون = يارهن ڪَڻ (چيلها) هلندا. داءُ ٿيو.

ٻه اونڌيون پنج سنيون = ٻه ڪَڻ ٿيا. اهو داءُ نه ٿيو.

ٽي اونڌيون چار سنيون = ٽي ڪَڻ ٿيا. اهو داءُ نه ٿيو.

چار اونڌيون ٽي سنيون = چار ڪَڻ ٿيا. اهو ٻه داءُ نه ٿيو.

پنج اونڌيون ٻه سنيون. = پنجويهه ڪڻ ٿيا اهو داءُ ٿيو.

ڇهه اونڌيون هڪ سنئين = ”پوري اٺ لڳي وئي“. داءُ ٿيو پر ٻه طريقا هلڻ جا:

سامهون هلندو ته اٺ ڪڻ، ڦيري سان پورا ٽيهه ڪڻ هلندو.

ست ئي اونڌيون = چوڏهن ڪَڻ، داءُ ٿيو.

اهڙي طرح راند ۾ جملي چار داءُ ۽ ٽي ڪڻ

مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته جدا جدا پاڳن ۾ چوپڙ راند جا داءُ ٻه جدا جدا.

ڪڇ جي سگهڙ شاعر حاجي مکڻ مناٽي جت بلوچ چوپڙ راند تي ڏٺ جوڙي ته:

ڇَنو گهر هڪ شهر ۾ ، چؤڪس گهر ٻيا چار
گام گُجر جي آئيون سورهن ڪري سينگار
سي ٽيويهه ڇٽيون ٽولي ۾ ڪري هليون قطار
تن جا پڪا ڏيو پار، ته اهي کهڙيو ڪامٽيون؟

ڇَنو = يعني جملي ڇهانوي ڪَڻ (چيلها). راند جي نقشي ۾ چار گهر اندر وچڻ جا، جملي سورهن ساريون، چئن چئن جا جدا جدا رنگ. اهي هٿ ستن جي، يعني ستن ڪوڏين جي هٿ ۾ آهن جن ۾ جيڪو داءُ لڳي ان موجب هلن. هارو ها = هڪ ٻئي پٺيان ٽيوهه ڇٽيون = ست ڪوڏيون ۽ سورهن ساريون.

## نوَ ٽَڻ راند :

سنڌ ۾ راند جو مشهور نالو. نوٽڻ آهي ڪراچي ۾ ۽ حب ۾ قطار چون. ڪڇي سنڌي نَو درو چون. جَت بلوچ ڪڇ وارا نَوڪڙي چون. ڪڙي يعني ساري هر رانديگر وٽ نو ڪڙيون هونديون. ڪڇ جي شاعر حاجي مکڻ، نو ڪڙي تي هيٺين ڍِٺ جوڙي:

سرتين جي سنگ ۾ ارڙهن ڇٽيون آهين
سي نو نو ڇٽيون نڪريون پنهنجا پيچ پائين
ان جيڏين جي جنگ جا ويٺا ڳڻ ڳائين
اهي موڙهل ڏور مکڻ چئي ڪي سالڪ سمجهائين.

هي راند زمين تي ليڪا ڪڍي ٺاهڻ توڙي ٻن قسمن جون نو ساريون

(مثلاً 9 ٺڪريون ۽ 9 پٿر) چونڊڻ ۾ سولي آهي. ٻه ڄڻا وڻ هيٺان يا ٻي ڪنهن ڇانءَ ۾ ويهي کيڏي سگهن ٿا. جيڪو اڳ ۾ ساري رکندو سو گهاٽي ۾ رهندو ۽ جيڪو پوءِ رکندو سو فائدي ۾ انهي ڪري قاعدو ته پوئين رک واري راند نبيرٽي آهي.

هن قسم جون ليکن واريون ٻه ٻيون رانديون آهن: هڪ ”چنهر“ جيڪا گهرن ۾ ڇوڪريون ۽ مايون ڪن ۽ ٻي شينهن ٻڪري جيڪا ڇوڪرا توڙي ٻيان ڪن انهن ٻنهي ۾ هڪ ساري مٿان ٽپي ٻئي ساري کي ماريندي. نوٽڻ ۾ ٽڻ ٺهندو (يعني ٽي ساريون اڳي قطار ۾ ويهنديون) تڏهن مخالف جي ساري مرندي. شطرنج راند وڏي آهي، باقي نوٽڻ راند ۾ ٻه چڱي سمجهه ۽ سجاڳي کپي.







# جنڊيءِ ڪاشيءَ جو فنُ

هر قوم پنهنجي تمدن ۽ ثقافت سان سڃاتي ويندي آهي ۽ سنڌ پرڳڻي ان حوالي سان تمام گهڻي شاهوڪار رهي آهي. سنڌ جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جنهن ۾ نوڙت ۽ صوفي طرز زندگي صدين کان هن جيون ساگر ۾ چمڪندڙ تاري جيان ظاهر ظهور بيٺي آهي. اسان جي ثقافتن ۾ اجرڪ جو هٿ سان تيار ڪرڻ، ڪاشي ۽ جنڊي جو ڪم پوري ملڪ بلڪه پوري دنيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ڪاشي ۽ جنڊي جو ڪم صدين کان نسل در نسل هلندو اچي ۽ ڏسڻ واري اک هن ڪم کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهي. انهي سلسلي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اي ايف)جيڪو هڪ نيم خودمختيار ادارو آهي سو پڻ ان ڳالهه سان سهمت ۽ تصديق ڪري ٿو ته وسيع علائقائي ڄاڻ ان جي ضرورت ۽ حمايت ڪاري کي جاري رکڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ، ان کي قائم رکڻ يا محفوظ رکڻ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ تمام ضروي آهي. ان مدَ ۾ فائونڊيشن طرفان هڪ اسٽڊي مرتب ڪئي جنهن جو مقصد ڪاشي ۽ جنڊي جي ڪم ۽ ان جي ڪاريگرن کان سندن هن علم سندن هن دور جي حساب سان مشڪلاتن بابت معلومات حاصل ڪرڻي هئي.

ايشيا کنڊ ۾ جنڊي ۽ ڪاشي[1] جي ڪم جي ابتداع 4000 سال پهرين ٿي چڪي هئي، جنهن کي جيڪر ابتداءَ کان ڏسو ته اهو ڪم انڊيا ۽ چائنا جي بادشاهت ۾ پنهنجي عروج تي هو. سنڌ پرڳڻي ۾ جنڊي جو ڪم 14 صدي ۾ سمن واري دور ۾ نمايان نظر اچڻ لڳو. ان وقت ڪم جي افاديت وڌائڻ لاءِ جنڊي جي تيار ٿيل ڪم تي روغني سنهري رنگ ڪيو ويندو هو ته جيئن ان ڪاٺ ۾ وڌيڪ مضبوطي پيدا ٿئي ته جيئن اهو ڪاٺ روزانه جي استعمال ۾ وڌ کان وڌ هلي سگهي. مذهبي اڳواڻ يا مولي صاحبان پڻ نماز جي خطبي دوران جنڊي وارو لڪڻ استعمال ڪندا هئا ۽ ڪٿي ڪٿي ته اڃا به استعمال ٿئي پيو. ان کانسواءِ ڪاروباروي ماڻهو اَنُ ماپڻ لاءِ پڻ جيڪي ڪاٺ جا ٿانوَ استعمال ڪندا هئا انهن تي پڻ ڪاشي جو ڪم ٿيل هوندو هو. ان کانسواءِ گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪٽون، منجيون ۽ خاص

1 حوالو: (Lacquer Art of Asia (Asian Art Mall_ www.asianartmall.com/article/articelacquer.htm
حوالو: www.geocities.com/sydicateint/history.html
وگهامل، خميسو خان، جنڊيءَ جو هنر، ڊاڪٽر نواز علي شوق، سنڌ جا هنر (ثقافت ۽ ٽوئرازم کاتو حڪومتِ سنڌ 1990) pp.545

طور تي پينگھا تن تي پڻ ڪاشي ۽ جنڊي جو زبردست ڪم ٿيل هوندو هو ۽ جيڪو اڄ پڻ هلندو پيو اچي پر مهنگائي سبب اهي سڀ شيون آهستي آهستي ناياب ٿينديون پيون وڃن ۽ عام ماڻهو جي پهچ کان مٿ پريون آهن. وقت گذرڻ سان گڏمختلف حڪمرانن جي دور ۾ اهو فن وڌيڪ انفراديت ۽ سنجيدگي اختيار ڪندو ويو.

هي فن 18هين صدي ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ پنهنجي عروج تي پهتو. هن ڪم هالا ضلعو مٽياري جي ڪاٽوٺ ۾ پنهنجو نڪاٽو قائم ڪيو ڇاڪاڻ تہ اتي ٻاهن جا وڻ وافر مقدار ۾ موجود هئا جيڪي جنڊي جي ڪم ۾ لاءِ ڪتب ايندا آهن. عام طور تي اهو پڻ چيو ويندو آهي تہ "18هين صدي ۾ وگهامل قبيلي هن فن جي شروعات ڪئي. مير محمد خان ڪلهوڙي سگهڙ ڪاريگرن ڪي بلوچستان مان آڻي ڪاٽوٺ ۾ آباد ڪيو. 1975ع کان پوءِ واري عرصي ۾جڏهن انهن ڪاريگرن جي هڪ ڪالوني جيڪا ڀٽ شاهہ هالا تحصيل ۾جڙي وئي هئي انهن ڪالونين مان وگهامل قبيلي جي ماڻهن ۽ ٻين ڪاريگرين اتان لڏپلاڻ ڪري شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مزار جي ويجهو اچي آباد ٿيا. ڀٽ شاهہ ۾ جنڊيءَ جو ڪم ڪندڙ ڪيترائي ڪٽنب هئا ۽ ڪاٽوٺ ۾ لڳ ڀڳ 50 ڪٽنب آباد آهن. توڙي جو انهن ۾ اڪثريت وگهامل قبلي جي ڪاريگرن جي آهي پر انهن ۾ ڀٽو، قمبراڻي ۽ وادا قبيلي جا ڪاريگر پڻ آباد آهن.

هاڻي، پراڻي هالا، ڪاٽوٺ ۽ ڀٽ شاهہ ۾ اهي ڪاريگر فرنيچر، ڊيڪوريشن پيس، گهريلو عام استعمال جون شيون، رانديڪا ۽ يادگار/تحفن ڏيڻ جهڙيون مختلف شيون ٺاهي هالا جي مارڪيٽ ۾ اماڻين ٿا جتان اهي حيدرآباد ۽ ٻين هنڌن ڏانهن اماڻيون وڃن ٿيون. هالا ڪانسواءِ هي هنر لقمان ۽ ڪشمور مٿي سنڌ جي علائقن ۾ پڻ جاري آهن.

جنڊي جو ڪم مرد ۽ عورت گڏجي ڪندا آهن. سڀ کان پهرين ڪاٺ ڪي ڪنهن خاص سوچيل ڊزائن تحت تراشيو ويندو آهي، جنڊي لاءِ جيڪو ڪاٺ استعمال ڪيو ويندو آهي اهو خصوصي طور تي ٻاهن وڻ جوهوندو آهي جيڪو آساني سان تراشجي ۽ جلدي نڪرجي ويندو آهي ۽ وڏي عرصي تائين پنهنجي پائيداري لاءِ مشهور آهي، جڏهن ڪاٺي ڪي تراشي ڪنهن مخصوص شڪل / صورت ۾ آندو ويندو آهي ان ڪانپوءِ ان تي جڙي ٻوٽين مان تيار ڪيل رنگ ڪيو ويندو آهي. هي رنگ گهر ۾ عورتون تيار ڪنديون آهن جنهن ۾ وڻ مان ڪڍيل عرق جنهن ڪي ڪونئر جي طور تي ڪتب آندو ويندو آهي. هي عرق ٻَبول جي وڻن مان ڪڍيو ويندو آهي ان ڪانسواءِ هي سرنهہ ۽ ٻير جي وڻن مان پڻ ڪڍيو ويندو آهي. رنگ تيار ڪرڻ مهل اهي ڪاريگر محتاط ٿي ويندا آهن. ڪاريگر ڪوشش ڪري اهو مرحلو پنهنجي ننهن کان ڪرائيندا آهن ڏيئرن کان نہ !ان جو سبب اهو آهي تہ اهي سندن ڏيئرو ٻئي پاسي پرڻجي وينديون آهن پر سندن ننهن انهن جي گهر ۾ رهنديون آهن. رنگ جي ٿَهَر لڳائڻ کان پوءِ انهن نمونن يا پيس تي تيزابي نقش و نگار ڪيو ويندو آهي يا وري نقش ۾ خانا تيار ڪيا ويندا آهن ان ڪانپوءِ ان ڪي جوڙيو ويندو آهي. آخر ۾ ان ڪي سرنهہ جي تيل جي تهہ لڳائي ويندي آهي تہ جيئن ان ۾ چمڪ پيدا ٿئي ۽ ان ڪي مضبوطي ۽ پائيداري ملي.

اهو سمورو ڪم انتهائي اڻٿڪ محنت وارو ڪم هوندو آهي جيڪو ٻن ڳالهين تي ٻڌل هوندو آهي ڪاريگري ۽ صبر. هي فن نسل در نسل هلندو ايندو آهي اهي ڪاريگر پنهنجي اولاد کي پاڻ سان گڏ ويهاريندا آهن تہ جيئن اهي ڏسي ڪري سکن ۽ پوءِ جڏهن وڏا ٿيندا ويندا آهن تہ ۽ ان ڪم کي عملي طرح سان انجام ڏيندا ويندا آهن نيٺ ان قابل ٿي ويندا آهن جو سندن وڏا ڪين ڪاريگري جا اصول پڻ ڏسيندا آهن. توڙي جو هي هنر سندن ٻار ننڍي هوندي کان سکن ٿا عملي طور تي ان کي سرانجام ڏيندي ڪاريگري جي سندَ ماڻين ٿا مگر هن دور ۾ انهن لاءِ هي هنر اهو پئسو نٿو مهيا ڪري جنهن جا اهي صحيح حقدار آهن، تنهنڪري ايندڙ نسلن ۾ هن ڪم لاءِ اهو چاهہ ناهيو رهي جو اهي پنهنجي وڏن کي ان ڪم ۾ چوويهہ ڪلاڪ رڌل ڏسن ٿا ۽ پاڻ بہ ان جو حصو بڻجن ٿا پر سندن مالي حالاتون ڏينهون ڏينهن بدتر ٿينديون پيون وڃن. نون سڪندڙن لاءِ پڻ اها ڳالهہ ڳڻتي جوڳي آهي تہ محنت تہ تمام گهڻي آهي پر اجورو تمام گهٽ آهي ۽ اهو سبب هن فن کان ڏوري جو باعث پڻ بڻبو پيو وڃي.

ان ڪانسواءِ بہ هن فن جي گهٽجڻ جا گهڻا ئي سبب ٻڌايا ويا آهن جن ۾ بنيادي ڪم واري سامان يعني خام مال جنهن جي کوٽ پيدا ٿيندي پئي وڃي ان ڪانسواءِ 20هين صدي جي ويجهڙ واري عرصي ۾ هي ڪاريگر ٻاهڻ جو ڪاٺ ويجهي راڄري ٻيلي مان سستي اگهہ تي حاصل ڪندا هئا پر آهستي آهستي هي ٻيلو وڻن جي مسلسل ڪٽائي ۽ ماحولياتي آلودگي سبب تباهہ ٿيندو پيو وڃي. ماحولياتي تباهہ ڪارين هتان جي ڪاريگرن جي معاشي ڏيوالپڻي جو وڏو سبب پڻ بڻيو هاڻي اهي ڪاريگر اتر سنڌ مان ڪاٺ وڏي مهانگي اگهن تي گهرائڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. تازا گهرايل ڪاٺ آلا هوندا آهن انهن کي سڪائڻ لاءِ 3 کان 12 مهينا لڳي ويندا آهن تہ جيئن اهي استعمال جوڳو ٿين . ان ڪاٺ گهرائڻ لاءِ نہ تہ انهن وٽ ايڏي وڏي پئماني تي جاءِ آهي جو اهي ڪاٺ کي سڪائن ۽ نہ ئي وٽن ايترو پئسو جو اهي سستي ڪرائڻ لاءِ گهڻي مقدار ۾ ڪاٺ وٺي سگهن نہ انهن ۾ ايتري قوت ۽ پهچ آهي جو اهي کليل مارڪيٽ مان مناسب اگهن تي اهو ڪاٺ حاصل ڪري سگهن، تنهن ڪري اهي ريزڪي واپاري کان اهو ڪاٺ جنهن جي قيمت 95 کان 120 رپيا في ڪلو وڃي ٿئي ٿي سي گهرائڻ تي مجبور آهن اهو ڪاٺ اهي پنهنجي ڪم جي اجوري جي ايڊوانس طور تي ورتل رقم مان گهرائيندا آهن. پنهنجو ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪي انهن کي پئسا ملندا آهن تن مان اهو ورتل ايڊوانس ڪٽرايو ويندو آهي. گهربل ڪاٺ کان سواءِ ڪنڊي ۽ ٻبول جو ڪاٺ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي پر تمام گهٽ پئماني تي استعمال ٿيندو آهي ان ڪانسواءِ جڏهن ڪاريگرن کي اها خبر پئي تہ ان ڪاٺ کي اڌهي لڳي ٿي وڃي ۽ ان جي خوبصورتي پڻ ختم ٿي وڃي ان خيال کان ڪاريگرن ان ڪاٺ کي استعمال ڪرڻ بہ بند ڪري ڇڏيو آهي. ڪاٺ سان گڏ هاڻي شيشي ۽ گلاس تي پڻ ڪم ڪيو پيو وڃي. پر هن ڪم جي نزاڪت گلاس تي ايتري واضح نٿي ٿئي ۽ گلاس نازڪ پڻ ٿئي ٿو ٽٽي پوڻ جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي ۽ ٻيو اهو بہ تہ گلاس تي جڏهن ڪاشيءَ جو ڪم ٿي ويندي آهي ۽ ان کي ٿڌي پاڻي ۾ وڌو ويندو آهي تہ گلاس کان ڪاشي جو ٿيل ڪم الڳ ٿي ويندي آهي. ان ڪانسواءِ گلاس کي تمام گهٽ پسند ڪيو ويندو آهي بنسبت ڪاٺ جي تنهنڪري صرف آرڊر تي ئي گلاس جو ڪم ڪيو ويندو آهي. ان ڪانسواءِ پائوڊر ڪلر، تيل ۽ ڪوئلو پڻ سستا آهن مگر هن سڄي ڪم ۾ اهي استعمال ناهن ٿيندا. ڪاشي جو خام مال اولائي دور[2] کان مهانگو رهيو آهي توڙي جو هاڻي مقامي سطح تي ڪاشي جو رنگ 200 روپيا في ڪلو جي حساب سان ملي رهيو آهي پر جڏهن ان جي عرق ڪشي ڪئي ويندي آهي تہ اهو بد رنگو ٿي ويندو آهي. يعني اها دائمي سونهن بہ نہ رهندي آهي ۽



2 حوالو: سنڌ جا هنر از نارائڻ داس ملڪاڻي 1927ع



خرچو بہ گهٽو ايندو آهي. ان ڪري ڪاريگر هاٿي ان جو خام مال انڊيا کان گهرائيندا آهن جيڪو 400 روپيا في ڪلو جي حساب سان ملندو آهي.

جيڪڏهن تخمينو لڳايو وڃي تہ ڪاريگر 250 رپيا هڪ پيس تي ڪمائي ٿو جيڪو انتهائي نامناسب ۽ گهٽ اجورو آهي جيتوڻيڪ ان ڪم جي گهرج (demand) اسان جي ملڪ کان وڌيڪ ٻاهرين ملڪن ۾ آهي. توڙي جو ريٽلرز انهن ڪاريگرن کان اهو جنڊي جو سامان سستو وٺي ڪري اهو پنجوڙ تي مهانگو ڪري ٿا وڪڻن، حالانڪ اها محنت انهن ڪاريگرن جي آهي جن جو هر هڪ گهر 30 کان 50 هزار روپين جون قرضي تي پيون آهن. پر انهن ڪاريگرن وٽ انهن وچ وارن (middle man) مافيائن کي پنهنجو سامان وڪڻڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو بہ ناهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهي ڪاريگر جن ايڊوانس ۾ پيسا ورتا هوندا آهن اهي وقت سر پري بہ نہ سگهندا آهن تن کي پنهنجو تيار ڪيل سامان اجا بہ سستو ڪري وڪڻڻو پوندو آهي ۽ اهو هڪ اهڙو سلسلو آهي جو هو وچارا ڦاسندا ويندا آهن ۽ سامان سستو ڏيندا ويندا آهن ۽ ورتل ايڊوانس جو قرض بہ مشڪل سان لاهي سگهندا آهن جنهن ڪري سندن معاشي مسئلا وڌندا ويندا آهن. انهن مان گهڻن ڪاريگرن جو اهو خيال پڻ آهي تہ ان ورتل ايڊوانس جو هڪ پهلو اهو بہ آهي تہ انهن کي ڪم تہ ملندو رهندو بجاءِ جو اهو قرض نہ وٺن ۽ ڪاٿن ڪير ڪم بہ نہ وٺي.

بس اهڙي طرح ماحولياتي تبديلي، گهٽ منافعو، محدود سرمايا ڪاري، اوپن مارڪيٽ ۾ پهچڻ جو فقدان، وچ واري ماڻهو جي اجاره داري اهڙا اهڃاڻ آهن جن جي ڪري سندن زندگي ۽ معاشي بهتري جو ڪو واضح امڪان نظر نٿو اچي. ڪاريگرن جي اهڙي حالت ۽ پسماندگي هن فن کي پڻ پنهنجي معاشي زندگين جيان پويان ڪنديون پيون وڃن. توڙي جو انهن ڪاريگرن جي لاءِ حڪومت سنڌ ماضي ۾ سندن لاءِ پٽ شاهہ ۾ ڪاريگرن جي ڪالوني پڻ جوڙي تہ جيئن انهن کي گهر ملي سگهن، انهن جي ڪم جو ڪجهہ معاضو ڪين گهرن جي صورت ۾ ملي جيڪو پڻ حڪومت جي طرفان هڪ چڱو قدم هيو. ان ڪانسواءِ 1980ع واري ڏهاڪي ۾ اتي هڪ ڪميونٽي بيسڊ آرگنائيزيشن جنهن جو نالو جنڊي ملٽي پرپز ڪو آپريٽو سوسائٽي جي نالي سان پڻ جوڙي وئي جنهن ۾ ڪاريگر پڻ ميمبر ٿيا پڻ اڄ ڪلهہ اها تنظيم ڪجهہ بہ نہ پئي ڪري. پٽ شاهہ ۾ جوڙيل ورڪ شاپ واري جاءِ تي اجا بہ ورڪشاپ جو ڪم ورتو ويندو. هڪ ٻئي نان گورنمينٽ آرگنائيزيشن آرٽسن ڊولپمينٽ ويلفيئر ايسوسيئيشن جيڪا 2004ع ۾ جڙي جيڪا اجا بہ انهن ڪاريگرن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

هي ميسارجنڊز فن حڪومت ۽ سول سوسائٽي جي طرف ڌيان ڇڪائي رهيو آهي . ڪاريگرن جي التجا حڪومت جي جوڙيل انهن وزارتن (ثقافت کاتو، ٻيلو کاتو، زراعت کاتو SMEDA ) ۽ اين جي اوز سان تہ اهي اڳتي وڌن هن فن ۾ استعمال ٿيندڙ خام مال کي سولي قيمتن ۾ ڪاريگرن تائين پهچائڻ ۾ سندن مدد ڪن. سندن لاءِ هينڊي ڪرافٽ جي وسيع مارڪيٽ، انهن جي پروموشن لاءِ ٻين علائقن سان لاڳاپن لاءِ آسان طريقي جي جوڙجڪ ڪن تہ جيئن ٻين علائقن ۾ ساڳيو ڪم ڪندڙن جي وچ ۾ گڏيل سڪيا جو ماحول جڙي، تحقيق ذريعي هن فن ۾ اضافو ٿئي ۽ ڪاريگرن کي وڌيڪ معاشي سک نصيب ٿئي ۽ اهي پاڻ پيرا تي سگهن ۽ پنهنجي نسلن کي اهو فن سيکاريندي ڪو آر يا جهجهڪ محسوس نہ ڪن. هن ميسارجنڊز ورثي لاءِ حڪومت کي ڪاريگرن جي واهر لهڻ گهرجي تہ جيئن هي تمام خوبصورت فن جيڪو ثقافت جو اهڃاڻ پڻ آهي باقي رهي سگهي.

هي مضمون انگريزيءَ ۾ محترم صدف جنيد زُبيري ۽ محترم نعيم نظاماڻي طرفان تحقيق ڪري لکيو ويو جنهن کي سنڌيءَ ۾ اوهان لاءِ پيش ڪجي ٿو

## پري پي جام محبت وارو

ڇڏ خيال خوديءَ جو خام، ڌوئيءَ جو دام، پري پي جام محبت وارو

وٺ الفت جو انعام، اِهو انجام، پري پي جام محبت وارو

هيءَ دنيا خام خيالي آ
پل پل جي چال نرالي آ
هڪ من جي موج مثالي آ
دل مست و مست مدام، صبح و شام، پري پي جام محبت وارو.

چا رنگيءَ رنگ رچايو آ
ڪثرت جو باغ بنايو آ
سڀ صورت پاڻ سمايو آ
حق اناالحق ڪلام، اچي الزام، پري پي جام مگحبت وارو.

محبوب لڪائي اندر ۾
چو گولين مسجد مندر ۾
جِم وات وڃائين وندر ۾
ڪٽ ڪفر ڪتي اسلام، گهتي ۽ گام، پري پي جام محبت وارو.

هن بيگانن جي بستيءَ ۾
رهہ حاضر پنهنجيءَ هستيءَ ۾
مذ مست مگن تي مستيءَ ۾
تي منهنجو پڻ امام، عجب آرام، پري پي جام محبت وارو.

ڪو عاشق مست فقير چوي
ڪو ملحد بي پير چوي
ڪو شاعر يا "شمشير" چوي
ڪر ڳالهہ اندر جي عام، پلي بدنام، پري پي جام محبت وارو.

شمشيرالحيدري



# جنن جي ٻولي...!!

صنم کوکر

چوندا آهن تہ قدرت جي نظام ۾ ارتقا جو عمل هڪ اهڙي چرپر آهي جيڪا آهستي آهستي پيرڙا پائيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ تمام گهڻي تيزي سان ڇلانگون ڏئي انسان ۽ ان جي جوڙيل سماجي نظام ۾ وڏيون وڏيون تبديليون آڻي ڇڏيندي آهي. جڏهن عقل آيو ۽ آس پاس موجود دنيا ۽ نظام کي سمجهڻ شروع ڪيوسين تہ خبر پئي تہ واقعي بہ تبديلي جيڪڏهن وقت سان گڏ نہ اچي تہ پوءِ ان جو اثر قومن جي تباهيءَ جي صورت ۾ بہ ظاهر ٿيندو آهي. قرآن شريف ۾ بہ خود خدا فرمايو آهي تہ: "مان ان قوم جي تقدير تيستائين نہ ٿو بدلايان جيستائين اها قوم پنهنجي تقدير پاڻ نہ ٿي بدلائي. "

خاص ڪري پنتي پيل قومن جي سماجن اندر ائين ٿيندو آهي تہ ڪي طاقتور قوتون هٿ وٺي اهڙي قسم جا خيال، سوچون، وهم ۽ وسوسا سماج منجهہ ڦٽو ڪري ڇڏينديون آهن جن جو ورد صدين تائين ان سماج جي فردن جي زبانن تي رهندو آهي ۽ اهي خيال، سوچون، وهم ۽ وسوسا لفظن ۽ جملن جي صورت ۾ ان سماج ۾ موجود فردن جي ذهنن منجهہ ڪنهن بہ شيءِ سان پيار يا نفرت جا ٻج پوکيندا رهندا آهن، اهو عمل پاڙمرادو وڏي پئماني تي نسل در نسل منتقل ٿيندو رهندو آهي اهڙيءَ طرح اهو سماج ڪنهن ڪينسر جي مرض وانگر انهن خيالن جي بيماريءَ ۾ جڪڙيو رهندو آهي. جيڪڏهن اهي خيال يا جملا مثبت آهن جن سان سماج جي ذهني، روحاني ۽ معاشي پرورش ٿئي ٿي تہ پوءِ اهڙن خيالن کي وڌائڻ ۾ ڪو بہ عيب ناهي پر جيڪڏهن اهي خيال، سوچون، وهم ۽ وسوسا سماج اندر ڪنهن خاص فرد، شيءِ يا نظام خلاف نفرت جو هڪ اهڙو ٻج پوکن ٿا جيڪو ناسور بڻجي اسان کي ارتقا ۽ ترقيءَ جي مرحلن کان ڏور ڪري ٿو تہ پوءِ اهڙن خيالن ۽ سوچن کي نہ صرف روڪڻ گهرجي پر انهن منفي خيالن جي پاڙ پٽي ان شيءِ، فرد يا سوچ جي مثبت پهلوئن کي اجاگر ڪري ان جي اهميت کي وڌائڻ گهرجي. اهڙي قسم جي ذميداري هن سماج ۾ موجود اسان مان هر هڪ پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار فرد جي ڪلهن تي ڪنهن جي بہ چوڻ کان بنا پاڙمرادو لاڳو ٿئي ٿي.

خيالن، سوچن، وهمن ۽ وسوسن جون اهڙيون سازشون وڏي پئماني تي اسانجي تعليمي نظام اندر هٿ وٺي متعارف ڪرايون ويون مان سمجهان ٿي تہ انهن ۽ اهڙن عملن جو ئي سبب آهي جو اڄ اسان وٽ وڏي پئماني تي شاگردن جو تعليم سان ڪو خاطرخواه چاهہ ۽ شوق نہ آهي. مان ڪنهن وقت ۾ هر ٻار وانگر پهريان شاگرد هئس، پوءِ استاد ٿيس ۽ اڄ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي پليٽ فارم تان استادن کي تربيت ڏيڻ واري هڪ استاد آهيان. مان بہ عام ماڻهن جيان هميشہ پڙهڻ واري دور ۾ پنهنجن استادن کان وٺي هر عام ۽ خاص فرد جي واتان خاص ڪري رياضي مٿان ڪيترائي الزام لڳائيندي ٻڌو ۽ انهن الزامن تي ٻين وانگر اکيون بند ڪري يقين پڻ ڪيو. جڏهن بہ رياضي پڙهڻ لاءِ ڪتاب کوليندي هئس تہ ڪتاب ۾ لکيل اٽپور، ڏنگين وارا حساب، سيٽ ۽ ٻيو مول جهڙن ڏکين حسابن تي نظر پوندي هئي تہ پنهنجين سهيلين ۽ گڏ ڪم ڪندڙ ساٿي استادن جا جملا ياد ايندا هئا: "رياضي جنن جي ٻولي آهي... مٿي جو سور آهي... رياضي هڪ بيڪار ۽ بوريت سان ڀرپور مضمون آهي... رياضي جو مضمون صرف ذهني طور منجهائيندڙ پر تمام ڏکيو ۽ وقت جو ذيان وارو مضمون آهي... " وغيره وغيره ۽ پوءِ هڪدم منهنجي من اندر رياضيءَ جي مضمون کان بيزاري پيدا ٿيندي هئي ۽ رياضي جي ڪتاب کي پاڻ کان پري ڦٽو ڪري ڇڏيندي هئس. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري هو جو مان بہ هن سماج جي ٻين ڪيترن ئي لکن شاگردن ۽ فردن وانگر رياضيءَ بابت وڏي پئماني تي ڦهلايل اهڙن جملن جو ننڍي لاءِ کان شڪار هيس جن ۾ رياضيءَ جي مضمون سان سخت نفرت ۽ بيزاريءَ جو عنصر شامل هو.

جڏهن ڪوئي فرد استاد ٿيندو آهي تہ ان مٿان پڙهائڻ جي هڪ عظيم ذميداري اچي ويندي آهي ۽ پوءِ هو چاهيندي بہ پاڻ کي ڪنهن مضمون کي سمجهڻ يا پڙهائڻ کان الڳ نہ ٿو ڪري سگهي پوءِ چاهي ان مضمون بابت سندس ذهن ۾ ننڍي لاءِ کان وٺي اهي خيال ئي ڇو نہ پريا ويا هجن تہ: "اهو مضمون جنن جي ٻولي يا مٿي جو سور آهي... " جڏهن مان استاد ٿيم تہ اها ساڳي ذميداري مون تي بہ آئي تہ رياضي جو مضمون پڙهائڻو آهي



سو نيٺ مان بہ رياضيءَ جي ڪتاب کي ڦٽو ڪندي ڪندي آخر هڪ ڏينهن مجبوريءَ تحت ئي سهي پر ان ڪتاب کي ڪٿي پڙهڻو ۽ سمجهڻو پيو، ڇو تہ هاڻ مان هڪ عام فرد نہ هيس پر هڪ استاد هيس، جنهن جو اولين فرض قوم جي اسرندڙ ذهنن جي پرورش ڪرڻ آهي ۽ مان اهو سمجهڻ ۾ حق بجانب بہ آهيان تہ پڙهائيءَ جي معاملي ۾ هڪ استاد کي پنهنجي شاگردن جي معياري ۽ بهتر ذهني اوسر لاءِ گهڻ طرفي شخصيت ٿيڻو ئي پوندو. هڪ ڏينهن مونکي شاگردن کي ڪَٿَ جو حساب ڪرائڻو هو، ڪين ڪَٿَ جا سادا حساب تہ ڪرائي ويس پر هڪ حساب ۾ ڦاسي ويس جيئن جيئن حساب کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم تہ اهو حساب منهنجي لاءِ ڏکيو ٿيندو ويو، پر پڪو پهہ ڪيم تہ اهو حساب سکي رهندس. آخر رات جو دير تائين انهيءَ حساب کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ڪندي آخرڪار اهو حساب حل ڪري ورتو ۽ جڏهن حساب حل ٿي ويو تہ پنهنجي ڪيل محنت تي تمام گهڻي خوشي ٿي. ان وقت خوشيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي تمام گهڻو داد ڏنم ۽ پاڻمرادو منهنجي ايڏي همٿ افزائي ٿي جو اها بيان کان ٻاهر آهي. پل مون کي ان حساب حل ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳو ۽ گهڻي محنت ڪرڻي پئي پر پوءِ مونکي ان ڳالهہ جو احساس شدت سان ٿيو تہ رياضي جو مضمون تہ تمام سولو ۽ آسان آهي. مونکي ان ڳالهہ تي حيرانگي هئي تہ مان بغير ڪنهنجي مدد جي هڪڙو حساب سکي ويم ان جو مطلب تہ اهو ئي آهي تہ رياضي هڪ تمام گهڻو دلچسپ مضمون آهي. ان وقت مان سمجهي ويم تہ اسان جي تعليمي نظام ۾ رياضي جي مضمون بابت جيڪي سوچون ۽ خيال ڦهلايا ويا آهن سي بلڪل غلط ۽ بي بنياد آهن ڇو تہ رياضي جو مضمون جنن جي ٻولي نہ پر خود هڪ اهڙي ٻولي آ جنهن جي پنهنجي هڪ الڳ دنيا آهي، جنهن ۾ انگ، عدد، حساب، حسابن جون نشانيون ۽ ٻيو ايترو ڪجهہ آهي جنهن کي سمجهڻ ڪانپوءِ هڪ ماڻهو نہ صرف پنهنجي عام رواجي زندگي آسانيءَ سان گذاري سگهي ٿو پر هو دنيا جي ننڍن کان ننڍن ۽ وڏن مسئلن کي آسانيءَ سان پڻ سمجهي سگهي ٿو. منهنجي لاءِ اها ڪيتري نہ حيرت جي ڳالهہ هئي تہ ڪَٿَ جي هڪ حساب منهنجا سمورا پراڻا عقيده، وهم ۽ وسوسا ختم ڪري ڇڏيا بس پوءِ ان ڏينهن ڪانپوءِ رياضي منهنجو پسنديده مضمون بڻجي ويو.

رياضيءَ جي مضمون لاءِ بس ايترو سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ رياضي وک وک تي اسان جي عام زندگي جو هڪ اڻٽُٽ حصو آهي. رياضي جنن جي ٻولي نہ پر اهڙي ٻولي آهي جيڪا قدرت جا لڪل راز کولڻ لاءِ اسان کي هڪ گس فراهم ڪري ٿي. رياضي جو مضمون مٿي جو سور نہ پر دنيا جا وڏي ۾ وڏا مسئلا حل ڪرڻ جو ذريعو آهي. رياضي هڪ بوريت وارو ۽ غير دلچسپ مضمون نہ آهي پر هي هڪ دلچسپ مضمون آهي ۽ رياضي جو مضمون وقت جو ذيان نہ پر وقت جي هڪ اهڙي ضرورت آهي جنهن جي مدد سان سائنس جي دنيا جي باشندن هن ڪهڪشائن جون ڪيرڏارائون لتاڙيون آهن. اسان جي هڪ نظر ڦيرائي پنهنجي آس پاس ڏسون تہ اسان جون اکيون کلي پونديون تہ اهو ڪهڙو ڏندو، ڪم يا ڪِرتَ آهي جنهن ۾ رياضي جو تمام گهڻو استعمال نہ آهي مثال طور: مزدور، هاري، ذميندار، عورت (پوءِ چاهي اها گهريلو سگهڙ عورت هجي يا نوڪري ڪندڙ)، آبادگار، واپاري، درزي، وادو، رازو، انجنيئر، ڊاڪٽر، دڪاندار، ڊرائيور، بورچي مطلب هن دنيا ۾ رهندڙ اهو ڪهڙو اهڙو فرد آهي جيڪو پنهنجي ڪم ۾ حساب ڪتاب کي استعمال نہ ٿو ڪري يا حساب ڪتاب کي استعمال ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجو ڪم ڪري سگهي ٿو..!!؟؟ حڪومتن کي ملڪ هلائڻ لاءِ هڪ ملڪي نظام کپي ۽ ان نظام جي جوڙجڪ ۽ نظام هلائڻ لاءِ وسيلن جي ورهاست تہ رياضيءَ جي مضمون تحت ئي ٿيندي آهي. هن دور ۾ زنده رهڻ ۽ سماجي واسطہ بهتر طريقي سان قائم رکڻ لاءِ موبائيل ۽ ڪمپيوٽر جي سخت ضرورت آهي ان لاءِ رياضي جو اچڻ ڪيترو ضروري آهي تنهن جي باري ۾ ٻڌائڻ جي ضرورت نہ آهي. وڻج واپار خاطر علائقائي، صوبائي، ملڪي ۽ عالمي منڊيءَ تائين رسائيءَ خاطر ۽ ٻئنڪن اندر ڏيتي ليتي لاءِ اسان وک وک تي رياضي جي مضمون جا محتاج آهيون. هڪ آبادگار يا هاري زمين جي ماپ کان وٺي، تور تڪ، حساب ڪتاب، ٻج، پاڻ، ڀر ۽ پاڻيءَ کان علاوه واپاريءَ يا ڪارخانيدار سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ لاءِ هر قدم تي حساب ڪتاب ۽ انگن اکرن جو ئي استعمال ڪندو آهي. ڀرڙيءَ جي سگهڙ عورت جڏهن پنهنجي هٿن جي ڪاريگريءَ سان سئي هٿن ۾ ڪٽي ٽُڪ يا ڪا ٻي رلي ٺاهيندي آهي يا ڪئنويز، ڀرٽ، هرمُچي جو ڪم ڪندي آهي يا وري ٻن وڏين سُئن کي هٿ ۾ ڪٽي سويٽر سبندي آهي تہ ان سموري ڪم ۾ انگ، ڳڻين جي ڳٽپ ئي ڪاريگريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندي آهي، رليءَ جي ڊزائين لاءِ هر قسم ۽ هر سائيز جا هڪ جيترا ڪپڙن جا ٽڪرا ۽ انهن جي اهڙي جوڙجڪ جو جڏهن رلي جڙي راس ٿئي جو ڏسڻ ڪانپوءِ ڏندين آڱريون اچي وڃن. مطلب تہ اها ڪهڙي ڪِرت

حڪومتن کي ملڪ هلائڻ لاءِ هڪ ملڪي نظام کپي ۽ ان نظام جي جوڙجڪ ۽ نظام هلائڻ لاءِ وسيلن جي ورهاست تہ رياضيءَ جي مضمون تحت ئي ٿيندي آهي. هن دور ۾ زنده رهڻ ۽ سماجي واسطہ بهتر طريقي سان قائم رکڻ لاءِ موبائيل ۽ ڪمپيوٽر جي سخت ضرورت آهي ان لاءِ رياضي جو اچڻ ڪيترو ضروري آهي تنهن جي باري ۾ ٻڌائڻ جي ضرورت نہ آهي. وڻج واپار خاطر علائقائي، صوبائي، ملڪي ۽ عالمي منڊيءَ تائين رسائيءَ خاطر ۽ ٻئنڪن اندر ڏيتي ليتي لاءِ اسان وک وک تي رياضي جي مضمون جا محتاج آهيون. هڪ آبادگار يا هاري زمين جي ماپ کان وٺي، تور تڪ، حساب ڪتاب، ٻج، پاڻ، ڀر ۽ پاڻيءَ کان علاوه واپاريءَ يا ڪارخانيدار سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ لاءِ هر قدم تي حساب ڪتاب ۽ انگن اکرن جو ئي استعمال ڪندو آهي

آهي جنهن ۾ رياضي شامل ناهي. ننڍي ۾ ننڍي شيءِ جي حجم، وزن، ماپ، شڪل ۽ هئيت معلوم ڪرڻ کان وٺي ڪائنات جي وسعتن کي ماپڻ لاءِ تہ صرف ۽ صرف رياضي ئي ڪم ايندي آهي. سو اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ اسان رياضي جهڙي شاندار مضمون کان ونءُ وڃون ۽ ان جي گوناگون ۽ گهڻ گهرئي استعمال مان لاڀ حاصل نہ ڪيون...!!؟؟

تنهن ڪري هاڻ ان ڳالهہ جو ڪو جواز ئي نہ پيو بچي تہ اسان رياضي يا تعليم جي حاصلات متعلق يا سماجي طور تي ترقيءَ جي راهہ تي وٺي هلندڙ ڪنهن بہ اهڙي ڪم، مقصد يا عمل خلاف اهڙن دقيانوسي جملن جو ورجاءُ ڪيون ۽ پنهنجن نسلن کي انهن جي ڀرپور فائدي حاصل ڪرڻ کان پاسي ڪريون. اچو تہ ان ڳالهہ جو عهد ڪريون تہ اسان پنهنجي سماج کي اهڙن دقيانوسي خيالن، سوچن، وهمن ۽ وسوسن کان آجو ڪرائينداسين ۽ هر قدم تي اهڙن جملن چوندڙن جي حوصلا شڪني ڪنداسين جن سان علم حاصلات ۾ رنڊڪون پيدا ٿين ٿيون ۽ اچو تہ اسان پنهنجو پاڻ سان اهو وچن ڪيون تہ اسان هن سماج جي هنج ۾ خيالن ۽ سوچن جا اهڙا خوبصورت ٻج پوکينداسين جن جو مٺو ڦل اسان جون ايندڙ نسلون بہ چکن ۽ اسان کي ترقي ڪرڻ کان ڪو بہ روڪي نہ سگهي.



# ڪهاڻين جا ڪرشما...

فرزانه اختر

اونهاري جي رات ۾ ستارن ڀري ڳگن هيٺان سمهڻ ننڍپڻ جي هڪ وڏي ۽ اهم سرگرمي هوندي هئي. وري جي پنهنجي کٽ ناني، ڏاڏي، امان يا بابا جي ڀر ۾ هجي تہ واه واه ڇو تہ ستارن جي عجيب وغريب جهرمٽ کي ڏسي ڪري ٻاراڻي وهيءَ جي عقل مطابق سوين سوال پڇبا هئا، جن جا جواب اسان جا وڏا مسڪرائيندي ۽ کلندي ڏيندا هئا. ”هو ٽيڙو، هو کتي، هو کٽ، هو پڇڙ تارو ۽ هو تمام گهڻو چمڪندڙ ڌُرو، ائين ڀائنبو هو ڄڻ ستارن جي جهُرمٽ جي سموري ڪير ڏارا اکين جي ڇنبڙين تي رقص ڪندي هئي....“ اهي زندگيءَ جا ڪيڏا نہ شاندار لمحا هوندا هئا....!! پوءِ ستارن تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڳالهيون الائي جو ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پڄنديون هيون. ڪهاڻين جا دور شروع ٿيندا هئا تہ ختم ئي نہ ٿيندا هئا، ڪي ڪهاڻيون تہ قسطوار مسلسل هلنديون هيون، سڄو ڏينهن من ۾ بيچيني هوندي هئي تہ ان ڪهاڻيءَ جي ڪردارن سان ڇا ٿيو، اهي ڳالهيون من ۾ پيون ڦرنديون هيون تہ: ”ڪڏهن ٿي رات ٿئي ۽ راڻي محل جي سازش کي ناڪام بڻائي بادشاه ۽ ان جي تخت کي بچائي....!!“ زندگي اندلٺي رنگن واري ڏارا جيان لڳندي هئي. مون کي اڄ بہ اها ڪهاڻي جيڪا ”ٻڌيءَ“ متعلق هئي ۽ جنهن جو اثر اڄ ڏينهن تائين منهنجي زندگيءَ تي تمام گهري انداز سان آهي سا برزبان ياد آ، جيڪا الائي ڪيترا دفعا ناني جي واتان ٻڌي هئي، جي ائين ڪٿي چوان تہ ان ڪهاڻيءَ زندگيءَ جي ڪوڙ سارن پهلوئن سان منهنجي رهنمائي ڪئي آ تہ اها ڳالهہ وڌاءُ نہ ٿيندي. اها ڪهاڻي ناني مون کي سياري جي هڪ ٿڌي رات ۾ ٻڌائي هئي:

”هڪڙو غريب شخص روزگار لاءِ پنهنجا ٻار ٻچا وٺي پرديس ڏانهن پئي ويو. هلندي هلندي ڪين واٽ تي رات پئجي وئي. سو هڪڙي وڻ هيٺان وڃي لٿا. اتي غريب شخص پنهنجي پٽ کي چيو: ”ابا تون ڪاٺيون ڪري اچ...“ وري ڌيءَ کي چيائين: ”امان تون پاڻي ڀري اچ...“ ۽ زال کي چيائين: ”تون ماني پچائڻ لاءِ اٽو ڪيہ...“ حڪم ملڻ شرط سڀڪو پنهنجي پنهنجي ڪم پٺيان هليو ويو. باقي پاڻ ويهي نوڙي وٽڻ ويٺو. ان وڻ تي هڪڙو پکي ويٺو هو جنهن سارو رنگ پئي ڏٺو. تنهن ان غريب شخص ڪان پڇيو: ”اي شخص تون نوڙي ڇو ٿو وٽين...!!“ تنهن تي ان غريب جواب ڏنس: ”هن نوڙيءَ سان مان توکي ڦاسائيندم ۽ پوءِ اسان توکي کهي رڌي پچائي کائينداسين...“ پکيءَ غريب شخص ۽ سندس گهرڀاتين جي ٻڌي ڏٺي هئي سو پڪ ٿيس تہ هي مونکي نہ ڇڏيندا ۽ پڪڙي ڪري کهي ڪائي ڇڏيندا. پکي سوچڻ لڳو تہ هاڻ ڪيئن پنهنجي جان ڇڏايان، اُها ڳالهہ ٻڌي هن غريب شخص کي چيو: ”جيڪڏهن تون منهنجي جان بخش ڪندين تہ پوءِ مان توکي خزاني جو ڏس ٿو ڏيان، اتان دنيا ڪڍي پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو گذران ڪر، پر ٻيلي مون کي معافي ڏي....“ غريب شخص کيس چيو: ”ٺيڪ آهي مون کي تنهنجو شرط قبول آهي سو هاڻ ٻڌاءِ تہ اهو خزانو ڪٿي آهي...!!؟؟“ پکيءَ خوش ٿي کيس چيس: ”جنهن وڻ جي هيٺان ويٺو آ ان جي پاڙ وٽ 5 فٽ کوٽائي ڪر تہ توکي خزانو ملي ويندو....“ غريب شخص پکيءَ جو چوڻ ڪيو ۽ وڻ جي پاڙ وٽ کوٽي ڪري خزانو ڪڍي پنهنجن ٻارن ٻچن سميت واپس گهر آيو ۽ خوش زندگي گذارڻ لڳو.

ان غريب شخص جي امير ڀاءُ جڏهن اوچتو ئي اوچتو پنهنجي ڀاءُ وٽ ايتري دولت ڏٺي تہ حيران ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو تہ اڳ تہ مانيءَ ٽڪر لاءِ بہ مون کي پيو ايلاز ڪندو هو پر هاڻ تہ ساري تر ۾ هن جهڙو سکيو تہ ڪو ٻيو آهي ئي نہ...!! نيٺ پنهنجي ڀاءُ کان پڇيائين: ”ادا ڪر تہ خبر توکي اهو خزانو هٿ ڪٿان آيو...!!؟؟“ تنهن تي ان غريب جيڪو هاڻي خوشحال ٿي چڪو هو پنهنجي ڀاءُ کي پکيءَ وارو اهو سمورو قصو ڪري ٻڌايو. سندس ڀاءُ اها ڳالهہ ٻڌي لالچ ۾ اچي پيو ۽ خزاني هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اچي ان وڻ هيٺان رهيو. هڪ هڪ ڪري پنهنجي گهرڀاتين کي سڏيندو ويو ۽ کين ڌار ڌار ڪم ڏسيائين؛ پر انهن تہ کيس جواب ڏيندي چيس: ”اسين پنڌ ڪو نہ ويندا سين، اسان کان اهو ڪم ڪو نہ ٿيندو، بس بہ ڪر هاڻ ڪير ڪندو اهو ڪم...!!“ جڏهن سڀني ڪم کان جواب ڏنس تہ پاڻ ويٺو نوڙي وٽڻ. اهو ڏسي ساڳئي پکيءَ پڇيس: ”ميان ڏي خبر نوڙي ڇا لاءِ پيو وٽين...!!؟؟“ تنهن تي غريب شخص جي ان ڀاءُ چيس: ”هن نوڙيءَ سان توکي ٻڌندس ۽......“ جيستائين هو پنهنجو جملو پورو ڪري تيستائين پکيءَ کيس کلي ڪري چيس: ”تون ڀرين پنهنجو گهر تہ ٻڌ، توکان گهر ئي ٻڌو ڪو نہ ٿيو آهي سو وري هليو آ مون کي ٻڌڻ...!!“ ائين چئي پکي پڙڪو ڏئي اڏامي هليو ويو ۽ غريب جو امير ڀاءُ جهڙو ويو هو تهڙو هٿين خالي ٺلهو موٽي آيو... ”

مونکي ڪهاڻين ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو ڏاڍو شوق آهي، شايد ان ڪري تہ ڪهاڻيون حقيقت کان وڌيڪ خوبصورت هونديون آهن يا وري شايد ان

ڪري تہ ڪهاڻيءَ ۾ اسان پنهنجي پسند جو ماحول جوڙي وٺندا آهيون، اهڙو ماحول جنهن سان اسان جي انسيت ۽ لڳاءُ هوندو آهي. ڪجهہ ڪهاڻيون اسان کي تفريح فراهم ڪنديون آهن تہ وري ڪجهہ افسرده ڪري ڇڏينديون آهن، پر ڪجهہ ڪهاڻيون اهڙيون بہ هونديون آهن جيڪي اسان کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏينديون آهن ۽ اهي اسان جي ذهن ۽ سوچ کي جهنجهوڙي ڇڏينديون آهن، ڪن ڪهاڻين جي خيالن ۽ ڪردارن جو اسان تي ايترو اثر ٿيندو آهي جو من مندر ۾ هڪ اهڙي ٽوڙ ڦوڙ شروع ٿيندي آهي جنهن سان انسان مثبت تبديليءَ ڏانهن وکون وڌائيندو آهي. مٿي بيان ڪيل ڪهاڻيءَ وانگر ٻيون انيڪ ڪهاڻيون نہ صرف اسانجي شخصيت کي بهتر ڪنديون آهن پر انهن ڪهاڻين جي ذريعي اسان پنهنجي آئيندي لاءِ خوبصورت خواب پڻ اڻندا آهيون. ناني، امان ۽ ٻين وڏڙين ۽ وڏڙن جي واتان ٻڌل اهڙين سوين ڪهاڻين جو منهنجي سوچ تي هڪ گهرو اثر آهي. انهن ڪهاڻين جي ڪردارن زندگي جي مختلف دورن ۾ لڳاتار منهنجي شخصيت کي هڪ اڻ ڏٺي استاد جي حيثيت وانگر نہ صرف رهنمائي ڪئي آهي پر وک وک تي مون کي مضبوط بہ ڪيو آهي. ان بنياد تي مان اهو چئي سگهان ٿي تہ ڪهاڻي اسان جي زندگيءَ ۾ مثبت تبديليون آڻي سگهي ٿي. بهتر ۽ معياري ڪهاڻين ٻڌڻ سان اسان جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت بهتر ٿئي ٿي، اسان ۾ ماڻهن، انهن جي روين ۽ مزاجن، شين ۽ حالتن کي پرکڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.

مان سمجهان ٿي تہ هڪ صحتمند معاشري کي جوڙڻ لاءِ ڪتابن ۽ ڪهاڻين جو بنيادي ڪردار هوندو آهي. اڄڪلهہ تہ جديد ٽيڪنالاجي جو دور آهي، ٻارن لاءِ ڪمپيوٽر گيمز ۽ ڪارٽون ۽ وڏن لاءِ لائين لڳل ٽيليويزن جي چئنلن طرفان هلايل ڀانت ڀانت جي قومن ۽ ثقافتن سان وابسطہ ڊراما ۽ سئنيما جي وڏي پردي تي اٽڪٽ فلمن جا ڪردار... ٻين لفظن ۾ ائين چئون تہ پرنٽ ميڊيا، ڪتاب، اليڪٽرانڪ ميڊيا (وڊيو گيمز، ريڊيو، ٽي وي ۽ سئنيما) جي هر حرڪت ۾ هڪ ڪهاڻي لڪل هوندي آهي، وڏي ويچار جي ڳالهہ اها آهي تہ انهن ڪهاڻين جي معياري ۽ مثبت هجڻ جي پرواه ڪنهن کي بہ ناهي..!! ڇو تہ جنهن انداز ۾ ميڊيا اسان جي سماج ۾ ڌوڪي آئي آ، ان ڪانپوءِ ان جي مثبت ۽ منفي اثرن وارن پهلوئن تي ڪو بہ بحث مباحثو ناهي ۽ انهن منفي ڪهاڻين جو وڏي ۾ وڏو شڪار اسان جا ٻار ٿين ٿا جن جا ذهن تمام گهڻا نازڪ آهن، جن کي اڃان چڱي، مَٺي جي خبر ناهي، جيڪي صحيح غلط جو فيصلو ڪرڻ جي قابل نہ آهن ۽ جيڪو ڪجهہ هو ڏسن ٿا ان سموري لقاءَ کي هو پنهنجي پاڻ تي لاڳو ڪن ٿا. تنهن ڪري اهو هڪ تمام گهڻو نازڪ پاسو ۽ پهلو آهي جنهن تي حڪومت سميت سماج جي هر متحرڪ اداري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

اسان جي قومي نصاب ۾ پڻ ڪهاڻيون شامل آهن جيڪي هڪ ٻار جي ذهني ترقيءَ ۽ نشوونما ۾ مفيد ڪردار ادا ڪن ٿيون، پر وري بہ انهن



مان سمجهان ٿي تہ هڪ صحتمند معاشري کي جوڙڻ لاءِ ڪتابن ۽ ڪهاڻين جو بنيادي ڪردار هوندو آهي. اڄڪلهہ تہ جديد ٽيڪنالاجي جو دور آهي، ٻارن لاءِ ڪمپيوٽر گيمز ۽ ڪارٽون ۽ وڏن لاءِ لائين لڳل ٽيليويزن جي چئنلن طرفان هلايل ڀانت ڀانت جي قومن ۽ ثقافتن سان وابسطہ ڊراما ۽ سئنيما جي وڏي پردي تي اٽڪٽ فلمن جا ڪردار... ٻين لفظن ۾ ائين چئون تہ پرنٽ ميڊيا، ڪتاب، اليڪٽرانڪ ميڊيا (وڊيو گيمز، ريڊيو، ٽي وي ۽ سئنيما) جي هر حرڪت ۾ هڪ ڪهاڻي لڪل هوندي آهي، وڏي ويچار جي ڳالهہ اها آهي تہ انهن ڪهاڻين جي معياري ۽ مثبت هجڻ جي پرواه ڪنهن کي بہ ناهي..!!

ڪهاڻين ۾ هڪ خاطر خواه اضافي جي سخت ضرورت آهي ۽ منهنجي خيال ۾ تہ ڪهاڻين کي اسان جي نصاب جو هڪ انتهائي ضروري حصو بڻايو وڃي ۽ هر مضمون ۽ هر ڪلاس جي حساب سان ڪهاڻين جا ڪتاب ترتيب ڏنا وڃن، جن کي نصاب جي هڪ اهم ۽ ضروري جز تحت هر مضمون سان اضافي پڙهائيءَ طور لاڳو ڪيو وڃي. ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ ٻارن جي بهتر ذهني، جسماني، روحاني ۽ سماجي نشوونما لاءِ ڪهاڻي پڙهڻ يا ٻڌڻ هڪ دلچسپ مشغلو آهي جنهن سان ٻارن جي گهڻ طرفي تربيت ٿيندي آهي. ڪهاڻيءَ مان ٻار کي ترغيب ملندي آهي ۽ جڏهن هو ڪهاڻي ٻڌندو يا پڙهندو آهي تہ لاشعوري طور تي هو پاڻ کي ان ڪهاڻي ۾ شامل ڪردارن منجهان هڪ ڪردار تصور ڪندو آهي ۽ اڪثر هو پاڻ کي ڪهاڻي جي هيرو يا هيروئن جي ڪردار ۾ ڏسندو آهي، ڇو جو هيرو يا هيروئن جو ڪردار هميشہ مثبت هوندو آهي. پر ڪهاڻين ۾ تہ ڪي منفي ڪردار بہ هوندا آهن ۽ اهي ڪردار دل کي ڏاڍا ڇهندڙ ۽ طاقتور هوندا آهن انهن منفي ڪردارن جو اثر ٻارن جي سوچ تي منفي نہ پوي ان لاءِ ان ڳالهہ جي سخت ضرورت هوندي آهي تہ هر ڪهاڻي، ڊرامي، فلم يا راند ڪانپوءِ ٻارن کي اهو ٻڌايو تہ صحيح ڪردار ڪهڙو هو ۽ ان جون خوبيون ڪهڙيون هيون ۽ منفي ڪردار ڪهڙو هو ۽ ان جون غلط ڳالهيون ۽ غلط عمل ڪهڙا هئا جيڪي اسان کي ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گهرجن ۽ انهن ڪهاڻين، ڊرامن، فلمن يا راندين جو مطلب اهو بہ هوندو آهي تہ اسان صحيح غلط فردن ۽ ڪمن کي سڃاڻي سگهون. اهڙي طرح اسان ڪهاڻي، ڊرامي، فلم يا راند جي ڪردارن جي پسمنظر ۾ ٻارن جي شخصي ڪردار کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪري سگهون ٿا. مطلب تہ ڪنهن ڊرامي، فلم يا راند جي هڪ بهترين ڪهاڻي ڪنهن بہ فرد جي گهڻ طرفي تربيت ڪري سگهي ٿي جيڪڏهن ان کي مثبت ۽ بهتر انداز سان ٻڌايو، پڙهايو يا سمجهايو وڃي.

عمر جي شروعاتي سالن کان وٺي ٻارن جو ڪهاڻين سان لڳاءُ هوندو آهي. ان ڪري اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪهاڻي هڪ اهڙو منظم فريم ورڪ آهي جنهن ۾ ٻارن کي سموري زندگيءَ لاءِ مثبت پيغامن جا اهڙا تحفا ڏئي سگهجن ٿا جيڪي ڪردارن جي روپ ۾ زندگيءَ جي هر موڙ تي انهن جي هڪ استاد وانگر رهنمائي ڪندا رهندا ۽ زندگي جي ننڍين کان ننڍين ۽ وڏن وڏن فيصلن ڪرڻ ۾ انهن کي همتون ۽ حوصلا ڏئي سگهن ٿا. بابا، امان، نانا، ناني، ڏاڏا، ڏاڏي، ماسي، ماما، چاچا، وڏي ڀيڻ يا ڀاءُ جي پيار ڀري هنج ۾ ويهي ڪهاڻي ٻڌائڻ جو رواج ڏينهون ڏينهن اسان جي گهرن مان ناپيد پيو ٿيندو وڃي ۽ ان جي جڳهہ تي اليڪٽرانڪ ميڊيا تيزيءَ سان ڦهلجي پئي جنهن جي ڪري ٻار هڪ اڪيلائي واري دنيا جو شڪار پيو ٿيندو وڃي ۽ سندس تعلق اهڙين ڪهاڻين ۽ ڪردارن سان جڙندو پيو وڃي جيڪي ان ٻار جي سماجي، ثقافتي ۽ ذاتي زندگيءَ لاءِ هاڃيڪار آهن. مان سمجهان ٿي تہ هي ئي اهو وقت آهي تہ اسان پنهنجي ٻارن کي ڪهاڻين پريل اهي ڪچهريون واپس ڪري ڏيون جن جي طلسماتي دنيا ۾ جڏهن ڪرشما ٿيندا آهن تہ اسان جن ٻارن جي چپن تي اهڙي مرڪ رقص ڪرڻ لڳندي آهي جنهن جو ڪو مُلهہ ۽ ڪاٿو ئي ڪونهي.












صحت جي تعليم

# پيٽ جا ڪيڙا

مسرت پليجو

## صحت ۽ سکيا

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن گذريل ڪيترن سالن کان پنهنجي مختلف پارٽنر اسڪولن جي دائره اختيار ۾ ايندڙ ڳوٺن جي حالتن آڌار صحت جي تعليم کي اُجاگر ڪري رهي آهي. فائونڊيشن جي اُنهن ڪميونٽي سطح جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن کي ”ٻارن کان ٻارن تائين“ جي سوچ کي استعمال ڪندي والدين ۽ سمورن ڳوٺاڻن تائين صحت بابت ڄاڻ ۾ اضافو ڪرڻ ۽ سنڌن صحت سان لاڳاپيل روين ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ وڏي پئماني تي هڪ مقصد طور ڪم ڪري پئي ته جيئن انهن ۾ ٻارن کي سڪڻ، سوچڻ ۽ بهتر فيصلي ڪرڻ لاءِ همٿ ڏجي ۽ هو زندگي گذارڻ جي هنر کي بهتر کان بهتر طور تي سمجهي سگهن. صحت جي تعليم ڏيڻ واري طريقي کي بهتر بڻائي تربيت ۽ عمل جي وچ ۾ رابطو پيدا ڪري هڪ لڳاتار سلسلو هلائڻ پڻ فائونڊيشن جي بنيادي مقصدن مان آهي. سڀ کان وڌيڪ اهو ته اسڪول ۽ گهر وچ ۾ هڪ اڻٽٽ لاڳاپي کي نمايان ڪري انهيءَ ڳانڍاپي کي سگهارو بڻائجي. صحت جي تعليم جو هيٺين سطح کان ڦهلاءُ ڪرڻ جو مقصد اهو پڻ آهي ته ٻارن سان گڏ سندن هم عمر ٻيا ڳوٺ جا ٻار، استاد، والدين ۽ ڳوٺ وارن ۾ سندن صحت جو نه صرف شعور پيدا ڪجي پر صحت جي تمام اصولن جي عملي تربيت پڻ ٿئي. فائونڊيشن، صحت جي تعليم جي واڌاري ڪرڻ جي لاءِ هن وقت تائين 30 کان مٿي صحت رهبر جوڙي انهن کي نصاب ۾ شامل ڪري اُن تي ”ٻارن کان ٻارن تائين“ ۽ ”ٻارن کان وڏڙن تائين“ واري سوچ کي اُجاگر ڪري سُٺا نتيجا ماڻيا آهن، ڇو ته ادارو سمجهي ٿو ته اهو بنيادي عمل ٻارن کي معياري تعليم مهيا ڪرڻ واري مقصد کي پڻ هٿي ڏئي ٿو اسان جا پروجيڪٽ صوبي سنڌ جي مڙني ضلعن جي اهڙن علائقن ۾ هلي رهيا آهن جتي ماڻهن کي صحت جي حوالي سان ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. انهن علائقن کي بهتر تعليمي سهولت ڏيڻ سان گڏو گڏ ڪنهن حد تائين سندن صحت کي بهتر رکڻ ۽ صحت جو شعور اُجاگر ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. اِن ئي سلسلي ۾ سجاڳ جي هر شماري ۾ صحت بابت تعليم جي هڪ سبق جي منصوبابندي شامل ڪري رهيا آهيون ته جيئن سيئي استاد، ٻارَ ۽ ڪميونٽيز لاڀ ماڻي سگهن. هن شماري ۾ اسان ”پيٽ جا ڪيڙا“ جي عنوان سان سبق جي منصوبا بندي ڏيئي رهيا آهيون. صحت بابت مڙني سبقن جي منصوبابندي ۾ لرننگ سپورٽ يونٽ جي مئنيجر محترمہ مسرت ذوالفقار جو اهم ڪردار رهيو آهي جنهن تجربي ۽ مهارتن تحت سبقن جي منصوبابندي ڪئي آهي.

(چوٿين درجي کان اني درجي جي ٻارن لاءِ)

### هي عنوان پڙهائڻ ڪانپوءِ ٻار ڄاڻيندا

1. ٻار اهو ڄاڻندا ته پيٽ جا ڪيڙا ڇا آهن ۽ انهن جا مختلف قسم ڪهڙا آهن؟
2. پيٽ جا ڪيڙا اسانکي ڪهڙي طرح بيمار ڪري سگهن ٿا؟
3. پيٽ جا ڪيڙا ڪهڙي طريقي سان اسانجي جسم ۾ داخل ٿين ٿا؟
4. پيٽ جي ڪيڙن کان ڪئين بچي سگهجي ٿو اهو ڄاڻندا.

### هي عنوان پڙهائڻ پوءِ ٻار ڪندا

1. ٻار پنهنجي جسم جي مڪمل صفائي رکندا ۽ ننڍن ٻارن کي صفائي رکڻ ۾ مدد ڪندا.
2. ٻار گهر توڙي اسڪول ۾ چپل پائيندا ۽ هميشه ليٽرين استعمال ڪندا.
3. ٻار پنهنجي مائرن کي اِها ڄاڻ ڏيندا ته سبزيون ڌوئي استعمال ڪرڻ گهرجن.

### هي عنوان پڙهائڻ ڪانپوءِ ٻار محسوس ڪندا

1. ٻار ٻين کي نقصان پهچائيندڙ شين کان بچاءُ بابت پڌائيندي فخر محسوس ڪندا.
2. ٻار حادثن دوران ٻين جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندا
3. ٻار نقصان پهچائيندڙ شين کي محفوظ جڳهه تي رکڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا.

## پهريو قدم

### پيٽ جي ڪيڙن جي بيماري کي سمجهڻ

تعارف (10 کان 15)

ٻارن کي هڪ تصويري ڪهاڻي ( لاپرواهي جو انجام ) ٻڌا ئڻ دوران هيٺين ڳالهين تي زور ڏيو

1. ڪاڪوس هميشه ليٽرين ۾ ڪريو.
2. ماني کائڻ کان پهرين ۽ ليٽرين مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ چڱي نموني هٿ صابڻ سان ڌوءِ.
3. پيرن ۾ هميشه چپل پهريو ،چوته ڪيڙا پيرن ذريعي جسم اندر داخل ٿين ٿا .
4. کائڻ جي شين ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ کي ڌوڙ مٽي ۽ مکين کان بچايو.
5. تازا ميوا ۽ ڀاڄيون چڱي ريت ڌوئي استعمال ڪيو.
6. کاڌو چڱي نموني پچايو ۽ ڍڪي رکو .

سرگرمي (20 کان 40 منٽ)

ڪهاڻي ٻڌائڻ کانپوءِ ٻارن کي مختلف گروپن ۾ ورهايو ويندو. هڪ گروپ پيٽ جي ڪيڙن جي ٿيڻ جا سبب ، ٻيو گروپ. پيٽ جي ڪيڙن جا قسم ، ٽيون گروپ بچاءَ جا طريقا لکندو.

پڇائي (10 کان 15 منٽ)

ٻارن کي سروي جو سوال ڏنو ويندو.

ٻار ڪهڙين جاين تي ڪاڪوس ڪندا آهن ؟(سروي فارم ڏنل آهي)

## ٻيو قدم

### وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ

ٻار گروپن جي صورت ۾ ڳوٺ جي مختلف گهرن ۾ ويندا ۽ اها ڄاڻ حاصل ڪندا ته ٻار ڪهڙين جاين تي ڪاڪوس لاءِ ويندا آهن. سروي ڪري اچڻ کان پوءِ ٻار حاصل ڪيل نتيجا ڪلاس ۾ پيش ڪندا ۽ ان تي بحث مباحثو ڪيو ويندو.

## ٽيون قدم

### حاصل ڪيل معلومات تي ڳالهہ ٻولهہ منصوبابندي ڪرڻ

ٻار پتلي شو جي تياري ڪندا. ڪجهہ ٻار پُتليون ٺاهيندا. ڪجهہ ٻار ڊائيلاگ ياد ڪندا. ڪوشش ڪريو تہ پتلي شو جي ڪهاڻي ٻار پاڻ ٺاهين ۽ استاد جڳهہ جي چونڊ ( جتي عملي قدم کنيو ويندو ) اُن ۾ ٻارن جي صلاح تمام ضروري ونندا/ ونندي.

## چوٿون قدم

### عملي قدم کڻڻ

ٻار ڳوٺ ۾ مقرر جڳهہ تي پُتلي تماشو پيش ڪندا.

## پنجون قدم

### جائزو وٺڻ

ٽيچر ٻارن کان جائزي وٺڻ لاءِ سوال ڪندي: ( جيڪي سوال جائزي فارم ۾ ڏنا ويا آهن )

نوٽ: ٻار جائزو(پنجون قدم) عملي قدم واري ڏينهن تي وٺي سگهن ٿا ۽ ٻئي هفتي هڪ مڪمل ڪلاس بہ ورتو وڃي

### جائزي جا سوال

**سوال : هن سبق مان اوهان ڇا سکيو ؟**

سوال : هن سبق ۾ اوهانکي ڪهڙي ڳالهہ وڻي / نہ وڻي ؟ ۽ سبب ؟

سوال : عملي قدم ڪيتري قدر ڪامياب رهيو ؟

سوال : ڇا اسانجي عملي قدم جو ماڻهن تي اثر پيو ؟

سوال : وڌيڪ بهتري لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي ؟

### سروي لاءِ سوال:

**سوال ؛ ٻار ڪاڪوس ڪهڙي جاءِ تي ڪندا آهن ؟**

| ڳڻپ | جايون | تعداد |
|---|---|---|
| 1 | گهر ۾ | |
| 2 | اڱڻ ۾ | |
| 3 | گهٽيءَ ۾ | |
| 4 | ليٽرين ۾ | |
| 5 | جهنگ/ٻنيءَ ۾ | |

## پيٽ جي ڪيڙن جي موضوع بابت بنيادي خيال

### تعارف

پيٽ ۾ مختلف قسمن جا ڪيڙاموجود هوندا آهن. هي ڪيڙا بيضا ۽ ٻچا ڏيندا آهن جنهن ڪي لاروا چئبو آهي ۽ اُهي ڪاڪوس ذريعي خارج ٿي ويندا آهن. پر اُهي قد بُت ۾ ايترا تہ ننڍا هوندا آهن جو نظرئي نہ ايندا آهن. انهن بيضن کي ڳيهڻ (ڳنيڊڻ) سان ٻارن جي پيٽ ۾ ڪيڙاٿي پوندا آهن يا چمڙي وسيلي لاروا جسم ۾داخل ٿي ويندا آهن. پيٽ ۾ هي ڪيڙا ڪائڻ واري ڪاڌي ۽ اسان جي رَتَ تي پلبا آهن. جيڪڏهن ٻار جي پيٽ ۾ انهن ڪيڙن جي تعداد وڌي وڃي تہ هو بيمار ٿي پوندو آهي يا هن جي نشونما صحيح نہ ٿي سگهندي آهي. ڪيڙن جو علاج دوائن سان چڱي نموني ڪري سگهجي ٿو. هڪ متاثر ٿيل ٻار ٻين ماڻهن کي بہ متاثر ڪري سگهي ٿو. انهيءَ لاءِ هميشه ليٽرين جو استعمال ڪرڻ گُهرجي ۽ ماني ڪائڻ کان پهريون هٿ صابڻ سان ڌوئڻ گُهرجن.

لڪين ماڻهن جي پيٽ ڪيڙا هوندا آهن ۽ اُهي اسان جي جسم ۾ مختلف طريقن سان داخل ٿينداآهن. اڪثر ڪري بيضن يا لاروا مان پريل ڪاڌي وارين شين ذريعي هي ڪيڙا اسان جي جسم تائين پهچندا آهن. هڪ سال جي عمر وارا ٻار انهن ڪيڙن مان متاثر ٿي سگهن ٿا، انهي لاءِ هن عمر وارن ٻارن جي حوصلہ افزائي ڪرڻ گهرجي تہ هُو ليٽرين جو استعمال ڪن يا انهن جي ڪاڪوس کي مٽيءَ ۾ دٻائي ڇڏجي ۽ ان ڪانپوءِ هٿن کي چڱي نموني ضرور ڌوئي ڇڏڻ گهرجي.

ڪيڙا گهڻن ئي قسمن جا هوندا آهن . ڪجهہ وڏا هوندا آهن ۽ ڪجهہ ايتري قدر ننڍا هوندا آهن جو اسان انهن کي ڏسي ڪونہ سگهندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن وڏن ڪيڙن جي پيٽ ۾ نظر نہ ايندڙ تمام ننڍا ڪيڙا وڌيڪ خطرناڪ ٿين ٿا. بنسبت وڏن جي ننڍن ٻارن جي پيٽ ۾ وڏن کان وڌيڪ ڪيوڙا هوندا آهن.چو تہ ٻارن جي پيٽ ۾ ڪيڙن جي نشونما وڌيڪ تيزي سان ٿئي ٿي.

### ياد رکو:

### ڪائڻ جي شين کي هٿ لائڻ يا پچائڻ ۽ ڪائڻ کان پهرين هٿ چڱي نموني ڌوئڻ گهرجن

هي اسانکي ڪهڙي ريت بيمار ڪري سگهن ٿا:

ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ پيٽ جا ڪيڙا خطرناڪ ڪونہ هوندا آهن ۽ هنن جو اهو خيال غلط آهي. پيٽ جا ڪيڙا وڌيڪ خطرناڪ ٿين ٿا چو تہ پيٽ جا ڪيڙا اسان جو ڪاڌو ڪائي ۽ اسان جو رَتُ پي زنده رهن ٿا . هي اسان جو ڪاڌو ڪائي اسانکي ڪمزور ڪري ڇڏيندا آهن. پيٽ ۾ ڪيڙا وڌي وڃن تہ بُکَ ختم ٿي وڃي ٿي ۽ ڪاڌو جسم ۾ جذب ٿي نہ سگهندو آهي.

جن ٻارن جي پيٽ ۾ ڪيڙا ٿين ٿا اُهي ٻار بدمزاج ٿي ويندا آهن، جلدي ٿڪجي پوندا آهن ۽ اسڪول ۾ پڙهائيءَ ۾ پوئتي رهجي ويندا آهن. پيٽ جا ڪيڙا ٻار جي نشونما ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندا آهن. جڏهن ٻار جي پيٽ ۾ ڪيڙا داخل ٿيندا آهن تہ شروع ۾ هنن کي خبر نہ پوندي آهي .انهن ڪيڙن جي واڌ ويجهہ ۾ ڪين هڪ سال کان ٽن سالن کان وڌيڪ عرصو لڳندو آهي ۽ جيترو وڌيڪ عرصو گذرندو انهن جي تعداد ۾ واڌارو ٿيندو رهندو. پيٽ ۾ جيترا وڌيڪ ڪيڙا هوندا ٻار اوترو ئي ڪمزور ۽ بيمار ٿيندو ويندو.



اسان جي پيٽ ۾ ڪيڙا ڪهڙن طريقن سان داخل ٿين ٿا ؟

ٽن طريقن سان ڪيڙا پيٽ ۾ داخل ٿي سگهن ٿا:

1. گول يا ڪچئون جهڙو ڪيڙو (round worm) جا بيضا يا لاروا ڳيهڻ (ڳنيڊڻ) سان.
2. مٽيءَ ۾ مليل ڪَنڊن وارو ڪيڙو (hook worm) جي لاروا کي هٿ ۾ ڪٽڻ سان.
3. اڌ ڪچو ڳئون جو گوشت يا پاڇين ۽ ميون جي ڪَلُن تي چنبڙيل ڪيڙي (tape worm) جي چنبڙيل لاروا ڪائڻ سان.

هڪ ڪيڙو پنهنجي زندگيءَ ۾ لکين ننڍا ننڍا بيضا ڏيندو آهي جيڪي اسانکي نظر نٿا اچن پر انهن مان ڪجهہ بيضاڪيڙا بڻجي پوندا آهن. جڏهن ڪيڙا جسم ۾ داخل ٿيندا آهن تڏهن اُهي بيضا ڏيندا آهن، جيڪي ٽَنگ جي السر، پيشاب يا ڪاڪوس وسيلي خارج ٿيندا آهن. انهن ڪيڙن جي بيضن جو تعداد وڌڻ ۾ هڪ هفتي کان وڌيڪ وقت لڳندو آهي انهيءَ لاءِ خشڪ ڪاڪوس ، تازي ڪاڪوس کان وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي. جيڪڏهن اسين اُن علائقي ۾ ڪاڪوس رهڻ ڏيون يا ڇڏي ڏيون جتي اسين گهمنداڦرندا، اٿندا ويهندا ۽ ڪائيندا پيئندا آهيون تہ بيضا ڪاڪوس مان نڪري انهن شين مثال طور فرنيچر ، پاٽي، مٽي ۽ ڌوڙ وغيره تائين پهچي ويندا آهن جن کي اسين ڇُهندا ( هٿ لائيندا ) آهيون . مکيون بيضن کي ڪاڪوس مان کڻي اسان جي پليٽن، پيالن، يا ڪائڻ پيئڻ جي شين تائين پهچائين ٿيون. خراب هٿن سان ڪاڌو پچايووجي ۽ ڪاڌو وڃي تہ اُن صورت ۾ پڻ هي بيضا اسان جي ڪاڌي تائين پهچي ويندا آهن. اسان انهن بيضن کي بنا ڪنهن ڌيان سان ڳيهي (ڳنڍي) ويندا آهيون جيڪي اندروجي ڪيڙا بڻجي پوندا آهن۽ پوءِ اُهي اسان جي جسم جي مختلف حصن مان گهمندي اسان جي پيٽ ۾ پهچي ويندا آهن. جتي مزي سان اسان جي ڪاڌي تي پلبا آهن.

## ياد رکو:

## گهڻن ئي قسمن جا پيٽ جا ڪيڙا گندگيءَ سان پکيڙبا آهن

**ڪيڙن کان ڪهڙي ريت بچاءُ ڪري سگهجي ٿو؟**

خشڪ ڪاڪوس ۾ موجود ڪيڙا انساني جسم کي ڇُهي اُن کي مُتاثر ڪري ڇڏيندا آهن. تازي ڪاڪوس ۾ ائين نه ٿيندو آهي. ايتري قدر جو خشڪ ڪاڪوس جو زمين تي نالو نشان به موجود نه هجي پوءِ به هُو تمام خطرناڪ هوندو آهي. جڏهن ته زمين صاف نظر ايندي آهي پر ڪجهه قسمن جي ڪيڙن جا بيضا، گِهميل ۽ جهُڙيالي مند يا ڇانوَ واري جڳهه تي مهينن جا مهينا زنده رهي سگهن ٿا. انهي لاءِ هن ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ تمام ضروري آهي ته ٻارن کي شروع کان ئي ليٽرين جي استعمال جي تربيت ڏني وڃي. جتي ائين ڪرڻ ممڪن نه هجي اُتي زمين جي مٿان ڪاڪوس چڱي نموني صاف ڪري ڇڏجي ،نئين ڪوٽيل کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ پوءِ هن کي ليٽرين ۾ وجهي ڇڏيو يا زمين جي اندر دٻائي ڇڏيو. سوراخ يا کڏ کي چڱي اونهي هجڻ گهرجي انهي لاءِ جو ڪاڪوس کي زمين جي اندر دٻائڻ ڪانپوءِ به بيضا وڌندا آهن. انهي لاءِ ڪاڪوس تي رڳو مٽي وجهڻ صحيح ناهي هوندو.

ٻارن کي ڪاڪوس ۽ پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ ماني کائڻ کان پهرين هَٿَ ڌوئڻ جي عادت وجهڻ گُهرجي. پنهنجي پاڻ جي صفائي رکڻ تمام ضروري آهي، انهيءَ لاءِ جو صفائي نه رکڻ سان علاج ڪانپوءِ يڪدم ٻار کي ڪيڙا لڳي سگهن ٿا ۽ ڪجهه مهينن ۾ ٻار جي پيٽ ۾ ٻيهر اوترا ئي ڪيڙا پيدا ٿي سگهن ٿا جيترا پهريان هئا. انفيڪشن جي خبر پوڻ ڏکيو آهي پر علاج سَولو آهي. انهيءَ لاءِ جيڪڏهن گهر جي ڪنهن ماڻهو جي پيٽ جي ڪيڙن جو علاج هلي رهيو آهي ته باقي گهر وارن کي به ڪيڙن کان بچاءَ لاءِ اُپاءُ وٺڻ گُهرجي.

**ڪجهه عام نقصان پهچائيندڙ ڪيڙا:**

ڪيڙن جون گهڻيون قسمون ٿينديون آهن. گهڻو ڪري انهن مان جيڪڏهن ڪيڙا گهٽ تعداد آهن ته اُهي گهڻو نقصانده نه آهن. پر جيڪڏهن انهن جي تعداد وڌي وڃي ته اُهي اسان کي بيمار ڪري سگهن ٿا.

**سنهڙا يا ڌاڳي جهڙا ڪيڙا (THREAD WORM):**

هي ڪيڙا اڪثر ڪري ننڍن ٻارن جي پيٽ ۾ هوندا آهن. هي ننڍن ڌاڳن وانگر ننڍا ۽ اَڇا هوندا آهن. انهن ڪيڙن کي ٻارن جي ڪاڪوس جي جڳهه تي رات جو ڏسي سگهجي ٿو. انهي لاءِ جو هي اهو وقت هوندو آهي جڏهن ماده ڪيڙا پنهنجا تمام ننڍا نظر نه ايندڙ بيضا ڏيڻ لاءِ ايندي آهي. هي بيضا هڪ گگ واري مادي ۾ ويڙهيل هوندا آهن جنهن جي ڪري ٻار جي ڪاڪوس واري جڳهه تي خارش ٿيندي آهي. ۽ ٻار جڏهن اُن جاءِ تي کنهندا آهن تڏهن اُهي بيضا انهن جي ننهن ۾ چنبڙي ويندا آهن ، پوءِ ٻار جنهن به شيءِ کي هٿ لائيندا آهن ته اُتي بيضا ڇڏي ڏيندا آهن . مثال طور پنهنجو منهن، ڪاڏو، بسترو ۽ ڪپڙا وغيره. انهي ريت ٻار وڏيڪ بيضا ڳيهي (ڳُنڊي) ڇڏيندو آهي ۽ سڄي خاندان کي سولائي سان سنهڙا يا ڌاڳي جهڙا ڪيڙا ٿي سگهن ٿا. سنهڙا يا ڌاڳي جهڙن ڪيڙن ((thread worm جي ڪري ٻار بدمزاج ٿي پوندا آهن ۽ جلدي ٿڪجي پوندا آهن. انهي لاءِ جو خارش جي ڪري انهن جي ننڊ پوري نه ٿي سگهندي آهي ۽ هُو بي آرام رهندا آهن.

**سنهڙي يا ڌاڳي جهڙن ڪيڙن((THREAD WORM کان بچاءُ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گُهرجي:**

- پنهنجا هٿ ۽ ڪاڪوس واري جڳهه کي چڱي نموني ڌوئڻ گُهرجي.
- ڪپڙن ۽ بستري جي چادرن کي چڱي نموني ڌوئي ڇڏيو ته جيئن بيضا مڪمل طرح سان تباهه ٿي وڃن.
- هٿن جا ننهن ڪٽي ڇڏيو.
- ٻار جو ڪاڪوس گهر ۾ ڪيڏڻ جي جاءِ کان پري وڃي زمين ۾ دٻايو.

**کنڊي وارا ڪيڙا ((HOOK WORM:**

کنڊي وارا ڪيڙا جڏهن اسان جي چمڙي مان گذري جسم ۾ داخل



ٿيندا آهن ، تڏهن اُهي نه ئي نظر ايندا آهن ۽ نه وري محسوس ٿيندا آهن. پر جڏهن هڪ ڀيرو جسم ۾ داخل ٿي پيٽ اندر پهچي ويندا آهن ته آنڊن جي پتين کي چنبڙي رَتُ چوسڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن . انهن جا لکين بيضا ڪاڪوس ذريعي خارج ٿيندا آهن. هي بيضا پچي لاروا(ننڍا ڪيڙا) بڻجي ويندا آهن ۽ جڏهن اسان اُگهاڙا پير ڪري اُن ڪاڪوس مٿان گذرندا آهيون يا جڏهن اُگهاڙا ٻار زمين تي ويهندا آهن تڏهن اُهي ڪيڙا جسم جي اندر داخل ٿي ويندا آهن. کنڊي وارا ڪيڙا رَت چوسيندا آهن اُن ڪري ٻارن ۾ رَتَ جي گهٽتائي(رَت ڇڊو/ پٽڙو) ٿي پوندي آهي، ٻار ڪمزور ٿي ويندا آهن۽ٿڪيل ٿڪيل ۽ بيمار رهندا آهن . ڪڏهن ڪڏهن گهڻي ڪمزوري ڪري ٻار مري به ويندا آهن،انهن کي ٻيون بيماريون به سولائي سان لڳي وينديون آهن ۽ هو تيزيءَ سان صحت ياب به نه ٿي سگهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته هو اسڪول ۾ صحيح طرح سوچي ۽ پڙهي به نه سگهندا آهن ۽ پڙهائي ۾ پٺتي رهجي ويندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن ۾ رَتَ جي گهٽتائي ٿي وڃي ته هن جي چمڙي، مهارون، آڱرين جا ننهن ۽ اَکِ جا پپوٽا اندر مان بي رنگ ٿي ويندا آهن ۽ ٻار ڪمزور ۽ ٿڪيل نظر ايندا آهن.

**کنڊي وارن ڪيڙن کان بچاءُ جا طريقا:**

- جوتا/ چپل پايو.
- ليٽرين کي چڱي نموني صاف ڪريو ۽ هميشه ليٽرين استعمال ڪريو.
- ننڍن ٻارن جي ڪيڏڻ ۽ گوڏن تي هلڻ واري جڳهه صاف رکو.

**کنڊي واري جيوڙي جو علاج:**



جيڪڏهن اوهان سمجهو ٿا ته ٻار جي پيٽ ۾ ڪندن وارن جيورا ٿي پيا آهن ته پوءِ ڊاڪٽر يا طبي ڪارڪن کان مؤثر دوا بابت معلومات حاصل ڪريو.

**گول يا ڪُچئون جهڙا ڪيڙا (ROUND WORM):**

هي ڪيڙا گلابي، ڊگها ۽ چهنب وارا هوندا آهن. گول يا ڪچئون جهڙو ماده ڪيڙا 35 سينٽي ميٽر کان به ڊگهي ٿي سگهي ٿي. انهن کي ڪاڪوس ۾ سولائي سان ڏسي سگهجي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هي ڪيڙا ٻارن جي ڪنگهڻ، ٿُڪَ اُڇلڻ يا اُلٽي ڪرڻ سان به ٻاهرنڪري ايندا آهن. پر گهڻو ڪري هي پيٽ ۾ رهندا آهن، جتي ماده پنهنجا بيضا ڏيندي آهي. واريءَ جي ذرن جيترا انهن بيضن جا خول سخت هوندا آهن. جڏهن هي بيضا ڪاڪوس ذريعي خارج ٿيندا آهن ته هُو پنهنجي سخت خول جي ڪري زمين تي ڪافي عرصو زنده رهندا آهن. خاص ڪري گِهميل ۽ چِپَرَ واري جڳهه تي هي بيضا پاڻيءَ ۾ رهنداآهن ۽ پوءِ مکين جي ٽَنگن ۾ چنبڙي مختلف جڳهن تي پهچي ويندا آهن. هي بيضا اڻ ڌوتل ميون ۽ سبزين ۽ جيتوڻيڪ اسان جي ميرن هٿن تي به ملي سگهن ٿا. جڏهن اسان انهن کي ڳيهندا (ڳُنديندا ) آهيون ته هي اسان کي نظر به نه ايندا آهن.

انهن ٻارن کي اڪثر پيٽ ۾ تڪليف رهندي آهي ، بُک ڪونه لڳندي آهي،جن جي پيٽ ۾ گول (ڪچئون جهڙا) ڪيڙا هوندا آهن . ڪڏهن ڪڏهن هي ٻار ڪمزور هوندا آهن پر انهن جا پيٽ وڏا هوندا آهن ۽ هو ڪمزور ۽ سنهڙا نظر ايندا آهن. گول ڪيڙن جي تعداد تمام گهڻي وڌي وڃي ته هي ڪيڙا چڱو ڀاڱو پيٽ جو رستو بند ڪري ڇڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن علاج ڪانپوءِ به هي ڪيڙا مُنجهي ڳچو ٻڻجي ويندا آهن. انهي لاءِ ٻار جو چڱي طرح معائنو ڪيو وڃي انهي لاءِ جو علاج ڪانپوءِ قبض يا پيٽ جون ٻيون شڪايتون ٿي سگهن ٿيون.

**گول ڪيڙن کان بچاءُ لاءِ اسان ڇا ڪري سگهون ٿا:**

- ليٽرين استعمال ڪريو. ننڍن ٻارن لاءِ پاٽَ يا ويڪرا پتا استعمال ڪريو يا ٻارن لاءِ خصوصي ليٽرين ٺاهيو.
- اونهي کڏ کوٽي اُن ۾ ڪاڪوس دٻائي ڇڏيو.
- ڪاڌي کي چڱي نموني پچايو ته جئين بيضا مري وڃن.
- تازه ميوه ۽ سبزيون ڇِلي پوءِ استعمال ڪريو.
- پنهنجي آڱرين جا ننهن ننڍا رکو.

**گول ڪيڙن جو علاج:**

انهن علائقن ۾ جتي گول ڪيڙا جي موجودگي عام هوندي آهي اُن صورت ۾ هن ڳالهه کي يقيني بنايو ته ٻارن کي وقفي وقفي سان دوا ڏيندا رهو.

**سڌاڪيڙا (TAPE WORM):**

سڌا ڪيڙا، عام طور تي سڌا ۽ ڊگها هوندا آهن. هي ڪيڙا گهڻو ڪري ڪچي مڇي يا اڌ ڪچي پڪي مڇي کائڻ سان ٿيندا آهن.

سڌن ڪيڙن جو مٿو ۽ جسم ننڍين ننڍين ٽُڪرن(يا حصن) ۾ نهيل هوندو آهي. جئين جئين سڌو ڪيڙا وڌو ٿيندو آهي هن جو آخري حصو يا ٽُڪرو بيضن جي وزن سان ڳورو / وزني ٿيندو ويندو آهي ۽ پوءِ ڇڇي ڌار ٿي ويندو آهي. هي ٽُڪرا ڪاڪوس ذريعي خارج ٿيندا آهن ۽ انهن کي ڏسي سگهجي ٿو. ڪجهه قسم جا سڌا ڪيڙا اسانکي ٿڪيل ۽ ڪمزور بڻائي ڇڏيندا آهن. جڏهن ته ڪجهه ننڍين ٻارن لاءِ خطرناڪ به ٿي سگهن ٿا.

**سڌن ڪيڙن (TAPE WORM) کان بچاءِ لاءِ اسان ڇا ڪري سگهون ٿا:**

- هميشه گوشت کي چڱيءَ طرح پچائي کائو ته جئين سڌا ڪيڙا ختم ٿي وڃن.
- هميشه ليٽرين استعمال ڪريو.

**سڌن ڪيڙن جو علاج:**

خاص دوائن سان سڌن ڪيڙن ( ٽيپ ورم) جو علاج ٿي سگهي ٿو.

ڪميونٽي عملي قدمن جي وسيلي ڪيڙن جي پکڙجڻ کي روڪي سگهي ٿي . جيڪڏهن سڀ ماڻهو سهڪار ڪن ۽ صحت جي حفاظت خاطرصحت جي اصولن تي عمل ڪن خاص ڪري :

- ليٽرين ٺاهيو ۽ استعمال ڪريو.
- ننڍن ٻارن جو ڪاڪوس بنا ڪنهن دير جي مڪمل طور صاف ڪريو ۽ اُن ڪاڪوس کي ويهڻ ۽ کائڻ جي جاءِ کان پري اڇلايو. ويهڻ واري هنڌ کي مکين کان، ڪاڪوس کان مٽيءَ ۽ ڌوڙ کان پاڪ رکو.
- ماني کائڻ کان پهرين ۽ ليٽرين مان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ چڱي نموني هٿ ڌؤ.
- کائڻ جي شين ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ کي ڌوڙ ۽ مٽيءَ کان بچايو.
- ڪاڌو چڱي نموني پچايو ۽ حفاظت سان ڍڪي رکو.

**ياد رکو:**

**صحت جي مرڪز مان ڪيڙن جو علاج ڪرائي سگهجي ٿو، علاج ڪرائڻ تمام ضروري آهي ته جئين هر ٻار ۽ هر ماڻهو صحت مند رهي سگهي ۽ ٻين لاءِ ڪيڙا پکيڙڻ جو وسيلو نه بڻجي.**

# ڪهاڻي
## لاپرواهي جو انجام

عزيز جي عمر 6 سال آهي ، هُن کي راند ڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي. پر هو هميشه پيرن اگهاڙو گهمندو هو. گهر جا سڀئي پاتي سمجهائيندا هئا ته چپل پائيندو ڪر پر هو ڪنهن جي به ڪونه ٻڌندو هو. هڪ ڏينهن هو ڳوٺ جي پرسان وڏي ميدان تي ملاڪڙو ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو هوته !

(پيارا ٻارو رستي ۾ عزيز سان ڇا ٿيو هوندو ؟) .



تصوير نمبر 1 لڳايو: (پيارا ٻارو هن تصوير ۾ توهان کي ڇا نظر اچي رهيو آهي ؟)

رستي ۾ عزيز کي نه نظر ايندڙ هڪ ڪنڊيدار ڪيڙي (hook worm) پير ۾ چڪ پاتو ۽ عزيز کي اُن چڪ جي خبر ئي نه پئي. اهو اُن ڪري جو اهو چڪ تمام معمولي هوندو آهي.



تصوير نمبر2 لڳايو (پيارا ٻارو هن تصوير ۾ اوهان کي ڇا نظر اچي رهيو آهي ؟)

توري دير پوءِ هن کان پوءِ عزيز کي پير ۾ توري خارش ٿي ۽ ڪنهن ڪان ڏٺو ته هن جي پير ۾ هڪ ننڍڙو زخم هو ۽ اُن زخم رستي ڪنڊيدار ڪيڙا عزيز جي جي آنڊن ۾ داخل ٿي ويو.

(پيارا ٻارو هاڻي ٻڌايو ته هي ڪيڙا پيٽ اندر وڃي ڇا ڪندو؟)

هي ڪيڙا عزيز جي آنڊن ۾ چنبڙي اُن جو رت چوسڻ لڳا.



تصوير نمبر 3 لڳايو: ؛ (پيارا ٻارو هن تصوير ۾ توهان کي ڇا نظر اچي رهيو آهي ؟)

ڪيڙن جي ڪري هن جو پيٽ وڏو ٿي چڪو هو. هو تڪيل تڪيل محسوس ڪرڻ لڳو، گهٽي ڪمزوري ۽ رت جي گهٽتائي ڪري هو راند روند به نه ڪري سگهندو هو.



تصويرنمبر4 لڳايو: ؛ (پيارا ٻارو هن تصوير ۾ توهان کي ڇا نظر اچي رهيو آهي ؟)

عزيز جي هڪ ٻئي خراب عادت اها به هئي ته هو ڪاڪوس هميشه گهر جي اڱڻ ۾ ڪندو هو. هن کي اها خبر ڪونه هئي ته گهر جي اڱڻ ۾ ڪاڪوس ڪرڻ سان ڪهڙا ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا؟

(ڪير اوهان مان اهو ٻڌائيندو ته گهر جي اڱڻ ۾ ڪاڪوس ڪرڻ سان ڪهڙا ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا؟)

عزيز جي جي پيٽ مان لکين ڪيڙن جا بيضا ڪاڪوس وسيلي خارج ٿيا .

(پيارا ٻارو ڪير ٻڌائيندو ته اهي بيضا اسان تائين ڪيئن پهچي سگهن ٿا ۽ اهي بيضا ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري ڪهڙي شڪل اختيار ڪري سگهن ٿا ؟)



تصويرنمبر5 لڳايو: (پيارا ٻارو هن تصوير ۾ توهان کي ڇا نظر اچي رهيو آهي ؟)

ڪجهه ئي دير ۾ مکيون اچي عزيز جي ڪاڪوس تي وينيون ۽ ڪيترا ئي بيضا مکين جي پرن ۽ ٽنگن ۾ چنبڙي ويا.

( توهان کي خبر آهي ته مکيون اهي بيضا ڪٿي پهچائينديون ؟)

مکين وڃي عزيز جي گهر اندر رکيل ڪاڏي تي وينيون ۽ ڪيڙن جا بيضا ان ڪاڏي ۾ ڪري پيا.

( ڪير ٻڌائيندو ته هاڻي ڇا ٿيندو؟)

ان ڪاڏي کائڻ کان پوءِ عزيز جي سڀني گهر وارن جي پيٽ ۾ ڪيڙا ٿي پيا ۽ عزيز جي ڪاڪوس ۾ رهيل بيضا پڻ ڪجهه ڏينهن ۾ ڪيڙا ٻڻجي ويا ۽ جيڪو به اگهاڙن پيرن سان اتان لنگهندو هو ته اهي ڪيڙا پيرن رستي آنڊن اندر داخل ٿي ويندا هئا.

## ان ڪري ٻارو!

پيغام نمبر 1 لڳايو: ڪاڪوس هميشه ليٽرين ۾ ڪرڻ گهرجي.

پيغام نمبر2 لڳايو: ماني کائڻ کان پهرين ۽ ليٽرين ۾ فارغ ٿيڻ کان پوءِ هٿ چڱيءَ طرح صابڻ سان ڌوئڻ گهرجن.

پيغام نمبر3 لڳايو: پير ۾ هميشه چپل پائڻ گهرجي.

پيغام نمبر 4 لڳايو: کاڌ جي شين ۽ پيئڻ جي پاڻي کي هميشه ڍڪي رکو ۽ مکين کان بچايو.

پيغام نمبر5 لڳايو : کاڌو چڱي نموني پچايو ۽ ڍڪي رکو.

پيغام نمبر 6 لڳايو: تازن ميون ۽ سبزين کي چڱي ريت ڌوئي پوءِ استعمال ڪريو.

# پتلي شو

(اچو تہ گڏجي رت پيون)

پس منظر :

(هڪ ڪيڙو پردي تي ظاهر ٿئي ٿو)

ڪيڙو: 1

آئون گول ڪيڙو آهيان مون کي ڪچئون جهڙو ڪيڙو بہ چوندا آهن. آئون ليٽرين ۾ سولائي سان نظر ايندو آهيان آئون گهٽو ڪري پيٽ ۾ رهندو آهيان ۽ زمين تي بہ ڪافي عرصو زنده رهي سگهندو آهيان. ۽ اتي بيضا ڏيندو آهيان ۽ جڏهن ڪو ٻار اها شي کائي يا مٽي وارا هٿ وات ۾ وجهي تہ پوءِ آئون پيٽ ۾ داخل ٿي ويندو آهيان ۽ مزي سان ماڻهن جي ٻارن جو رس چوسيندو آهيان .

ڪيڙو: 2

آئون سنهڙو ڌاڳي جهڙو ڪيڙو آهيان اڪثر ڪري ٻارن جي پيٽ ۾ رهندو آهيان آئون بہ ٻارن جي ڪاڪوس ۾ آساني سان نظر ايندو آهيان پر منهنجا بيضا تمام ننڍا هوندا آهن جيڪي نظر نہ ايندا آهن منهنجي ڪري ٻارن کي ڪاڪوس واري جاءِ تي تمام گهٽي خارش ٿيندي آهي ۽ ٻار ان جاءِ تي کنهندا آهن، تڏهن اهي بيضا انهن جي ننهن ۾ چنبڙي ويندا آهن ۽ پوءِ اهي جنهن بہ شي کي هٿ لاهيندا آهن تہ اهي بيضا ان شيءِ ۾ چنبڙي ويندا آهن. اهڙي طريقي سان سڄي خاندان جي پيٽ ۾ ڪيڙا ٿي ويندا آهن.

ڪيڙو : 3

آئون ڪنڍي وارو ڪيڙو آهيان ۽ جسم ۾ چمڙِي ذريعي داخل ٿيندو آهيان جسم ۾ داخل ٿي آئون آنڊن ۾ چنبڙي ويندو آهيان ۽ رت چوسيندو آهيان منهنجا لکين بيضا ڪاڪوس ذريعي خارج ٿيندا اهن ۽ پوءِ ننڍڙا جيوڙا ٿي پوندا آهن،جڏهن ڪو ٻار پير اگهاڙا ڪري ڪاڪوس مٿان لگهندو آهي تڏهن منهنجا جيوڙا جسم اندر داخل ٿي ويندا آهن .

ڪيڙو : 4

آئون سٹو ۽ ڊگهو ڪيڙو آهيان آئون گهٽو ڪري ڪچي مڇي يا اڌڪچي مڇي کائڻ سان پيٽ ۾ پيدا ٿيندو آهيان اسين سڀ ڪيڙا خطرناڪ آهيون ۽ ماڻهن جورس چوسيندا آهيون اسين ماڻهو کي ٿڪيل ۽ ڪمزور بنائيندا آهيون ان ڪري اهو ماڻهو يا ٻار چڙ چڙو يا بيمار ٿي پوندو آهي .اسين جيڪڏهن گهر جي هڪ ڀاتي جي آنڊن ۾ داخل ٿي وڃون تہ پوءِ گهر ڀاتين جي لاپرواهي ڪري سڀني جي آنڊن ۾ گهر ڪري ويندا آهيون.اسان جي ڪري سڄو گهر بيمار ٿي پوندو آهي.

(ايتري ۾ هڪ وڏو ٻار پير اگهاڙا ڪري داخل ٿئي ٿو)

ڪيڙو:1

اسين هر ان ماڻهو تي حملو ڪندا آهيون جنهن جا پير اگهاڙا هجن .

( ايتري ۾ هڪڙو ڪاڪوس ڪندڙ ٻار داخل ٿئي ٿو)

ڪيڙو: 2

جيڪو پنهنجي گهرجي اڳڻ ڪاڪوس ڪري ٿو .

( ايتري ۾ هڪڙو گدلو ٻار گدلن هٿن سان ڪجھ کائيندو اچي)

ڪيڙو: 3

جيڪو گدلن هٿن سان اڻ ڌوتل ۽ مکين وارو ميوو کائي ٿو. سڀ ڪيڙا انهن ٻارن ۾ چنبڙي وڃن ٿا ۽ سڀ خوش ٿين ٿا ها ها اچو تہ گڏجي رت پيون .

## سرگرميون:

اسان ڪيڙن جي بابت بہ معلومات حاصل ڪئي ۽ سکيو.هن جو ڪو فائدو نہ ٿيندوجڏهن انهن اصولن تي رڳو اسڪول ۾ عمل ڪيو وڃي ۽ گهر وڃي وساري ڇڏجي. جيڪڏهن اسان اسڪول ۾ ليٽرين استعمال ڪريون ٿا ۽ گهر ۾ ننڍن ٻائرن پينرن کي ليٽرين استعمال ڪرڻ ۾ مدد نہ ٿا ڪريون تہ اُن صورت ۾ اسان ڪڏهن بہ ڪيڙن مان پنهنجي جان نہ ڇڏائي سگهندا سين.

## معلومات حاصل ڪرڻ:

ڇا گروپ مان ڪنهن کي ڪيڙا هئا؟انهن کي ڪئين خبر پئي؟ڇا گهر جي ٻين ماڻهن کي بہ هئا؟ڇا اوهان ڪيڙا ڏٺا آهن؟ڪَنڍي وارا ڪيڙا تمام ننڍا هوندا آهن پر سنهڙا يا ڌاڳي جهڙا ڪيڙا ۽ سدا ڪيڙا وڏا هوندا آهن ۽ اسين انهن کي ڏسي سگهون ٿا.اوهان انهن کي ڪٿي ڏٺو؟ڇا اوهان انهن ماڻهن کي سڃاڻو ٿا جنهن جي پيٽ ۾ اهڙا ڪيڙا هجن ؟

جيڪي نظر نہ ايندا هجن؟ ڇا اوهان جي ننڍي ڀاءُ ڀيڻ کي اوهان ڪان وڌيڪ ڪيڙا هوندا آهن؟ننين ٻارن ۾ وڌيڪ ڪيڙا ڇو هوندا آهن؟(هو زمين تي گوڏن پر هلندا آهن، هر شيءِ کٽي وات ۾ وجهي ڇڏيندا آهن، مٽي کائيندا آهن، پنهنجون آڱريون يا آڱوٺو چوسيندا آهن).

## ليٽرين:

انهن جو ليٽرين ڪٿي آهي؟گهر ۾؟اسڪول ۾ انهن جي تعداد ڪيتري آهي؟استادن لاءِ ڪيترا آهن؟شاگردن لاءِ ڪيترا آهن؟ڇا اوهان ڪنهن پبلڪ يا عوامي ليٽرين جي بابت معلومات رکندا آهيو؟انهن جي سار سنڀال ڪير ڪندو آهي؟ليٽرين جي جيتري تعداد اوهان کي خبر آهي انهن جو نقشو يا راه نما ناهيو.ڪيترا ڍڪيل ۽ صاف سٿرا آهن؟

## پاڻي:

ماڻهو پيئڻ جو پاڻي ڪٿان حاصل ڪندا آهن؟ڇا پاڻي حاصل ڪرڻ واري جاءِ صاف آهي؟ ماني کائڻ کان پهرين ۽ ليٽرين مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ ماڻهو پنهنجا هٿ ڪهڙي جاءِ تي ڌوئي سگهن ٿا؟

**بحث مباحثي لاءِ موضوع جوڙيو:**

ٻار کھڙي ريت انھن ڪيڙن کان نجات حاصل ڪري سگھن ٿا؟ ھڪ ڪھاڻي لکو ”جيڪڏھن آئون مک ھجان ھا يا جيڪڏھن آئون ڪيڙو ھجان ھا“.

**مکين ۽ ڪيڙن بابت گيت لکو.**

ھڪ صحت جو نقشو ٺاھيو جنھن ۾ انھن خطرناڪ جڳھن جي نشاندھي ڪريو جتان ڪيڙا پکڙبا آھن. اھو ٻـ ڏيکاريو تـ مکيون ڪئين جراثيم ۽ ڪيڙا پکيڙينديون آھن. مکين جو مشاھدو ڪريو ۽ ڏسو تـ اُھي ڪٿي ڪٿي وينديون آھن. پوءِ نقشي تي انھن جي سفر ڪرڻ واريون جايون ٺاھيو. حساب جي ڪلاس ۾ سوال ڪري سگھجي ٿو تـ ھڪ ماده گول ڪيڙا (راؤنڊ ورم) جيڪڏھن روزانو 200,000 بيضا ڏيندي آھي تـ ٽن مھينن ۾ ڪُل گھڻا بيضا ڏيندي.

**عملي قدمن لاءِ:**

صحت جي حفاظت جي اصولن جو خيال رکو، صفائي رکو ۽ ليٽرين استعمال ڪريو. پاڻي حاصل ڪرڻ جا سمورا وسيلا صاف ۽ محفوظ رکو. رَڌَل کاڌي تي مکيون ويھڻ نـ ڏيو، ميوا ۽ ڪچيون سبزيون کائڻ کان پھريون چڱي نموني ڌوئي پوءِ استعمال ۾ آڻيو. ھن ڳالھ ڪي يقيني بڻايو تـ گھر وارن کي ڪيڙن بابت سموريون ڳالھيون چڱي نموني سمجھ ۾ اچي ويون آھن. ننڍن ٻارن کي ليٽرين استعمال ڪرڻ سيکاريو. ليٽرين جي ڇتِ ٺاھيو. ليٽرين مان فارغ ٿيڻ کانپوءِ ھٿ صابڻ سان ڌوئي ڇڏيو. ننڍن ٻارن جي ڪيڏڻ لاءِ ھڪ صاف ۽ محفوظ جڳھ تيار ڪريو.

اسڪول کي اوھان ڪيئن صاف ۽ ڪيڙن کان محفوظ يا آزاد رکي سگھو ٿا؟ مکين جو خاتمو ڪريو، ليٽرين جي حالت کي بھترين بڻايو ۽ ھن جي ڇت ٺاھيو. ھٿ ڌوئڻ لاءِ پاڻيءَ جو انتظام ڪريو. اسڪول جي اڱڻ/ آڳر کي ڌوڙ ۽ مٽيءَ کان محفوظ رکو. استادن، والدين ۽ طبي ڪارڪنن کي ليٽرين ۾ مکيون، ڪيڙا، مٽي، گَند يا ٻين مسئلن بابت ٻڌايو. ھيٺ ڏنل موضوعن تي پوسٽر يا تصويري ڪھاڻيون ٺاھيو:

- ٻارن کي علاج لاءِ صحت جي مرڪزن تي وڃڻ.
- پنھنجي ويھڻ، ھلڻ ۽ کائڻ جي جاءِ کي ڪاڪوس ۽ مکين کان پاڪ رکڻ.
- انھن پوسٽرن کي اسڪول، دڪانن ۽ گھرن ۾ لڳايو.

**پوئيواري:**

ٽن مھينن کانپوءِ ڪيترن ٻارن کي بنيادي خيال ياد ھو؟ ڪيترا ٻار ھن معلومات کي اسڪول ۽ گھر ۾ استعمال ڪري سگھيا؟ انھن ڇا ڪيو؟ ڇا ليٽرين جي تعداد وڌي، انھن کي ڏڪيو ويو، ڇا ٻار جوتا/ چپل پائڻ لڳا؟ ڪيڙن جي علاج لاءِ ڪير صحت جي مرڪز ويو؟ ڇا وڏن ٻارن ننڍن ٻارن کي ڪاڪوس لاءِ ليٽرين جو استعمال سيکارڻ ۾ مدد ڪئي؟ انھن جي والدين کي ڪيڙن بابت معلومات فراھم ڪئي؟ ۽ ڪيئن انھن مدد ڪئي؟

# سگريٽ ڇڪڻ يا نشو واپرائڻ بابت ڪجھ ڇرڪائيندڙ حقيقتون

**سجاد علي**

سگريٽ جو نشو اڄڪلھ جي ڪچي وھي وارن نوجوانن توڙي پڪي عمر جي ماڻھن ۾ عام ٿي ويو آھي. ھي تفريح کان شروع ٿي موت تي ختم ٿئي ٿو. ھن موضوع ۾ مان سگريٽ ڇڪڻ ۽ نشو ڪرڻ جي باري ۾ ڪجھ معلومات فراھم ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو.

## سگريٽ:

سڀ کان پھريان اوھان کي ٻڌائيندو ھلان تـ سگريٽ ۾ ڪھڙا ڪھڙا جزا شامل آھن. سگريٽ 7000 کان وڌيڪ ڪيميائي جزا ھوندا اھن. انھن جزن ۾ وڏو تعداد نڪوٽين Nicotine جو ھوندو آھي جيڪو سگريٽ جو عادي ڪرڻ ۾ اھم ڪردار ادا ڪري ٿو. انھن 7000 ڪيميائي جزن ۾ سوين نشـ آور جزا ھوندا آھن جڏھن تـ 70 جزا ڪينسر جو جو سبب بنجن ٿا. انھن ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان ڏيندڙ جزن ۾ ليڊ (Lead) ريڊان (Radon) , ٽار (Tarcol) ريڊيم (Radium)، ڪاربان مون آڪسائيڊ (corban monoxide)، امونيا (Ammonia)، ھائڊروجن (Hydrogen)، سائنائيڊ (Cynide) ۽ يورينيم (Uranium) شامل آھن. جيڪڏھن انھن جزن جي باري ۾ لکڻ اچجي تـ درجن ڪتابن جا لکي سگھجن ٿا.

ھاڻي اچو تـ سگريٽ ۽ نشي جي باري ۾ ڪجھ ڇرڪائيندڙ حقيقتون ڏسون:

+ گھڻن سائنسدانن جي مطابق نشئي ماڻھون عام زندگي کان 14 سال گھٽ جيئن ٿا.

+ دنيا ۾ تقريبن 1.1 بلين نشو واپرائيندڙ ماڻھون رھن ٿا جن ۾ 300 ملين نشائين جو واسطو چين سان آھي.

+ برطانوي سائنسدانن موجب ھر اھو سگريٽ جيڪو اسان ڇڪيون ٿا اھو اسان جي زندگي جا 11 منٽ گھٽائي ٿو.

+ نشي جي ڪري چمڙي ۾ رت جي فراھمي گھٽجي ٿي جيڪا اوھان جي جسم ۾ وٽامن اي (Vitamin _A) جي کوٽ جو سبب بنجي ٿي، نتيجي ۾ چمڙي جو رنگ ھيڊو ٿي وڃي ٿو ۽ چمڙي ۾ گھنج پئجي وڃن ٿا.

+ ھڪ اندازي موجب دنيا ۾ تقريبن 3000 موت اڻ سڌي طرح يا ڪنھن ٻئي جي نشي جي ڪري ٿين ٿا. جيڪڏھن اوھان نشو ڪريو ٿا اھو اوھان جي گھر جا ڀاتن، مِٽَن مائٽن، دوستن ۽ احبابن لاءِ سڌو سنئو خطرو آھي.

+ گزريل ھڪ منٽ ۾ 7 ماڻھون نشي جي ڪري موت جي منھن ۾ ھليا ويا ھوندا. يعني ھر اٺن سيڪنڊن کان پوءِ ھڪ موت جو سبب نشو اھي.

+ ڦڦڙن جي ڪينسر، رت جو دورو وڏڻ، دل جو دورو، چمڙي ۽ وات جي ڪينسر جھڙن خطرناڪ بيمارين جو وڏو سبب پڻ نشو واپرائڻ آھي.

+ نشو واپرائيندر ڳورھاري عورتن ۾ ٻار جي ضايع ٿيڻ جا خطرا وڌيڪ ھوندا آھن.

+ ڦڦڙن جي ڪينسر جي مريضن ۾ 90 سيڪڙو نشو واپرائيندڙن جو آھي.

سو سائين منھنجا، جيڪڏھن اوھان ھي تحرير غور سان پڙھي آھي ۽ اوھان بـ سگريٽ ڇڪيو ٿا يا ڪنھن بـ قسم جو نشو واپرايو ٿا، تـ مونکي اميد آھي تـ اوھان جيڪڏھن نشو واپرائڻ ختم نـ ڪندئو تـ گھٽ ۾ گھٽ، گھٽ ضرور ڪندئو. پنھنجوءِ پنھنجن جو خيال رکو. اوھان پنھنجن دوستن ۽ عزيزن لاءِ اھم آھيو.



كميونٽي جا احساسات

# اصلاحي ڪهاڻيون



## برداشت

برداشت پاڻ تي قابو رکڻ کي چيو ويندو آهي. پنهنجي زبان، جذبات، خيالن ۽ جسم کي قابو ۾ رکڻ ئي برداشت آهي. برداشت هڪ نهايت اعليٰ خوبي آهي. جيڪا دنيا جي سٺن ۽ نيڪ ماڻهن ۾ هوندي آهي اگر توهان سڄي دنيا جي مشهور ۽ ڪامياب ماڻهن جي زندگي کي ڏسندا ته توهان کي هڪ اهائي شيءِ مشترڪ نظر ايندي يعني برداشت الله جي هڪ نعمت هڪ تحفو آهي . برداشت جي سڀ کان سٺي مثال اسان جي پياري نبي حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي آهي برداشت جي گهٽي همت اسان جي نبي ۾ هئي، اسان جي پياري نبي نه رڳو پاڻ برداشت ڪري ڏيکاريو پر اسان کي به برداشت ڪرڻ جا طريقا سيکاريائين. برداشت سان انسان پاڻ به خوش رهي ٿو ۽ بيا به ان مان خوش رهندا آهن خوشي صحت مندي جي نشاني آهي. اگر معاشري ۾ سڀ ماڻهو خوش هجن ته اهو معاشرو صحتمند معاشرو سڏرائيندو. بعض اوقات ڪو فرد حالات يا ماڻهن کان متاثر ٿي وڃي ٿو ان جي ڪري ان ماڻهو کي غصو اچي ٿو ۽ شديد دٻاءُ محسوس ٿئي ٿو وڙهڻ ۽ روئڻ تي دل چوندي آهي زبردست بي يقيني، مايوسي ۽ دشت انسان کي گهيري ڇڏي ٿي اهڙي حالت ۾ انسان برداشت وڃائي ويهي ٿو ۽ جڏهن برداشت ختم ٿي وڃي ٿي ته ان جا عجيب ۽ غريب نظارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪير وڙهي، ڪير پاڻ کي ماري، ڪير ٻين تي ظلم ڪري ٿو وغيره

برداشت ان ڪري ختم ٿئي وڃي ٿي:

1.پاڻ تي وڌيڪ ذميداريون کڻڻ، 2.ضرورت کان گهٽ ڪاڌو کائڻ يا مرچ مصالحن وارو کاڌو کائڻ ، 3.ننڊ پوري نه ڪرڻ، رات جو دير تائين جاڳڻ ۽ صبح جو دير سان اٿڻ، 4.ورزش جو نه ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ، 5.احساس محرومي جو شڪار ٿيڻ هي سوچڻ ته ماڻهو منهنجي خلاف آهن يا مون کي اهو سڀ نه مليو آهي جيڪو ٻين کي مليو آهي، 6.ٻين سان وڌيڪ اميدون وابسته ڪرڻ، 7.پنهنجي ذات تي گهٽ اعتماد ، 8.ماحول ۾ گوڙ جو هجڻ، 9.ڪنهن ماڻهو کان بلاوجهه خوفزده ٿيڻ، 10.ڪنهن نقصان ٿيڻ جو خوف.

برداشت ختم ٿيڻ جا نقصان

برداشت ڪنهن وجهه سان گهٽ ٿي وڃي ٿي ته ماڻهو کي ان جو شديد نقصان ٿيندو آهي ان مان ڪجهه نقصان هي آهن: 1.هر وقت خون سڙندو رهي ٿو، 2.بلڊپريشر وڌي وڃي ٿو، 3.تعلقات خراب ٿي وڃن ٿا، 4.ماڻهو جاهل سمجهن ٿا، 5.پڇتاءُ جي عادت ٿي وڃي ٿي، 6.ذهن ڪجهه ڪرڻ جي قابل نه رهندو، 7.پنين ۾ سور ٿيڻ لڳندو، 8.ماڻهو وقت کان اڳ پوڙها ٿي وڃن ٿا، 9.مٿي ۾ سور رهڻ لڳي ٿو.

برداشت وڌائڻ جا طريقا

1.روزانه ورزش ڪريو، 2.گهٽي مرچ مسالن واريون شيون نه کائو، ڪچي سبزي کائو، 3.پنهنجي مستقبل کان پراميد رهو الله بهتر ڪندو، 4.پنهنجي باري ۾ سوچ سٺي رکڻ گهرجي ته الله منهنجي مدد ڪندو، 5.هي ڳالهه دل ۾ رکڻ گهرجي ته الله جي رضا کان سواءِ ڪو ڪم نه ٿو ٿي سگهي، 6. هي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته نقصان به اسان جي برداشت جو هڪ امتحان آهي، 7. جواب ڏيڻ کان پهرين ماڻهن جي مجبورين کي سمجهو 5 سيڪنڊ سوچيو ته ان ائين چو چيو يا ائين چو ڪيو، 8.ڏينهن ۾ هڪ دفعو الله جي ڏنل نعمتن کي ضرور ڳڻيو جيڪي توهان کي مليل آهن، 9.ٻين جي ڳالهه پنهنجي نقطي نظر سان نه پر ان جي حالات ۽ مسئلن کي ذهن ۾ رکي ڪري ٻڌو 10.ٻين سان ڳالهائڻ وقت اهو سوچيو ته توهان آئيني ۾ پاڻ سان ڳالهايو پيا.

ٽيچر لال خاتون وليپ سينٽر آباد سيوهڻ



## ضدي يار

هڪڙي راڻي چوڏهين جي رات محلات جي اڱڻ تي پنهنجي ننڍڙي شهزادي کي راند ڪرائي رهي هئي ته راند ڪندي ننڍڙي شهزادي جي نظر وچي چنڊ تي پئي، ماءُ کي چوڻ لڳو ته "امان مون کي چنڊ کپي"، شهزادي جي ڳالهه ٻڌي راڻي پريشان ٿي وئي چيائين ته "شهزادا پٽ چنڊ پنهنجي پهچ کان تمام پري آهي، توکي هيرن وارا رانديڪا آڻي ٿي ڏيان، تون انهن سان راند ڪر" راڻي ڪيترائي هيرن جا نهيل رانديڪا ۽ شيون ڪٽي آئي پر شهزادو پنهنجي ضد تي ويهي روئڻ لڳو، شهزادي جي روئڻ تي محلات جون سموريون ٻانهيون اچي گڏ ٿيون، ڪا پئي چئي ته جن اٿس، ڪا پئي چوي ته انگل تو ڪري، پر نه هو جن نه هو ڀوت، شهزادي ڪيو هو هرويرو ضد، تنهن ڪري راڻي راجا کي گهرايو راجا به گهڻا ئي هيلا وسيلا ڪيا پر شهزادو مان نه ڪري وري به ساڳيو ئي ضد ته مون کي چنڊ لاهي ڏيو. راجا، شهزادي کي روئندو ڏسي پريشان ٿي ويو ۽ پنهنجي هڪ چالاڪ وزير کي گهرايائين وزير سڄي ڳالهه ٻڌي ٻانهي کي حڪم ڏنو ته وڏي آرسي ڪٽي اچو ٻانهي اندران آرسي ڪٽي آئي وزير اها آرسي ڪٽي شهزادي جي اڳيان رکي ۽ چيائين "اچي منهنجا شهزادا هي تنهنجو چنڊ"، شهزادو چنڊ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ خوشي ۾ ٽپا ڏيڻ لڳو. پيارا ٻارو! ڏسو شهزادي جي معمولي ضد جي ڪري سندس ماءُ ۽ پيءُ ڪيترو نه پريشان ٿيا تنهن ڪري اوهان کي مائٽن سان ڪنهن به قسم جو ضد نه ڪرڻ گهرجي .

ناهيده شاهه_ايل ايس يو_ حيدرآباد

## شينهن ۽ ڪوئو



هڪ ڏينهن هڪ شينهن ڪنهن جهنگ ۾ ڪنهن وڏي وڻ هيٺ ستل هو ته اوچتو هڪ ڪوئو نڪتو ۽ اچي ستل شينهن مٿان نچڻ، ٽپڻ لڳو جيئن جو شينهن ننڊ مان اٿيو ته ڪوئي کي ڏسي ڪاوڙ ۾ ڪوئي کي چنبي ۾ مضبوط پڪڙيائين ۽ چيائينس ته اڙي نادان ڪوئا! تنهنجي ڪهڙي مجال جو تون مون جهنگل جي بادشاهه جي مٿان ٽپين ۽ ڪڏين پيو؟ ويچارو ڪوئو ڪنبي ويو ۽ خوف وچان سندس آواز به نه پئي نڪتس، آخرڪار دل ٻڌي شينهن کي چوڻ لڳو ته اي جهنگ جا بادشاهه! منهنجي خطا معاف ڪر، مون کي ساهه جو جيئدان ڏي تي سگهي ٿو مٿان مان ڪنهن ڏهاڙي تنهنجي ڪم اچان، تنهن تي شينهن کلي چيس ته اڙي ڪوئا! تون ننڍڙو ، ناچيز ساهوارو ڪهڙي ڪم ايندين؟ تنهن تي ڪوئي چيس ته الله سائين ڪا به شيءِ بيڪار ناهي خلقي، الله جي هر ڳالهه ۾ حڪمت آهي اهو ٻڌي شينهن کي رحم آيو ۽ ڪوئي کي ڇڏي ڏنائين. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ، ڪوئي ڏٺو ته شينهن ان ساڳي وڻ هيٺ هڪ وڏي جار ۾ قاتل آهي، اتي ڪوئي پنهنجن مضبوط ڏندن سان جار کي ڪترڻ لڳو ۽ شينهن کي آزاد ڪيائين ۽ شينهن آزاد ٿي ڪوئي جا ٿورا مڃيا. ڏسو پيارا ٻارو! دنيا ۾ الله سائين ڪا به شيءِ بيڪار ناهي خلقي الله جي هر خلقيل مخلوق ڪم واري آهي.

## تڪڙ ڪم شيطان جو

ڪنهن ڳوٺ ۾ زال مڙس رهندا هئا ٻئي زال مڙس پورهيو ڪري گذر سفر ڪندا هئا. مڙس مزدوري ڪندو هو ۽ زال پرت جو ڪم ڪندي هئي. گهر ۾ ڪو به ٻار ٻچو نه هو، ان ڪري اڪيلائي ڪان بچڻ لاءِ مائي هڪ نورَ ڏاريو، جنهن سان هوءَ تمام گهڻو پيار ڪندي هئي وري نور به مائي سان اهڙو هري ويو جو سڄو ڏينهن ان جي اڳيان پنيان پيو ڦرندو هو ڪجهه عرصي ڪان پوءِ مائي کي هڪ سهڻو پٽ ڄائو جنهن سان گهر ۾ رونق اچي وئي. هڪ ڏينهن مائي ٻار کي گهر ۾ ستل ڇڏي پاڻ کوهه تان پاڻي ڀرڻ وئي. جڏهن واپس وري ته ڏٺائين نور در تي بيٺو آهي ۽ سندس وات ۽ چنبن ۾ رت لڳل آهي مائي اهو ڏسي سوچيو ته شايد نورَ سندس پٽ کي ماري ڇڏيو آهي مائي بنا دير جي پاڻي جو ڀريل دلو نورَ مٿان اڇلائي ڇڏيو ويچارو نور ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويو. مائي ڊوڙ پائي ڪمري ۾ وئي ته پٽ کي ڏسي جڏهن ڪمري ۾ گهڙي ته ڏٺائين ته سندس پٽ آرام سان ستو پيو هو ۽ سندس پر ۾ هڪ وڏو نانگ مئو پيو هو. پوءِ مائي کي ڳالهه سمجهه ۾ ئي ته نورَ ته نانگ کي ماري سندس پٽ کي بچايو هو پر مائي تڪڙ ڪري نورَ کي ماري وڌو ۽ پوءِ تمام گهڻو پڇتايائين. پيارا ٻارو! ان ڪري چوندا آهن ته تڪڙ ڪم شيطان جو جيڪڏهن مائي تڪڙ نه ڪري ها اول وڃي ڪمري ۾ جائزو وٺي ها پر مائي تڪڙ ڪري پنهنجو وفادار ساٿي ماري ڇڏيو، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته ڪنهن به ڪم ۾ تڪڙ نه ڪريون جيڪو به ڪم ڪريو سوچي سمجهي تحمل سان ڪريون جنهن سان ڪنهن به نقصان کان بچي سگهجي ٿو.

سحر پٽي انٽرن حيدرآباد

## شاهي انعام



ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ بادشاهه کي هڪ عاليشان باغ هو، بادشاهه هر جمعي جي ڏينهن باغ گهمڻ ويندو هو، باغ ۾ هڪ ٻير جو وڻ به هوندو هو. جيڪو باغ جڳ ديوار جي پرسان بيٺل هو،ٻير جي وڻ جون ڪي ٽاريون پٽ جي ٻاهران پيون لٽڪنديون هيون شهر جا ٻار ٻاهران بيهي ان مان ٻير ڇاڻي ڪائيندا هئا هڪ دفعي بادشاهه پنهنجي وزير سان گڏ جي باغ گهمڻ ويو گهمندي گهمندي اچي ان ٻير جي وڻ هيٺيان بيٺو اتفاق سان ان وقت ڪو ٻار ٻاهرئين پاسي ٻير ڇاڻڻ لاءِ آيو. هن سروٽو ڪٽي ٻير ۾ هنيو اتفاق سان اهو وڃي بادشاهه کي مٿي ۾ لڳو ۽ بادشاهه جي مٿي مان رت رهڻ لڳو، نوڪر ٻاهر ڀڳا جن وڃي ان ڇوڪر کي پڪڙيو ۽ بادشاهه جي اڳيان پيش ڪيائون بادشاهه وزيرن کي چيو ته ٻڌايو ته هن کي ڪهڙي سزا ڏجي، وزيرن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي راءِ ڏني ڪنهن چيو ته هن کي جيل اُماڻيو وڃي ڪنهن چيو ته هن کي ڏاڍي مار ڏني وڃي ته ڪنهن چيو هن کي رتو رت ڪيو وڃي مطلب ته هر ڪنهن ڪانه ڪا سزا تجويز ڪئي، بادشاهه سڀني جون ڳالهيون ٻڌي ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ حڪم ڏنائين ته هن ڇوڪر کي شاهي خزاني مان هڪ سو روپيه انعام ڏنو وڃي. سڀ امير ۽ وزير بادشاهه جو فيصلو ٻڌي وائڙا ٿي ويا ته بادشاهه ڇا ڪيو، ڇوڪر کي سزا ڏيڻ بجاءِ انعام ڏنائين. نيٺ وڏي وزير دل جهلي بادشاهه کي عرض ڪيو ته قبلہ سائين هي ڳالهه اسان جي سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته توهان هڪ ڏوهاري کي سزا جي بدلي انعام ڏنو. ان تي بادشاهه وراڻيو ته هن ڇوڪر جي نيت مون کي سروٽي هڻڻ جي نه هئي هي هڪ اتفاق ٿيو آهي. ڇوڪر ته سر جو تڪر ٻير ۾ ان لاءِ هنيو ته ڪيس مٺا ٻير ڏئي. هاڻ اوهان انصاف ڪيو ته هڪ وڻ سروٽي لڳڻ سان مٺا ٻير ڏئي ٿو ته هڪ بادشاهه سروٽي لڳڻ سان ڪيس ڇا ڏي؟ انهي ڪري مون ڪيس انعام ڏنو آهي.

## منهنجي سوچ ۽ خواب

مان چاهيان ٿي سڀني غريبن جا ڏک ۽ درد بک، بيماري سڀ پنهنجي اندر لڪائي ڇڏيان منهنجي خوشي چا آهي ۽ خواهش ڇا آهي اهو سڀ ڪجهه وساري ڇڏيان. مان سوچيندي آهيان ته هي غريب نوجوان جيڪي پنهنجي هٿن ۾ ڊگريون ڪٽي نوڪري لاءِ رلندا ڦرندا آهن انهن وٽ سواءِ ڊگرين جي ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي ڇو ته انهن وٽ سفارش ۽ نه ئي دولت آهي جو هو نوڪري حاصل ڪري سگهن، اگر منهنجي هٿ ۾ هجي ته مان پهرين انهن بي روز گارن کي روزگار ڏياريان، جيڪي ڏس ڪڏهن چولا ، ته ڪڏهن شربت وڪڻ ٿا چا انهن جا خواب نه هوندا پر ڪير سوچي.

مان جڏهن ڪنهن شيءِ ڪيائڻ واري کي ڏسندي آهيان ته منهنجي دل ميڻ وانگر ڳري ويندي آهي ان وقت منهنجي دل چوندي آهي ته مان انهن کي دولت سان مالا مال ڪري ڇڏيان جيئن انهن جا ڏک گهٽ ٿين ڪي گهڙيون هن دنيا م سڪون واريون گذاري وجن. مون کي پنهنجي گهر وارن کان پوءِ انهن غريبن سان محبت آهي، مون کي پنهنجي زندگي سان ايتري دلچسپي نه رهي آهي جيتري غريبن ماڻهن سان آهي. مان پنهنجي سڄي زندگي انهن غريبن لاءِ وقف ڪرڻ چاهيان ٿي اگر مون کي هڪڙي ڏينهن جي لاءِ حڪومت ڏني وڃي ته مان پهريون ڪم اهو ڪندس ته غريبن کي پنهنجا حق وٺي ڏيندس.

نجمہ برهماڻي، ڳوٺ محمد بخش برهماڻي

## تنزيلا

تنزيلا تمام سلڇڻي ۽ هوشيار ڇوڪري آهي. تنزيلا ماءُ پيءُ استاد ۽ وڏن جو ادب ڪندي آهي وڏن جو هر چيو مڃيندي آهي. تنزيلا هميشه اسڪول به ٽائيم تي ويندي آهي ۽ گهر به ٽائيم تي پهچندي آ. تنزيلا وڏن جو ادب ۽ ننڍن سان پيار ڪندي آهي، هڪ ڏينهن چا ٿيو هن کي گهر پهچڻ ۾ دير ٿي، تنزيلا کان ماءُ پڇيو ته پٽ اڄ ڇو دير ڪيئي تنهن تي تنزيلا چيو ته امان اڄ موڪل مهل نغمه ۽ مان گهر اچون پيا ته اوچتو سان نغمه جي طبيعت خراب ٿي پئي ته مان ان کي گهر وٺي ويس ۽ جڏهن نغمه جي طبيعت ڪجهه صحيح ٿي ته پوءِ مان گهر آيم. تنهن تي ماءُ چيو ته پٽ اهو ته تون تمام سٺو ڪم ڪيو. هميشه اسان کي هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.

اِي ايل پي ٽيچر

## ايماندار

شيخ ابو يعقوب نالي هڪ شخص بيحد ايماندار ۽ بزرگ ماڻهو هو. سندس تعلق هڪ شاهي خاندان سان هيو پر هن کي فقيري ۾ رهڻ سٺو لڳندو هو ۽ چٽائيون ٺاهي گذران ڪندو هو. هڪ دفعي هو دمشق ملڪ ۾ ويو ۽ اتي هو هڪ شاهي باغ ۾ مالهي جي نوڪري ڪرڻ لڳوائين ئي هن کي محنت مزدوري ڪندي ڇهه مهينا گذري ويا ته هڪ ڏينهن بادشاهه سلطان نورالدين ان جي باغ ۾ آيو. باغ جي آفيسر کيس چيو ته بادشاهه سلامت لاءِ عاليشان قسم جا ڏاڙهون پٽي اچ هو ويچارو جلدي ۾ ڪجهه ڏاڙهون پٽي آيو پرجڏهن بادشاهه اهي ڪاٽا ته اهي ڪٺا نڪتا، تنهن تي آفيسر کيس چيو ته وڃ هي ڪٺا آهن ۽ وڃي مٺا ڏاڙهون پٽي اچ هووري ويو ۽ ڏاڙهون پٽي آيو پر اهي به ڪٺا نڪتا تنهن تي آفيسر کي انتهائي گهڻي ڪاوڙ اچي وئي ۽ چيائين ته توکي ڇهه مهينا هن باغ ۾ نوڪري ڪندي ٿيا آهن پر تو کي ايتري خبر نه آهي ته کهڙي وڻ جو ميوو ڪٺو آهي ۽ کهڙي جو مٺو هن انتهائي سادگي سان جواب ڏنو ته سائين توهان مونکي وڻن جي چوڪيداري لاءِ رکيو آهي نه کي کائڻ جي لاءِ سائين مون کي کهڙي خبر ته کهڙي وڻ جو ميرو ڪٺو آهي ۽ کهڙي جو مٺو سلطان نورالدين جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته بيحد خوش ٿيو کيس وڏي عزت سان پنهنجي پر ۾ ويهاريائين ان کان سواءِ هن کي ڪيترا ڏينهن پنهنجي محل ۾ مهمان ڪري رکيائين ۽ کيس عزت احترام سان رخصت ڪيائين. پيارا ٻارو! ايماندار ماڻهو جي هر جاءِ تي عزت آهي ۽ ايمانداري انسان جو بهترين زيور آهي ۽ اسان کي ڪڏهن به بي ايماني نه ڪرڻ گهرجي.

## هنر وڏي دولت آهي



هڪڙي ملڪ ۾ اهو قانون هوندو هو ته هر ماڻهو کي ڪو نه ڪو هنر اچڻ کپي پوءِ اهو امير هجي يا غريب ملڪ جي سخت قانون هجڻ ڪري ماڻهو پنهنجي اولاد کي ڪو نه ڪو هنر سيکاريندا هئا ان ملڪ جي بادشاهه کي به هڪ پٽ هو پر اهو ڪو به هنر نه سکيو، بادشاهه کيس گهڻو ئي سمجهايو ته پٽ تون به ڪو نه ڪو هنر سک چوندا آهن ته هنر وارو الله جو پيارو پر بادشاهه جي پٽ تي پيءُ جي نيڪ نصيحت جو ڪو به اثر نه ٿيو، آخر ملڪ جي قانون موجب بادشاهه پٽ کي گهران ڪڍي ڇڏيو. بادشاهه جي پٽ سوچيو ته آئون ملڪ جو شهزادو آهيان ماڻهو منهنجي ڳالهائڻ ۽ ملڻ لاءِ پيا سڪن هر ڪو مون کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو پر ائين نه ٿيو محلات جو دروازو پار ڪرڻ کانپوءِ کيس ڪنهن پڇيو به ڪو نه آخر بک کان بي حال ٿي لوهار جي دڪان تي آيو ۽ چيائينس ته مو کي ماني کارا ۽ مون کان ڪم وٺ لوهار شهزادي کي ڪم تي شروع ڪيو ۽ کيس ماني به کارائڻ لڳو، ڪجهه وقت کان پوءِ شهزادو ڏانتو ۽ ڪهاڙي ٺاهڻ سکي ويو،بادشاهه شهزادي جي ڳجهي نموني خبر چار وٺندو هو آخر نوڪر موڪلي پٽ کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ پڇيائينس ته پٽ ڪو هنر سکيو آهين تنهن تي شهزادي جواب ڏنو ته هاڻ ڏانتا ۽ ڪهاڙي ٺاهڻ سکيو آهيان ان تي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو کيس پيار ڪري محل ۾ وٺي ويو.

## چوڻيون



- جڏهن توهان واندڪائي ۾ هوندا آهيو ته هر وقت ٽائيم ڏي نظر ويندي آهي ۽ جڏهن توهان ڪم ڪندا آهيو ته ٽائيم ڏي نيهاريندا به نه آهيو ۽ ٽائيم گذري ويندو آهي. (شهيد بينظير ڀٽو)
- مصنوعي طريقي وسيلي پنهنجي شخصيت کي ظاهر نه ڪريو ڇاڪاڻ ته حقيقي خود اعتمادي توهان جي سادگي ۾ هوندي آهي.(بينظير ڀٽو شهيد )
- جڏهن توهان روشني ۾ هوندا آهيو ته هر ڪو توهان سان گڏ هوندو آهي پر جڏهن توهان اونداهي ۾ هوندو ته توهان جو پاڇو به توهان جو ساٿ ڇڏي ڏيندو آهي؟(هٽلر)
- جيڪڏهن توهان غريب پيدا ٿيو ٿا ته ان ۾ توهان جو ڏوهه ناهي پر جيڪڏهن توهان غريب ٿي مرو ٿا ته اهو توهان جو ڏوهه آهي. (شيڪسپيئر)
- دنيا ۾ توهان جي تڪليفن ۽ اهنجن لاءِ ڪا به مارڪيٽ ناهي ان لاءِ پنهنجي تڪليف جو اظهار نه ڪيو. ( شيڪسپيئر )
- هر ماڻهو تي اعتماد ڪرڻ خطرناڪ هوندو آهي پر ڪنهن تي به اعتماد نه ڪرڻ ان کان وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي. (ابراهيم لنڪن)
- خراب وقت دوران هڪ آڱر توهان جا ڳوڙها اگهندي آهي چا اهو بهتر ناهي ته ڏهه آڱريون ملي ڪري توهان جي ڪاميابي تي تاڙيون وڄائن. (شيڪسپيئر)

مس ارشاد اونو ٽيچر ننڍي ٽيڙهي، باجاره

## دوستي

جهرڪي ۽ مينهن پاڻ ۾ ساهيڙيون هيون روزگڏجي گهمنديون ۽ کائينديون پيئنديون هيون جهرڪي جي هڪڙي ڪني عادت هوندي هئي تہ هو پنهنجي دوست مينهن تي ويهي ونيون لاهيندي هئي مينهن هن کان وڏي هئي ۽ هن جي انهيءَ حرڪت کي پئي برداشت ڪندي هئي پر جهرڪي جو اهو معمول بڻجي ويو هو ۽ هوءَ روزانو اچي مينهن تي ويهي ونيون لاهي سڄي مينهن کي خراب ڪري ڇڏيندي هئي. هڪ ڏينهن مينهن سوچيو تہ هوءَ معصوم آهي پر هن کي سندس غلطيءَ جو احساس ڏيارڻ ضروري آهي. تنهن ڪري مينهن جهرڪيءَ کي چيو تہ دوست تون تہ روز تي منهنجي پُٺيءَ تي ونيون لاهين اچ مون کي پنهنجي مٿان ڇيڻو لاهڻ ڏئي ان تي جهرڪي وارڻيو تہ ٺيڪ آهي آئون تنهنجي هينيان ويهان ٿي تون پلي ڇيڻو لاهہ مينهن ڇيڻو لا تہ جهرڪي ڇيڻي ۾ پورجي ويئي. ويجهو ئي هڪ گدڙ بيٺو هو جنهن جهرڪي کي ڪاڻ لاءِ ڪٽي ڇيڻي مان ڪڍيو مينهن ڏٺو تہ گدڙ منهنجي ننڍڙي معصوم دوست کي ڪائي تو وڃي تنهن چالاڪي ڪري گدڙ کي چيو تہ ڪهڙو نہ چريو گدڙ آهين جهرڪي ڌويو نہ تو ڪائين ائين ڇيڻي ۾ وچايل تو ڪائين ان تي گدڙ جهرڪي کي ڪاڻ لاءِ نلڪي تي ڌوتو ۽ کيس ڪاڻ تي هو تہ مينهن رڙڪري چيو بيووقوف گدڙ سڪايو نہ تو ڪائين آلي تو ڪائين گدڙسوچيو تہ مينهن چئي سچ تي ان ڪري جهرڪي کي سڪائڻ لاءِ زمين تي ڇڏيائين جڏهن جهرڪي توري سڪي وئي تہ اڏامي وڃي مينهن جي پٺن تي ويٺي گدڙ وائڙن وانگي نهاريندو رهيو جهرڪي ۽ مينهن گدڙ تي کلڻ لڳيون. ان کان پوءِ جهرڪي کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿي ويو ۽ هن واعدو ڪيو تہ هاڻ آئون ڪڏهن بہ پنهنجي دوست مينهن کي خراب نہ ڪندس.

## عورت ۽ ظلم



هر ظلم عورت تي ڇو؟ جڏهن بہ مان عورتن تي ٿيندڙ ظلم ڏسان، پڙهان ۽ ٻڌان تي تہ اڪيون ڳوڙهن سان پرجي اچن ٿيون سوچيان تي آخر ايترا ظلم صرف عورتن سان ئي ٿي رهيا آهن. مردن جي معاشري ۾ عورت آخر ايتري رسوا ۽ ان تي ظلم ڇو تو ڪيو وڃي؟ ڇا ان ۾ صرف عورت جو ئي ڏوهہ آهي؟ هر عورت چاهيندي آهي تہ ان کي بہ اوتري ئي عزت ۽ وفا ملي جيتري مردن کي ملي تي پر هي ظالم سماج عورت کي اڳتي وڌڻ بدران ان کي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيهي تو. آخر اهو سلسلو ڪيتائين هلندو. عورت کي بہ اوترائي حق ملڻ گهرجن جيترا مردن کي آهن. هن دور جا مرد عورت تي ظلم ڪرڻ کان پهرين اهو نہ تا سوچين تہ ان جو انجام ڇا ٿيندو عورت پنهنجا حق وٺڻ چاهي تي.ڪاش هن ڌرتي تان عورتن تي ٿيندڙ ظلم ختم وڃن ۽ فلاحي ادارا جيڪڏهن ان تي ڪم ڪن تہ عورتن تي ٿيندڙ ظلم ۾ گهٽتائي اچي سگهي تي ۽ عورتون پنهنجا حق حاصل ڪري سگهن ٿيون.

نجمه برهماڻي، ڳوٺ محمد بخش برهماڻي

## ابراهم لنڪن جو خط

مشهور آمريڪن صدر ابراهم لنڪن هڪ پيري بحيثيت والد جي پنهنجي پٽ جي استاد ڏانهن مشوري وارو خط لکيو تہ هو (استاد) سندس پٽ کي ڇا ڇا پڙهائي/ سيکاري.

محترم سائين،

مان چاهيان ٿو تہ منهنجو پٽ سکي:

- مان ڄاڻان ٿو سڀئي انسان مڪمل ناهن هوندا، سڀئي انسان سچا ناهن هوندا پر هن کي پوءِ ضرور سيکاريو تہ سڀني بدمعاشن ۾ هڪ هيرو بہ هوندو آهي جهڙي طرح خودغرض سياستدانن ۾ بهترين اڳواڻ بہ هوندا آهن.
- هن کي سيکاريو تہ دشمن ۾ هڪ دوست بہ هوندو آهي.
- هن کي سيکاريو تہ هڪ ڊالر ڪمائڻ تمام گهڻو اهميت وارو ڪم آهي بجاءِ رستي تان 5 ڊالر لهڻ جي.
- هن کي سيکاريو تہ هارائڻ مان سکي ۽ ڪاميابيءَ مان لطف حاصل ڪري.
- هن کي سيکاريو تہ خاموش مسڪراهٽ ۾ ڪهڙو راز آهي.
- هن کي سيکاريو تہ ڪتابن جي دنيا ڪهڙي هوندي آهي ۽ آسمان ۾ اڏندڙ پکين، روشني ۾ ماکي جي مکين جو اڏڻ ۽ گلن جو سبزازار تي لهرائڻ جو ازلي راز ڇا آهي؟
- هن کي سيکاريو تہ ڪتابن جو ڪيڙو بڻجي پر هن کي غير نصابي سرگرمين کان بہ پري نہ رکيو وڃي.
- هن کي اسڪول ۾ سيکاريو تہ فيل ٿيڻ وڌيڪ اعزاز جي ڳالهہ آهي بجاءِ نقل ڪري پاس ٿيڻ جي.
- هن کي سيکاريو تہ هو سندس سوچن /خيالن تي يقين رکي چاهي هئي ان جي خيالن سان سهمت نہ هجن.
- هن کي سيکاريو تہ هو سيني ماڻهن کي هٿڌي پرسٽي يا صحيح ماڻهو کي سچائي جي بنياد تي پرکي.
- هن کي سيکاريو تہ هو جڏهن غمگين /اداس هجي تہ ڪهڙي طرح سان کلي.
- هن کي سيکاريو تہ ڳوڙها ڳاڙڻ شرم جي ڳالهہ ناهي.
- هن کي سيکاريو تہ هو ماڻهن جي رڙيون ڪرڻ يا گوڙ ڪرڻ تي ڌيان نہ ڏيئي پر هو جيڪڏهن حق تي آهي تہ حق لاءِ وڙهي پوي.
- هن کي پيار سان سيکاريو مگر هن کي گهڻي محبت بہ نہ ڏيو ڇاڪاڻ تہ بهترين فولاد باهہ مان پچڻ ڪانپوءِ تيار ٿيندو آهي.
- هن جي اندر همت پيدا ڪريو تہ جيئن هو بيقرار/ بيچين ٿئي ۽ هن اندر سڪون ۽ بردباري پيدا ڪر تہ جيئن هو بهادر ٿئي.
- هن کي سيکاريو تہ جنهن ذات هن کي پيدا ڪيو آهي ان تي پورو يقين رکي ۽ پنهنجو پاڻ تي بہ پروسو ڪرڻ سکي ڇاڪاڻ تہ ان سان هو هميشہ انسان ذات ۾ يقين رکندو.

سنڌي ويس: ادارو

## پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ

پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ ۾ اسان جي شخصيت قوت ، ڪمزوريون پسند ۽ ناپسند شامل آهن. پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ سان اسان کي پاڻ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي. جڏهن اسان ڪنهن دٻاءُ يا پريشاني ۾ مبتلا آهيون اهو اڪثر ڪري رابطہ ڪاري ۽ پاڻ ۾ واسطو يا ڳانڍاپي هئڻ ڪري ٿيندو آهي. ۽ ان سان ڳڏو ڳڏ ٻين جي صلاحيتن کي سمجهڻ سان بہ ٿيندو آهي.

پاڻ کي ڄاڻڻ

ڪجهہ ماڻهو پنهنجي پاڻ بابت سڃائين کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. مثال طور : هڪڙو ٻار ڪمزور تعليمي معيار کي لڪائڻ لاءِ پنهنجي رويي ۾ تبديلي آڻي ٿو . اصل ۾ هو هڪ نڌائيندڙ آهي. پنهنجي ڪمن ۽ مطالعي جي بجاءِ آخري گهڙي تائين مدار رکي ٿو.

Importance of self image

پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ اصل ۾ پنهنجي روين ۾ تبديلي آهي جيڪي مثبت يا منفي آهن پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ تمام ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ هر ماڻهو اهو ئي سوچي ۽ محسوس ڪري ٿو جيڪو هو ڪري ٿو. گهٽ اعتماد هئڻ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ روين ۾ مسئلا پيدا ٿين.

ڪمزور يا مضبوط بنيادون Weak or Strong Foundation

تاثرات ۾ خاص سوال هي آهي تہ اسان جي تاثرات جو ڪهڙو بنياد آهي اسان جا خيال ڇا آهن ۽ ٻين بابت جائزو اسان جي تاثرات جا صحيح بنياد ڇا آهن.

خودداري ڇا آهي؟

What is self esteem ?

ڪجهہ ماڻهن جا جذباتي ۽ سوچون پنهنجن روزاني تجربن جي بنيادن کي لچڪدار ڪنديون آهن، اگر توهان امتحان ۾ ڪو گريڊ ڪٽو ٿا تہ توهان جي دوستن جو رويو توهان سان ڪيئن رهي ٿو. گهٽ يا وڌ يا دوستاڻو واسطو، اهي سڀ شيون ٿوري وقت لاءِ توهان جي شاهوڪار هجڻ تي اثر رکن ٿيون.

Three steps to better self esteem

پنهنجون تاثرات کي وڌائڻ ڪان پهرين توهان کي اها ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ توهان کي پاڻ کي تبديل ڪرڻو آهي. ڪا بہ تبديلي تيزي ۽ آساني سان نہ ٿيندي آهي پر اها پاڻ ٿيندي. توهان ڪمزور نہ آهيو هڪ دفعو توهان کي قبول ڪرڻو آهي ۽ ممڪنات کي حاصل ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي تہ توهان ڪمزور نہ آهيو هي ٿي شيون آهن جيڪي توهان جي تبديلي ۾ بدلائو آڻين ٿيون 1. اندرين تنقيد کي ثابت ڪرڻ 2. ٻين کان مدد وٺڻ، 3. تحفظ جو عمل.

زاهده پنگر، پروگرام آفيسر،ايس اي ايف وليپ سيوهڻ

## لطيفو

هڪ پوڙهو ماڻهو ڪنهن ٻار کي ڪٽي اچي رهيو هو تہ ٻار روئڻ لڳو. پوڙهو ماڻهو روڊ تي بيٺو هو تہ پويان گاڏي اچي رهي هئي. پوڙهي ماڻهو گاڏي کي هٿ ڏئي روڪيو. ڪيلنڊر چيو ڇاڇا گاڏي وڃڻو آهي. ڪراڙي ماڻهو چيو گاڏي بہ ناهيان وڃڻو ٻارڙو روئي رهيو آهي ٿورو پو ن پون وڃائي تہ چوڪرو ماٺ ڪري.

## گڏجي رهڻ

ماڪوڙي هڪ ننڍڙو ڪيڙو آهي. شايد ئي ڪو هن کان ڏڄندو هجي ڪڏهن توهان هن جي ڳوٺ کي ڏسو. تمام ننڍڙيون ماڪوڙيون جڏهن گڏجي ڪم ڪن ٿيون تہ وڏن وڏن جانورن کي منٽن ۾ ڪائي ڇڏين ٿيون. ڪير انهن جي گهرن ڏانهن اچي تہ ان کي چڪ هڻي ڀڄائڻ تي مجبور ڪري ڇڏين ٿيون اگر انهن جي گهر جي اندر جي ڳالهہ ڪجي تہ شديد حيرت ٿيندي آهي. ماڪوڙين جي گهر کي هڪ ڪالوني سڏيون ٿا رهڻ لاءِ محفوظ ۽ مناسب جاءِ آهي جتي لکن جي تعداد ۾ ماڪوڙيون ملي جلي ڪري رهن ٿيون. ڪالوني ۾ اچڻ واري سڀ خوراڪ اتي جمع ٿيندي آهي. ماڪوڙين پنهنجي پنهنجي ذميداريون ورهائي ڇڏينديون آهن جنهن ۾ ڪجهہ خوراڪ ڳولڻ جو ڪم ڪنديون آهن،ڪجهہ ان ڪالوني تائين پهچائينديون آهن وڏيون ماڪوڙيون ڪالوني جي دروازي تي پهرو ڏينديون آهن،ڪجهہ وري نئين ماڪوڙين جي سار سنڀال ڪنديون آهن. اهڙي طرح ماڪيءَ جون مکيون بہ گڏجي ملي جلي ڪري رهنديون آهن ۽ گڏجي ڪم ڪنديون آهن. ماکيءَ جهڙي مفيد ۽ مزيدار شيءِ ناهينديون آهن. اسان سڀ هنن مان سبق حاصل ڪري سگهون ٿا تہ ملي جلي ڪري ڪيئن رهي سگهجي ٿو ۽ ڪيئن ڪم ڪري سگهجي ٿو؟

گڏيل باهمي تعلق آهي ماڻهن جو پاڻ ۾ ملي جلي ڪم ڪرڻ، ٻين جي مدد ڪرڻ ۽ پنهنجو پاڻ کان پهرين ٻين جي باري ۾ سوچڻ جو. اسان جو مذهب اسلام بہ اسان کي پاڻ ۾ گڏيل باهمي تعلق رکڻ جو سبق ڏئي ٿو. اسان جي پياري رسول حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمائن ٿا تہ سڀ مسلمان هڪ ئي جسم وانگر آهن اگر جسم جي ڪنهن هڪ حصي کي تڪليف اچي تہ سڄو جسم بي چين ٿئي وڃي ٿو. سبحان الله

هن ڳالهہ تي غور ڪيو تہ اگر اسان جي ڪن ۾ سور آهي تہ اسان جلدي ڪنهن ڊاڪٽر ڏانهن ويندا سين يا ڪنهن حڪيم ڏي ظاهر آهي تہ پڇڻ لاءِ توهان کي ٽنگن جي ضرورت پوندي، ليڪن اگر اسان جون ٽنگون هلڻ کان انڪار ڪي ڇڏين تہ تڪليف ختم نہ ٿي ٿئي اسان کي خبر آهي تہ ٽنگون انڪار نہ ٿيون ڪري سگهن هيو مثال ڏسجي تہ اگر توهان جي پير ۾ ڪنڊو لڳي وڃي تہ هٿن کان سواءِ توهان ڪجهہ نہ ٿا ڪري سگهو ڇو تہ پير ۾ لڳل ڪنڊي کي توهان هٿن جي مدد سان ئي ڪڍي سگهو ٿا. سوچيو اگر توهان کي هٿ سات نہ ڏين تہ تڪليف ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي سگهندي. انسانن جو مثال بہ ائين ئي آهي تہ اگر توهان جي پاڙي ۾ ڪو شخص مشڪل ۾ آهي تہ توهان اهو نہ ٿا چئي سگهو تہ اسان کي ڇا! اسان ڇو پنهنجو وقت برباد ڪيون! يا اسان کي ان جي مدد سان ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو. اگر توهان ائين ڪيو تہ پنهنجو ئي نقصان ڪندو ڇو تہ ائين ڪرڻ سان اسان هڪ ٻئي جي ويجهو نہ اچي سگهنداسين ۽ نہ هڪ ٻئي جي مدد ڪري سگهنداسين.

گڏيل باهمي تعلق جا فائدا ۽ اهميت: هونئن تہ گڏيل باهمي تعلق جا فائده بي شمار آهن اگر توهان پنهنجي علائقي ۾ گڏيل باهمي تعلق جي تحت ڪم ڪيو تہ ان جا ڪيترائي فائده نظر ايندا. هتي اسان توهان کي ڪجهہ فائده ٻڌايون ٿا.

1.سڀ کان پهرين تہ ماڻهن ۾ اتحاد ۽ ٻڌي پيدا ٿئي ٿي. 2.محبت وڌي ٿي ۽ جهيڙا ختم ٿين ٿا، 3.هڪ ٻئي جي مدد جو جذبو وڌي ٿو ماڻهو دل سان ڪم ڪري ٿو، 4.پريشانيون گهٽ ٿين ٿيون اگر ڪنهن کي ڪا مشڪل اچي ٿي تہ ملي جلي ان کي حل ڪري سگهجي ٿو، 5.اسان جي پنهنجي اهميت وڌي ٿي.

ٽيچرعائشہ ، اسڪول ڳوٺ محمد بخش برهماڻي، آئي اِي ايل پي

## منهنجو ڳوٺ بچل چنہ :

هن ڳوٺ جو نالو بچل چنہ آهي هن ڳوٺ جا چار پاڙا آهن هي سڀ هڪ ئي ذات چنہ سان تعلق رکندڙ ڳوناٺا پاڻ ۾ رشتيدار آهن هن ڳوٺ جا رستا پڪا،نااليون ۽ گهٽيون بہ پڪيون ۽پڪا ليٽرين بہ ٺهيل آهن .هتي بہ گورنمينٽ جا پرائمري ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ اسڪول آهن جنهن ۾ 80 ڇوڪريون ۽ 76 ڇوڪرا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.هتي صحت جي حوالي سان هڪ حڪيم آهي جيڪو ڳوناٺن جي بيماري جو علاج ڪندو رهندو آهي اگر مريض جي حالت گهڻي خراب آهي تہ ان کي سيوهڻ شهر ڏانهن بہ ڳوناٺا وٺي ويندا آهن هتي جي ماڻهن جو گذر سفر ٻنيءَ ۽ مال تي آهي ۽ عورتون بہ ٻنيءَ جو ڪم تمام گهڻو ڪن ٿيون ان سان گڏوگڏ هٿ جو هنر سلائي وغيره پڻ ڪن ٿيون. هتي شروع ۾ پڙهائي ڏانهن ڳوناٺن جو رجحان گهٽ هو جڏهن 2002ع ۾ فبروري ۾ سينٽر کوليو ويو جتي 30 کان مٿي سڪندڙ داخل ٿيون هيون جنهن مان 27 سڪندڙ پاس آئوٽ ٿي چڪيون آهن..جنهن سان تعليم جو بہ رجحان وڌي ويو هاڻي ڳوناٺا پنهنجي ٻارن جي تعليم ڏانهن بہ ڌيان ڏئي رهيا آهن هن سينٽر ۾ ديني تعليم کان علاوه بہ ڪيترئي معلومات سڪندڙن تائين پهچائي ويندي آهي جنهن ۾ سماجي اسلامي ثقافتي، رياضي، صحت و صفائي ۽ ٻارن جي پرورش بابت گهڻي معلومات ڏني آهي هتان جي عورتن جي تنظيم جي اين ايس ڪيترائي ڪم ڪري رهي آهي مثلا ميٽنگ ڪرڻ سينٽر جي مسئلن کي حل ڪرڻ، والدين سان ملڻ ، مختلف پروگرام ڪرڻ جيئن ميلادالنبي جا وڏا وڏا پروگرام ڪرڻ نيشنل ۽ انٽر نيشنل ڏينهن ملهائڻ وغيره شامل آهي.

لرنر، فوزيہ، وليپ، ايس اي ايف، سينٽر بچل چنہ

## ڳوٺ ڪنڊو خان بوزدار

هي ڳوٺ ڀان سيد آباد کان 6 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي ۽ سيوهڻ آفيس کان 39 ڪلو ميٽر تي آباد آهي هن جي آبادي 657 ۽ 190 گهر آهن. هي ڳوٺ هندستان ۽ پاڪستان جي ورهاست کان اڳ آباد ٿيل آهي.هن ڳوٺ تي ڪنڊو خان بوزدار جو نالو تڏهن پيو جڏهن هن ڳوٺ ۾ ڪنڊو خان نالي هڪ نيڪ مرد ۽ برد بار شخص جنم ورتو ۽ اڳتي هلي ان مرد پنهنجي بردباري ۽ چڱ مڙسي ڪي پاڻ مڃرايو تہ سڀني ڳوٺ وارن گڏجي هن ڳوٺ تي ان جو نالو يعني ڪنڊو خان بوزدار رکيو.هن ڳوٺ جي مادري زبان بلوچي آهي.هتي بوائز ۽ گرلس پرائمري اسڪلو موجود آهي هتي هڪ پيٽرول پمپ بہ موجود آهي.هتان جا 25 سيڪڙو ماڻهو نوڪرين ۾ آهن.باقي 75 فيصد ماڻهو هارپو ۽ مزدوري ڪن ٿا. هتي پڪي روڊ ۽ واٽر سپلاءِ جي سهولت پڻ موجود آهي.هتي بہ مسجدون بہ آهن. هن ڳوٺ ۾ عورتن جي تنظيم پڻ ٺهيل آهي جيڪا ڳوٺ ناري سنگت جي نالي سان آهي هي تنظيم جون ميمبرس اڪثر ڪري ٽيچر سان گڏجي ڪم ڪنديون آهن. هن سينٽر ۾ ٽيم سان گڏ ننڍا وڏا پروگرام ڪيا آهن. هن سينٽر جي ڪري WLEP ٽيچر ۽ GNS عورتن ۾ تعليم جو شعور وڌيڪ جاڳيو آهي.هو پنهنجي ۽ ٻارن جي تعليم تي ڌيان ڏيڻ لڳيون آهن پنهنجو ۽ پنهنجي گهروارن جي صحت صفائي ڏانهن بہ وڌيڪ توجهہ ڏيڻ لڳيون آهن.اڃان بہ وڌيڪ هن ڳوٺ ۾ صحت جي حوالي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ٽيچر، بختاور، وليپ، ايس اي ايف، سينٽر

ڳوٺ ڪنڊوخان بوزدار، سيوهڻ

## استاد هڪ بادشاهہ آهي



مغل بادشاهہ شاهجان پنهنجي ئي پٽ اورنگزيب جي هٿان معزول ٿي آگره جي هڪڙي ننڍڙي ڪوٺي ۾ قيد هو، ڪيس پنهنجي مويي پٽ دارالشڪوهہ جي قلم ٿيل سِسي سوغات ۾ ملڻ وارو غم بہ تازو هو. هُو اُنهي جو فقط هڪڙو عڪس آرسي ۾ ڏسي سگهيو پئي اُنهي رنج ، غم ،عذاب ۽ بي وسي جي عالم ۾ اورنگزيب وٽس آيو. هن شاهجان کان پڇيو تہ هن قيد ۾ ساڻس ڇا گهربل آهي شاهجان وراڻيو تہ، هاڻ تون مون کي ڇا ٿو ڏئي سگهين. مون کي بس ايتري اجازت ڏي تہ هن قيد خاني ۾ آئون وقت گذاري لاءِ هتان جي سپاهين جي ٻارن کي پڙهائي سگهان اورنگزيب ٺهڪ ڏئي چيو تہ تو سان ايترو ڪجهہ ٿيو تہ بہ بادشاهي سوچ وئي ڪونہ. اُستاد ٿيڻ ٿو چاهين اڃان حڪومت ڪرڻ ٿو چاهين. حقيقت اُها آهي تہ آستاد هڪ بادشاهي پيشو آهي پر اسان جي معاشري مان هن بادشاهي پيشي جي ڏينهون ڏينهن اهميت ختم ٿيندي ٿي وڃي. اسان هڪ صحتمند معاشري ۾ رهڻ جي خواهش رکون ٿا پر هن معاشري کي صحتمند بڻائڻ واري سڀ کان اهم جز کي ناڪارا بڻائڻ ۾ رُڌل آهيون هڪ اُستاد جنهن جي هٿ ۾ اسان پنهنجي ملڪ جو مسقبل ٻارن جي صورت ۾ سونپيون ٿا تہ هو اڄ جي ٻار کي سڀاڻي جا ڊاڪٽر ، انجنيئر ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر وغيره بڻائڻ جي قابل ڪندو پر اُستاد بڻائڻ جي لاءِ ڪڏهن بہ نہ سوچيو آهي . اُستاد اسان جي معاشري جو اهڙو ڪردار آهي جنهن کي اسان پنهنجو مسقبل تہ ڏئي سگهون ٿا پر اُن جهڙو ڪو بہ نہ ٿو ٿيڻ چاهي ڇو جو اُهو ڪردار پنهنجي اصل شڪل وڃائي ويٺو آهي. ٻنهي جهانن جا سردار حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جيڪو هن دنيا ۾ سڀني جو اُستاد بہ آهي جنهن اسان کي قرآن پاڪ ۽ حڪمت جي تعليم ڏيڻ کان اڳ ۾ پنهنجي ڪردار سان انسانذات جي تربيت ڪئي ڇاڪاڻ تہ اُستاد جو ڪم نہ صرف ڪتاب پڙهائڻ آهي پر ٻار جي تعليم سان گڏوگڏ تربيت ڪرڻ بہ آهي تہ هو جيئن سڀاڻي پنهنجي ملڪ ۽ هن معاشري لاءِ با ڪردار شهري بڻجي سگهن.ڇاڪاڻ تہ سٺو انسان ئي سٺو ڊاڪٽر، انجيئر، ڪمپيوٽر آپريٽر سان گڏوگڏ بهترين اُستاد بہ بڻجي سگهي. جيڪو اُستاد نبين جي پيشي سان غداري ڪري ٿو اصل ۾ هو ملڪ ۽ قوم سان غداري ڪري ٿو. بحيثيت تعليمدان جي اسان کي گهرجي تہ اسان اُستاد جي چونڊ ڪرڻ وقت پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي بهترين مفاد کي سامهون رکون ڇاڪاڻ تہ هن وقت اسانجي ملڪ کي هڪ سٺي اڱواڻ جي ضرورت آهي جيڪا اِها ڪمي هڪ اُستاد ئي پوري ڪري سگهي ٿو.

تمثيلہ ، لاڙڪاڻو



# تعليم بالغان
# (اينڊراگاجي)

نجمہ ملاح، فيلڊ ڪوآرڊينيٽر، ايس اي ايف، سيوهڻ

ارڙهين صدي ۾ جڏهن تعليمِ بالغان مشهور ٿي تہ هي اندازو لڳايو ويو تہ جيڪي طريقيڪار ۽ مهارتون ٻارن کي پڙهائڻ جي لاءِ استعمال ڪيون وينديون آهن يعني Pedagogy جيڪو لاطيني زبان جو لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي ٻارن جي رهنمائي ڪرڻ، تنهن ڪانپوءِ اهو محسوس ڪيو ويو تہ اهي مهارتون يا طريقيڪار جيڪي ٻارن لاءِ آهن سي وڏن تي بہ لاڳو ٿي سگهن ٿيون، جنهن ڪانپوءِ بالغن جي تعليم ڏانهن توجهہ ڏني وئي ۽ هن طريقيڪار يا سائنس جو نالو Andragogy تخليق ٿيو جيڪو خالص بالغن ڪي پڙهائڻ جي فن ۽ سائنس جي ترجماني ڪندو آهي، ان سلسلي ۾ :

## ٻارن ۽ وڏن کي پڙهائڻ جي لاءِ بہ الڳ الڳ هيٺيان طريقا ٻڌايا ويا آهن

| Pedagogy ٻارن جي تعليم | Andragogy بالغن جي تعليم |
|---|---|
| استاد ٻڌائيندو آهي تہ ڪڏهن ڪيئن ۽ ڇا ياد ڪيو وڃي ۽ پوءِ امتحان وٺندو آهي تہ ياد ڪيو آهي يانہ | بالغ خود مختيار ۽ خود رهنما هوندا آهن سهولتڪار حوصلاافزائي ڪندي/ ڪندو آهي ۽ پڙهائڻ جي مقصد کي اڳتي وڌائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي آهي |
| تجربو گهٽ هوندو آهي ۽ پڙهائڻ جو طريقو استاد وانگر هوندو آهي | سکڻ جو ذخيرو هوندو آهي ۽ پڙهائڻ جي عمل ۾ ڳالهہ ٻولهہ، بحث مباحثو، تجربن جي ڏي وٺ ۽ مسئلن جا حل شامل هوندا آهن |
| (پڙهڻ جي نصيحت ڪرڻ وارو) | ماڻهون اهي سکندا آهن جيڪو انهن کي ضروري لڳندو آهي يا جيڪو انهن جي ماحول سان واسطو رکندڙ هجي انهيءَ ڳالهہ ۾ اهي پنهنجي دلچسپي ظاهر ڪندا آهن تنهنڪري سکڻ جو هي عمل اسان جي زندگي گذارڻ جي مطابق هوندو آهي |
| ٻار اهي سکندا آهن جيڪي معاشرو انهن مان اميد رکندو آهي، ان لاءِ حڪومت طرفان نصاب هڪ معيار مطابق هوندو آهي | سکڻ جي تجربن جو بنياد انهن تجربن تي هوندو آهي جيڪو انهن جي آس پاس هوندو آهي، ماڻهو پنهجي سکڻ جي عمل ۾ ايستائين محدود هوندا آهن جيستائين سهولتڪار انهن جي رهنمائي ڪري |
| مضمونن جي مواد جي ورهاست نصاب جي مضمونن کي ڏسي ڪري ترتيب ڏني ويندي آهي | بالغ پنهنجي مرضي ۽ ماحول مطابق پڙهڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا آهن |
| ٻارن کي استاد پنهنجي مرضي ۽ مزاج مطابق پڙهائي ٿو. | |

## بالغن جي پڙهائڻ جا اصول

هڪ اثراتي سکيا ڪار هئڻ جي ناتي هو ان ڳالهہ جي پوري سمجهہ رکندڙ هجي تہ بالغ بحيثت سکندڙ ڪهڙي طرح سان سنو سمجهي سگهن ٿيون. ننڍن ننڍن ٻارن ۽ وڏي عمر جي ڇوڪرين جي پيٽ ۾ بالغن جي تعليم ۽ تربيت جي حوالي سان مخصوص ضرورتون هونديون آهن. ظاهري صورتحال جي خلاف تعليم بالغان ڪنهن حد تائين تعليم ۽ سکيا جو هڪ نئو شعبو آهي. تعليم بالغان جي شعبي جو بنياد ميلڪم نوويلز (Malcolm Knowles) رکيو هو. ان کي بالغ سکندڙ، هيٺين خاصيتن سان ڀرپور لڳا. بالغ طبعيتن خود مختيار هوندا آهن ۽ هو پنهنجي مرضي مطابق هلڻ وارا هوندا آهن اهي چاهيندا آهن تہ هو پنهنجي مرضي مطابق پاڻ کي هدايتون ڏيندا رهن. انهن جي سهولتڪارن کي گهرجي تہ هو انهن کي تعليم ۽ تربيت جي عمل ۾ شامل رکن ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن جي سهولتڪار جي حيثيت سان پيش ڪن، تہ جيئن سکندڙ پاڻ کي اوپرو نہ سمجهن ۽ سکيا جي عمل ۾ ڪنهن

بہ قسم جي شرمندگي يا حجاب محسوس نہ ڪن. خاص طور سهولتڪار کي گهرجي تہ سڪندڙن جي مرضي مطابق ۽ انهن جي ماحول سان واسطو رکندڙ شين بابت انهن کي ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري تہ ڪنهن ڪنهن مضمون کي پڙهائڻ گهرجي ۽ انهن مضمونن جي ڄاڻ ڏيڻ کان پاسو ڪري جيڪي موضوع انهن کي فائدو نہ ٿا ڏئي سگهن. انهن کي گهرجي تہ هو سڪندڙ کي اجازت ڏين تہ انهن مان ڪهڙو (پريزينٽيشن) جي ڪارڪرگي ڏيڻ جي ذميواري سڀاليندو ۽ انهن کي پنهنجو گروپ ليڊر چونڊڻ جي بہ آزادي هجي. سهولتڪار ۾ هڪ اها بهترين خوبي هئڻ گهرجي تہ هو پنهنجو پاڻ کي وڏن (بالغن) سڪندڙن جي استاد ظاهر نہ ڪري بلڪي پاڻ کي سڪندڙن جي رهبر طور پيش ڪري.

بالغن وٽ پنهنجي عمر، گهرو، ذميوارين ۽ ٻين معاملن جو تجربو هوندو آهي، جنهن کي هو پنهنجي زندگيءَ جي معاملن ۾ ڪم آڻين ٿيون. ضرورت فقط ان ڳالهہ جي آهي تہ گڏيل تجربن ۽ موجوده تعليم ۽ تربيت کي گڏي هلائجي ان ڪري سهولتڪار کي گهرجي تہ هو پنهنجي ۽ انهن جي تجربن ۽ ضرورتن جي حوالي سان انهن کي تعليم ۽ تربيت ڏئي.

## بالغ سڪندڙ جي سوچ عام طور تي بامقصد هوندي آهي

سهولتڪارن کي ان ڳالهہ لاءِ سوچڻ گهرجي تہ بالغ پنهنجي لاءِ اهي شيون پسند ڪنديون آهن، جيڪي ان سان واسطو رکندڙ هجن؛ جهڙي طرح هرماڻهو عزت گهري ٿوبالغ سڪندڙ بہ پنهنجي لاءِ عزت چاهين ٿيون ۽ انهن کي انهن جي تجربن جي حوالي سان پنهنجي برابر سمجهڻ گهرجي ۽ سکيا مرڪز ۾ انهن کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جي پوري آزادي هئڻ گهرجي هن طريقي سان سڪندڙن کي پنهنجي سهولتڪارن کان سوال پڇڻ ۽ ڪنهن کي جوابن ڏيڻ ۾ آساني ٿيندي.

## بالغن جي تعليم جي ڪاميابي جا بنيادي نقطا

1. مقامي ڳوٺاڻي بنيادن تي ٻڌل سکيا :
   - پروگرام ۾ ڳوٺاڻن جي ڀرپور شموليت
   - مقامي يا موجود سهولتون يا ذريعن جو استعمال
   - مقامي ڳوٺ ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي تعليم سان ڳنڍڻ
   - تعليمي پروگرام ۾ ڳوٺاڻن جي ڀرپور شموليت
2. سڪندڙن جي دلچسپي تحت مواد تيار ڪرڻ
   - مقامي مسئلا سڪندڙن جا ذاتي تجربا
   - ڳوٺ جي تاريخ
   - ڳوٺ جون ريتون رسمون
   - انهن جي دلچسپي جا سبق
   - اهي سڀ سڪندڙن کي پڙهڻ، لکڻ يا سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا وڏن جا قصا ڪتابن جي ڄاڻ اخبار يا وري ٻيو اهڙو مواد جيڪو انهن جي دلچسپي کي برقرار رکي.
3. مقامي ڳوٺاڻن جون ريتون، رسمون، رواج يا ثقافتي سرگرميون
   - ثقافتي سرگرميون ، هنر ، ادب، شاعري، لوڪ قصا
4. سرگرمين دوران سکيا
   - ڏينهن ملهائڻ ، ننڍا ننڍا پروگرام يا ڳڏجاڻيون ڪرڻ
   - سڪندڙن جي دلچسپي وٽان رانديون ڪرائڻ
   - سڪندڙن جا پنهنجا ذاتي تجربا
   - مختلف اهڙيون سرگرميون جنهن ۾ سڪندڙ دلچسپي وٺن
5. سهولتڪار جو سڪندڙن سان تعلق
   - سهولتڪار کي سڪندڙن سان گڏجي سکيا جي عمل ۾ هلڻ
   - سهولتڪار سڪندڙن جي ڏنل راءِ يا ڳالهہ کي وزن ڏيڻ
   - سهولتڪار اهڙو ماحول پيدا ڪري جيئن سکيا وٺندڙ جي شعور ۽ سوچ ۾ تبديلي پيدا ٿئي
6. مقامي ڳوٺاڻين وڏي عمر جي عورتن کي مرڪز ۾ شامل ڪرڻ
   - چونڊيل عورت ڪائونسلر کي گهرائڻ
   - ڳوٺ جي وڏين عورتن کي سکيا مرڪز ۾ دعوت ڏيڻ
   - مقامي طور تي ڄاڻ واري عورت يا جنهن عورت وٽ مخصوص قسم جا هنر جنهن سان سکيا مرڪز ۾ نيون شيون شامل ٿين
7. وڏ کان وڏ سڪندڙن جي شموليت ڪرڻ
   - گڏيل بحث ڪرائڻ
   - سڪندڙن جي مرضي مطابق مرڪز جو وقت مقرر ڪرڻ
   - شروعات سڪندڙن جي مرضيءَ مطابق ڪيو ۽ پوءِ گڏيل سرگرميون تيار ڪريو
   - سکيا مرڪز ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي گڏيل طور حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو
   - سڪندڙن جي دلچسپيءَ مطابق مواد تيار ڪريو
   - سيني سڪندڙن جي گڏيل صلاحڪار ڪاميٽي ناهيو جيئن (جي اين ايس)
   - هنر جا نهيل ثقافتي نمونہ مرڪز ۾ لڳايو
8. اهڙو نصاب جيڪو سڪندڙن سان تعلق رکي
   - جيڪو مواد تيار ڪيو اهو سڪندڙن سان تعلق رکي
   - سڪندڙ پنهنجا خيال ۽ تجربا مرڪز ۾ سيني سان ونڊي سگهن ٿا، جنهن کي تعليم سان ڳنڍي تعلق پيدا ڪري سگهجي ٿو
9. سڪندڙن جي حوصلہ افزائي
   - سڪندڙن جي وقت جو خيال رکڻ
   - سڪندڙن جي گهر ۽ خاندان جو خيال رکڻ
   - سڪندڙن جي ڪيل ڪم جي تعريف ڪرڻ
   - سڪندڙن کي گهر ۾ تعليمي سرگرميون پيدا ڪرڻ لاءِ ان جي همت افزائي ڪرڻ
10. مقابلي بازي يا طبقاتي روين کي نظر انداز ڪرڻ
    - سکيا مرڪز ۾ سڪندڙن طرفان ڪيل ڪم ۾ مقابلي بازي کان پاسو ڪرڻ
    - گڏيل سرگرمين تي زور ڏيڻ
    - هميشه بهتري لاءِ قدم کڻڻ
11. سکڻ ۽ سيکارڻ کي تحقيقي طور تي استعمال ڪرڻ
    - مرڪز ۾ سيني کي ڳالهائڻ ۽ پنهنجي راءِ ڏيڻ جو پورو پورو

اختيار ڏيڻ

- مقامي ريتن رسمن جو خيال ڪرڻ

12. غير رسمي هدايت ڏيڻ

- سکيا ڏيندڙ استاد نہ پر سهولتڪار جو ڪردار ادا ڪري
- سکيا ڏيندڙ هميشہ سکندڙن جي مدد ڪري
- دوستاڻو يا پنهنجائپ وارو ماحول پيدا ڪري

## بالغن ڪي سکيا مرڪز تائين اچڻ جي لاءِ ڪيئن آما ده ڪجي ؟

تعليم وتربيت جو هڪ ٻيو رخ آما دگي بہ آهي جنهن جا گهڻ ۾ گهڻ ڇهہ اهڙا حصا آهن، جيڪي بالغن ڪي تعليم وتربيت جي لاءِ آماده ڪري سگهن ٿا، جيڪي هيٺيان آهن:

1. سما جي تعلقات : هن سان نوان دوست ٺاهي سگهجن ٿا ۽ تنظيمن جي ضرورتن ڪي پورو ڪري سگهجي ٿو
2. ٻا هريون اميدو ن : ڪنهن ڪان هدايتون ميرائڻ جي لاءِ توهان جيتري قدر بہ ٿي سگهي ٻين جون اميدون پوريون ڪريو
3. سماجي ڀلائي : سماجي ڪمن ۾ پنهنجي اهليت ۽ تجربو وڌائڻ جي لاءِ ماڻهن جي سماجي خدمت ڪرڻ جي لاءِ تيار رهو.
4. تازو توانو هئڻ : جڏهن ڪم ڪندي توهان ٿڪجي پئو تہ ڪجهہ دير آرام ڪريو ۽ پنهنجي ڪم ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ تبديلي آڻيو .
5. ذ ا تي ڪوششون ونڻ : دنيا ۾ پنهنجو مقام بنائڻ جي لاءِ پنهنجي پيشي ۾ ترقي ڪرڻ ۽ وڌيڪ ترقي ڪرڻ جي لاءِ وڌيڪ ڪوششون جاري رکڻ .
6. معلومات ۾ دلچسپي : پنهنجي عام معلومات ۾ واڌاري جي لاءِ ۽ پنهنجي عملي اڄ اجهائڻ جي لاءِ تعليم وتربيت حاصل ڪرڻ.

### احساس محرمي:

رب پاڪ هر انسان ڪي هڪ جهڙو خلقيو آهي ۽ هڪجهڙا عضوا ۽حواس ڏنا آهن . ائين هر گز نہ آهي تہ دولتمندءِ امير جي گهر ۾ جيڪو ٻارپيدا ٿئي ٿوان ڪي اعليٰ ۽ عمدي قسم جا عضوا ڏنا اٿس ۽ ڪو خاص قسم جو اوچو رت هن جي جسم ۾ گردش ڪري ٿو.جيڪو غريب جي رت ڪان مختلف ۽ مها نگو آهي غريب جي ٻار ڪي هلڪي ۽ هيٺين درجي جا عضوا ۽ ڇدو رت ڏنو اٿس . قدرت جي هي هڪ خاص حڪمت ۽ انصاف جي وڏي نشاني آهي تہ جنهن ۽ جهڙي طريقيڪار تحت امير جي زال ٻار جمي ٿو غريب جي زال ڪي پڻ ساڳئي طريقي سان ٻار ڄمي ٿو. اصل نقل جو فرق نہ آهي .سيني ڪي هڪ جهڙا هڪ جيترا ئي ساڳيا عضوا عطا ڪيا اٿس ڪنهن جي پيدائش ۾ ڪا خوبي ۽ خاصيت سندس رتبي ۽ درجي مطابق هر گز نہ رکي آهي . ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو آهي تہ غريب ڪان غريب عورت ڪي تمام حسين ۽ خوبصورت ٻار ڄمي ٿو . ان جي برعڪس مالدار ۽ دولتمند عورت ڪي ڪارو ڪوجهو ۽ معمولي شڪل صورت جو ٻار ڄمي ٿو . يا ڪن ٻارن ڪي پيدائشي نقص ۽ عيب پڻ هوندو آهي. اهڙي صورت ۾ سواءِ رب پاڪ جي رضا تي راضي رهڻ ۽ هر حال ۾ شڪر صبر ڪرڻ جي ڪو ٻيو چارو نہ آهي . رب پاڪ ڪنهن سان زيادتي ۽ ناانصافي هر گز نہ ڪندو آهي. هڪ عيب ڏيندو آهي تہ ان جو ازالو نعمت عطا ڪري ڏيندو آهي . اکين جي ديد (نظر) گهٽ هوندي آهي يا نابين هئڻ جي صورت ۾ دماغي طاقت جي صلاحيت تمام تيز ڪري ڏيندو آهي . تاريخ ۾ اهڙا ڪوڙ مثال موجود آهن تہ دنيا جي مختلف معذور ماڻهن وڏا وڏا ڪارناما سر انجام ڏئي نالو ڪمايو آهي .هو ڪنهن بہ وقت پنهنجي عيب يا معذ وري سبب احسا س ڪمتري ۾ مبتلا ٿي چپ ڪري نہ ويٺا .مسلسل محنت جد و جهد ۽ ڪوشش ڪرڻ جو ڦل ۽ بهتر نتيجو رب پاڪ هنن ڪي ڪاميابين ۽ ڪامراني جي صورت ۾ عطا ڪيو اڪثر ماڻهن۾ ٻن قسمن جو احساس هوندو آهي هڪ ڪي احساس ڪمتري ۽ ٻئي ڪي احساس برتري چئبو آهي.

### احساس ڪمتري:

هنن ماڻهن جي سوچ اها هوندي آهي تہ رڳو اسان ڪي ساراهيو وڃي۽ هو پنهنجي ذات ڪي واضع ڪرڻ لاءِ ۽ ٻين جي توجهہ حاصل ڪرڻ جي لاءِ عجيب غريب حرڪتون ڪري پنهنجي ذات ڪي نمايان ڪرڻ جي ڀر پور ڪوشش ڪندا رهندا آهن تہ جيئن ٻين جي توجهہ پاڻ ڏانهن ڇڪرائين انهي جي لاءِ هوٻين سان ناانصافي، ڪند ا آهن ياوري ٻين ڪي گهٽ سمجهند ا آهن ۽ پنهنجي محرومين جو بدلو ٻين ڪان وٺند ا آهن.ان ٽائيم ۾ هو ناجائز ڪمن ڪي بہ جائز سمجهندا‌آهن مثال طور؛ طنزڪرڻ، جهيڙو ڪرڻ، وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ وغيره وقت جي بد لجندڙ حالتن مشڪلاتن تڪليفن ڪي منهن ڏيڻ انسان جو ئي ڪم آهي پريشانين ڪي پنهنجي مٿان سوار ڪري پاڻ ڪي ناڪام ۽ بي همت سمجهي ۽ پاڻ ڪي ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جي لائق نہ سمجهي عملي قدم نہ کڻڻ وارا ماڻهو احساس ڪمتري ۾ مبتلا هوندا آهن

### احسا س برتري:

احساس برتري هڪ ذهني منفي سوچ جو رد عمل آهي هرو ڀرو پاڻ ڪي وڏو ماڻهو سمجهڻ يا ٻين آڏو وڏيون ۽ اعتبار۾ نہ ا چڻ واريون دعوائون ڪرڻ ۾ سنڌي جي هن پهاڪي وانگر تہ گهر ۾ پيا دلا سکن ۽ ٻاهر لڪ جي لئہ ۽ اهو تاثر ڏيڻ تہ مان ڪا شي آهيان. ڪنهن وڏيري، رئيس پير مشير پاڻ سان گڏ ويهاريو تہ اهو سمجهڻ تہ مان بہ هن جي برابر آهيان پر اگر ڏٺو وڃي تہ احسا س برتري اها هڪ خوبي آهي جيڪا انسان جي ظاهري نہ پر باطني خوبين ۽ چڱائين ڪي اجاگر ڪري ٿي، چاهي اهي اخلاقي هجن سماجي هجن مذهبي هجن يا معاشرتي هجن انهن سڀني جو تعلق انسان جي اندر جي خوبين سا ن آهي جيڪي وقت اچڻ تي انسان جي قول و فعل جي شڪل ۾ جاٽي واٽي يا اٽڪاٽائي ۾ ظاهر ٿي وڃن ٿيون. مردن جي مقابلي ۾ عورتن ۾ ٻئي احساس وڌيڪ هوندا آهن. احساس ڪمتري جو بنياد حسد، ساڙ، تعصب جي بنياد تي ٻُڌل هوندو آهي. ٻي ماڻهو ڪي خوشحال سکيو ستابو ڏسڻ گهڻن ماڻهن ڪان برداشت نہ ٿيندو آهي. رب پاڪ طرفان حاسد ۽ ساڙ واري ماڻهن لاءِ اها سزا تجويز ڪئي وئي آهي تہ هو اندر ئي اندر ۾ ۾ پيو رجهندو ڳرندو ۽ پچندو رهندو۽ هن جون ڪمايل نيڪيون باھ ۾ ڪاٺين وانگر سڙي ختم ٿي وينديون آهن. اڳتي وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿي وينديون آهن.صالح ۽ سٺي ماڻهو جي خوبي هيءَ آهي تہ ٻين ڪي خوش ڏسي پاڻ بہ دل سان خوش ٿئي ۽ رب پاڪ ڪان پنهنجي خوشحالي ۽ بهتري جي لاءِ دعاڳو ٿئي . اسلام اهڙو دستور حيات آهي جنهن ۾ حسد، ساڙ ۽ ڪيني ڪي مڪروھ قرار ڏئي قرآن مجيد ۾ آيت فرمايل آهي جنهن جو مفهوم هي آهي تہ آئون الله پاڪ جي پناھ گهران ٿو حسد ڪرڻ واري ڪان. حسد ڪرڻ واري انسان جي ڀرين نيت ۾ فرق ايندو آهي ۽ هر اعمال جو دارو مدار نيت تي هوندو آهي. احساس ڪمتري لا علاج مرض نہ آهي. صرف پنهنجي سوچ ڪي صحيح ۽ مثبت رکڻو آهي. پنهنجو پاڻ تي اعتماد ۽ ڀروسو رکجي پنهنجي لڪيل صلاحيتن ڪي ٻاهر آڻڻ جي ڪوشش ڪجي توهان جو ارادو ۽ نيت نيڪ آهي تہ دنيا جي پر واھ نہ ڪريو تہ دنيا ڇا چوندي . رب پاڪ ڪي پنهنجا سڀ ٻانها هڪ جيترا پيارا آهن محنت توهان ڪريو نتيجو ۽ انجام رب پاڪ حوالي ڪري ڇڏيو . شاھ عبد اللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ احساس ڪمتري ۾ هيٺن انسانن لاءِ هن بيت ۾ فرمايو آهي

> ليلائي مَ لهين تان پڻ ليلائج      آسروم لاهيج سڄڻ سٻاجهو گهڻو

پنهنجي طرز زندگي جي تر بيت ۽ ترڪيب تيار ڪري ان مطابق هلو. هر برائي جو انجام برو ۽ هر سنائي جو نتيجو هميشہ سنو نڪرندو آهي . هر انسان جي اندر ۾ انصاف وارو قاضي موجود آهي جيڪو فيصلو ٻڌائيندو آهي.

# با حوصلہ ۽ باصلاحيت فرد سماج کي سُڌارڻ عبادت سمجهن ٿا



با صلاحيت ۽ حوصلہ مند ماڻهن جو ذکر ان کري بہ کيو ويندو آهي تہ ان سان ٻڌڻ وارن کي اتساهہ پيدا ٿيندو آهي نئون جوش ۽ ولولو پيدا ٿيندو آهي تہ هيتري ڏکيائن باوجود انسان همت جو دامن نہ ڇڏي ۽ مسلسل محنت کري تہ ان کي الله سائين بہ پسند کندو آهي ۽ معاشرو پڻ ان کي هميشہ لاءِ ياد رکندو آهي ۽ عزت جو مقام ڏيندو آهي. اسان جو هي معاشرو اهڙن انيک انسانن سان ڀريو پيو آهي جيکي پنهنجي اندر همٿ ۽ حوصلي کي پنهنجي ڪمزورين باوجود قائم رکيو وينا آهن اهي ماڻهو ڳٽڻي ۾ پيل ۽ مايوس ٿيل ماڻهن لاءِ هک ڏيئي مثل آهن جن جي حياتي ۽ جدوجهد جو ٻڌي پاڻ ۾ همٿ، بردباري ۽ حوصلو پيدا ٿيندو ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ ذهن تيار ٿيندو آهي. اهڙا حوصلہ مند فرد اسان جي آس پاس ئي موجود هوندا آهن اهڙو ئي ذکر طاهره ڌي عبدالله (مرحوم) جو پيش کجي ٿو پاڻ ذات جي ابڙو، سنڌ ايجوکيشن فائونڊيشن جي هلندڙ ارلي لرننگ پروگرام ۾ بحيثيت استاد جي پنهنجو فرض نڀائي رهي آهي پاڻ ٽنڊو غلام علي ضلعو بدين جي رهواسڻ آهي. طاهره ننڍپڻ ۾ ئي چمڙي جي موضي مرض ۾ مبتلا ٿي وئي کافي علاج کراڻ کانپوءِ ان مرض مان نجات حاصل کيائين. جڏهن وڏي ٿي تہ کيس هک ٻئي موذي مرض اچي وکوڙيو کيس کيلشيم جي گهٽتائي واري بيماري ٿي پئي. غريب هجڻ کري کين ٽن ويلن جي ماني بہ وڏي مشکل سان نصيب ٿيندي هئي سو هن بيماري جو علاج کرائڻ سندن لاءِ تمام گهٽو ڏکيو هو. پر سندس حوصلي ۽ همٿ اڳيان هي بيماري کيس اڳتي وڌڻ کان روکي نہ سگهي هو پنهنجي محنت سان ٻارنهن درجہ پاس کري ويئي توڙي هن بيماري جي کري سندس ٽنگن جي فريکچر جا چار آپريشن ٿيا جنهن ۾ ڊاکٽرن ۽ سندن عزيزن کيس ڀرپور مدد کئي جن لاءِ هو دعاگو آهي. هو پوءِ بہ الله ۽ اسٽک جي سهاري اسکول ۽ پوءِ کاليج تائين پڙهي. سندس پسنديده شخصيت حضرت محمد ﷺ آهي ۽ سندس خواهش آهي تہ هو مکي ۽ مديني جي زيارت کري ۽ اتان کيس شفا نصيب ٿئي سندس مشغلا کتاب پڙهڻ ۽ نعتون پڙهڻ آهي سندس پسنديده شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف رحمت الله عليہ ۽ پروين شاکر آهي . توڙي جو پاڻ هاڻي بہ اسٽک جي سهاري هلندي آهي سندس سٺي تعليم جي کري ئي اڄ هو فائونڊيشن جي ارلي لرننگ پروگرام ۾ بحيثيت استاد جي پڙهائي رهي آهي سندس خواش آهي تہ سنڌ مان کاپي ۽ ٽيوشن کلچر جو خاتمو اچي ۽ سنڌ جا سيئي ٻار پڙهي لکي پون. هن جي فائونڊيشن جي لاءِ اها صلاح آهي تہ فائونڊيشن اسپيشل ٽيچرز کي اوليت ڏئي اسکولن ۾ ڀرتي کري ۽ سندن الائونس بہ وڌايا وڃن. هن چيو تہ مان معذوري باوجود هن پيغمبري پيشي جي کري عزت واري زندگي گذاريان پئي کنهن جي اڳيان محتاج ناهيان ۽ چاهيان ٿي ۽ پنهنجي گهر جو گذران اڃا بهتر انداز سان کري سگهان. هن جو پيغام آهي تہ جسماني معذور جي کري همٿ نہ هارجي بلک محنت کري پڙهي لکي اڳتي وڌجي ۽ عزت واري زندگي گذارجي.

# خوابن جي ناو ۾ ساپيائن جا بادبان

نيٺ تہ منهنجو خواب ساپيان ٿيندو: هي لفظ ٽنڊي محمد خان جي گورنمينٽ پرائمري اسکول چاکر خان جهاري ۾ اِي ايل پي جي ليڊ ٽيچر جا آهن. جنهن اسکول ۾ اختر حسين پڙهائي رهيو آهي سو سندس رهائش کان 3 کلوميٽر جي مفاصلي تي جتان هو روزانو پنڌ کري پنهنجي مقرر ٽائيم تي اسکول پهچندو آهي 2011ع ۾ کلاس روم سپورٽ وزٽ دوران اِي ايل پي حيدرآباد جي ٽيم جڏهن کلاس جي معائني لاءِ کلاس اندر داخل ٿي کلاس روم تمام سهڻي انداز سان سينگاريل هو ٻارن جي هٿ سان ٺهيل مٽيءَ جا رانديکا بهتر انداز ۾ رکيل هئا پنڌي پيل هن ڳوٺ جي ٻارن جي تعليم لاءِ اختر حسين تمام گهڻي محنت کئي آهي. خاص کري ڇوکرين لاءِ هن جي محنت کري ڳوٺ جا ٻار کافي هوشيار لڳي رهيا هئا هک ٻارڙو جيکو ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ کان پڻ محروم هيو، اختر حسين جي پيار، شفقت ۽ توجهہ سبب اهو ٻار اشارن جي مدد سان اي بي سي ٻڌائي رهيو هو. اختر حسين جي خواهش آهي تہ سندس اسکول ٽنڊو محمد خان جي 30 اِي ايل پي اسکولن ۾ پهرين نمبر تي اچي ۽ ماڊل اسکول ٿئي. هاڻي اختر حسين جو خواب ساپيان ٿيو نومبر ۽ ڊسمبر 2011 ۾ ٻيهر کلاس روم سپورٽ وزٽ شروع ٿيو انهي دوران ٽيچرس کي پگهارون پڻ ڏنيون ويون ان لاءِ ٽنڊي محمد خان شهر جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسکول ۾ سڀني استادن کي گهرايو ويو. ان دوران اِي ايل پي جو مئنيجر جناب مشتاق احمد سومرو بہ موجود هو جنهن اِي ايل پي ٽيم ۽ سڀني استادن کان پڇيو تہ اوهان ٻڌايو تہ کير بهترين ٽيچر آهي تہ اڌ کان مٿي استادن هم آواز ٿي چيو تہ سائين اختر حسين ان تي اِي ايل پي کيس مبارک ڏني ۽ کيس چيائين تہ ائين محنت کندو رهجان ۽ کيس بهترين استاد جو ايوارڊ مليو ۽ اختر حسين چيو تہ اڄ منهنجو خواب ساپيان ٿيو آهي.

عبدالمجيد پروگرام آفيسر اِي ايل پي حيدرآباد

# وساريا نہ وسرن

## محمّد عيسيٰ جوکيو : نياڻين جي تعليم لاءِ لوچيندڙ شخصيت

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن 19 اپريل 1999 کان ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪولن جي رٿا جي شروعات ڪئي تڏهن کان ٻهراڙين ۾ پنهنجي ڳوٺن لاءِ اونو رکندڙ اتي ۾ لوڻ برابر ساٿين کي ڪم جو موقعو مليو، هن رٿا سان نہ رڳو ڳوٺ ۾ اسڪول کليو ٻارن جي پڙهائي شروع ٿي انهيءَ سان گڏوگڏ ڳوٺ رهواسين ۽ استاد تي ٻڌل هڪ تنظيم جوڙي وئي جنهن جو نالو ڳوٺاڻي تعليمي ڪميٽي (وي اي سي) رکيو ويو. جنهن اڳيان هلي هڪ مضبوط سٿ اختيار ڪئي. بد قسمتي سان انهن مان ڪجهہ پيارا، مخلص ۽ هن سٿ جا روح روان ساٿي اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويا. سندن اهو وڇوڙو ڳوٺ جي مهيار جوکيو، خوشبو ڪميونٽي اسڪول لاءِ بيحد ڏک ۽ افسوس جو سبب بڻيو سندن اسڪول ۽ ڳوٺ لاءِ ڪيل خدمتون ڪڏهن بہ وساري نہ سگهبيون اهو آهي خوشبو ڪميونٽي سپورٽيڊ اسڪول ملير جي وي اِي سي چيئرپرسن جناب محمّد عيسيٰ جوکيو جيڪو اسان کان 8 آگسٽ 2012 تي هن فاني دنيا مان موڪلائي پنهنجي خالقِ حقيقي سان مليو. پاڻ پنهنجي مصروفيتن جي باوجود، سهولتن جي اڻهوند ۽ ڏکين حالتن ۾ بہ پنهنجي حصي جو ڪم انتهائي ذميواري سان پورو ڪندو هو. سندس چيل لفظ (تعليم جي لاٽ روشني جي واٽ) ۽ سندن ڪيل خدمتون جنهن سان هن ڳوٺ جون 20 ڇوڪريون مڊل ۽ 8 ڇوڪريون ميٽرڪ پاس ڪري چڪيون آهن. جن مان ڪي اڄ بہ ساڳي اسڪول ۾ استاد جي حثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن. خوشبو ڪميونٽي اسڪول جي پوري ٽيم، وي اي سي حاجي مهيار جوکيو، سي ڊي اين ملير ۽ حاجي مهيار جوکيو ڳوٺ جا راهواسي اڄ بہ کين پنهنجي هن سٿ جو حصو سمجهون ٿا.

سڪينہ مهتاب ميمڻ، پرنسپال:
خوشبوڪميونٽي اسڪول، ملير، ڪراچي

## هوءَ جيڪا سُلڇڻي ۽ سياڻي جي دل گهري هئي

فهميدا ٽيئن ڪلاس جي شاگرداڻي هئي جيڪا هن وقت دنيا ۾ موجود نہ آهي. فهميدا 14 آگسٽ 2011ع تي لاڏاڻو ڪري وئي. هو تمام گهڻي ذهين ۽ هوشيار ڇوڪري هئي. هن ٽئين ڪلاس جو امتحان 28 اپريل 2011ع ۾ ڏنو جنهن ۾ هن پنهنجي ڪلاس ۾ اي گريڊ ۾ پاس ٿي. فهميدا پنهنجي ڪلاس ۾ سڀني ڇوڪرين کان الڳ ۽ مختلف هوندي هئي. سيرت، ڪردار ۽ لباس ۾ سادگي هيس. هن جي چهري تي هڪ خواهش ۽ اکين ۾ هڪ خواب هيو جيڪو پورو ٿي نہ سگهيون ۽ اهو تعليم حاصل ڪرڻ هو. فهميده تمام غريب ڇوڪري هئي پر ان جو اخلاق تمام سٺو هو اسڪول ۾ هر ڪنهن سان سٺو رويو هوندو هئس. ٽيچرز جي تمام گهڻي عزت ڪندي هئي جڻ تہ فهميده کي استادن اسڪول ۾ خواب سمجهي پڙهايو چو تہ انهن کي خبر نہ هئي تہ اهڙي بااخلاق ۽ پڙهڻ سان چاهہ رکڻ واري ڇوڪري ايترو جلد سڀني کان اوجهل ٿي ويندي. هوءَ هئي بہ تہ اهڙي پياري نہ هر سبجيڪٽ ۾ ڌيان ۽ بار بار استادن کان وڌيڪ پڇڻ ۽ موضوعن کي سمجهڻ هن جي بهترين خوبي هئي. انسان هن دنيا ۾ ايندا ويندا آهن پر اهي پنهنجون خصلتن ۽ سٺن ڪمن جو عڪس ڇڏي ويندا آهن ۽ ماڻهو انهن کي ياد رکندا آهن. اهڙي طرح فهميده بہ اسان لاءِ پنهنجي اخلاقي خصلتن جا عڪس ڇڏي وئي آهي هو هوشيار ۽ بااخلاق معصوم ڇوڪري اسان کي هميشہ ياد رهندي.

سيما نواز مهيسر، ٽيچر_مهراڻ پوراچو

# پيبلو نئرودا

سجاد علي

پيدائش : 12 جولاءِ 1904ع چلي، وفات: 23 سيپٽمبر 1973ع

ڪم: شاعري، بايوگرافي، يادگيريون



پيبلو نئرودا جو اصل نالو نفتالي ريڪاردو، پاڻ چلي شهر جو ناليوارو شاعر ۽ سياستدان هو، هن پنهنجو قلمي نالو پنهنجي نوجواني کان رکيو چاڪاڻ تہ هو پنهنجي گهر وارن خصوصي طور تي پنهنجي پيءُ کان سندس شاعري لڪائڻ ٿي چاهي ڇا ڪاڻ جو هن جو پيءُ سخت طبيت جو مالڪ هو هُن چاهيو پئي تہ سندس پٽ عملي طور تي صحيح طريقي سان ڪو ڌنڌو ڌاڙي ڪري. پيبلو سندس اهو نالو زيچ ليڪاري جان نئرودا کان متاثر ٿي رکيو ڇاڪاڻ جو هو سندس لکڻين مان متاثر هو ۽ جڏهن هن لکڻ شروع ڪيو تہ هو تمام گهڻو مقبول ٿيندو ويو سندس ڪتاب انيڪ زبانن ۾ ترجمو ٿيا، هو ويهين صدي جو سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان وڌيڪ اثرائتو شاعر ٿي اڀريو. هن جا شاعري جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ مشهور "20 محبت جا نظم ۽ هڪ تنهائي جو نغمو"، حقيقت پسند نظمون، تاريخي جنگ نامہ يا رزميہ نظمون ۽ کليو سياسي منشور شامل آهن. هن کي 1971ع ۾ لٽريچر جو نوبل پرائيز پڻ مليو. هن جي دور جي مشهور ڪولبين ناولسٽ گيبرئيل گارشيا مارڪوئز ۽ ٻين هن کي ڪنهن بہ ٻولي جي حوالي سان 20 صدي جو وڏو شاعر ڪوٺيو. سندس مشهور ڪتابن ۾: ٽوئنٽي لوز پوئمز، آن دي بلو شور، ايڪسپلين فيو ٿهنگز، سيپريٽس روز، دي بوڪ آف قوئسچنز، پيشنس اينڊ امپريشنس ۽ ڪيپشنز ورسز تمام گهڻا مشهور آهن.

## پيبلو جي شاعري

"مون تنهنجو نانءُ "راڻي" رکيو آهي
توکان وڌيڪ بہ دنيا ۾ ڊگهيون آهن،
گهڻيون ڊگهيون.
توکان وڌيڪ بہ دنيا ۾ سچيون آهن
وڌيڪ مخلص.
توکان وڌيڪ بہ دنيا ۾ سندر آهن،
دلربا حسينائون.
پر تون "راڻي" آهين.
جڏهن تون ڳلين مان گذرندي آهين
تہ توکي ڪوبہ سڃاڻيندو نہ آهي
ڪنهن ۾ بہ تنهنجو چمڪندڙ تاج نظر نہ ٿو اچي.
جڏهن تون نظر ايندي آهين.
سمورا درياهہ گنگنائڻ لڳندا آهن.
منهنجي جسم ۾ گهنٽيون وڄنديون آهن.
جن جو آواز اپ کي ڌوڏي ڇڏيندو آهي،
۽ گيتن جي آواز سان دنيا ڀرجي ويندي آهي.
بس تون ۽ مان.
تون ۽ مان، منهنجا محبوب
منهنجي ڳالهہ تي ڌيان ڏي."

### رڳو تون ۽ مان ....

مون کي ڪنهن کان بہ ساڙ نہ ٿيندو،
تون ڀلي ڪلهن تي ڪو شخص کنيو اچ
سوين ماڻهون تنهجي وارن ۾ سمايل هجن
پيرن کان مٿي تائين هزارين انسان پاڻ سان چنبڙايو اچ
ٻڏل ماڻهن سان ڀرپور
وقت جي ابدي سفر ڏانهن روان
ڀلي ڪو درياءُ بنجي اچ
انهن سڀني کي اُتي وٺيو اچ
جتي مان تو لاءِ منتظر آهيان
پوءِ بہ اسان اڪيلا هونداسين
هن ڌرتي تي هڪ نئين زندگي شروع ڪرڻ لاءِ
رڳو تون ۽ مان ئي هونداسي

# يارَ ۽ بارودُ

سنڌيڪار: علي عابد سومرو



**انسان کي بدلجندي ڪھڙي دير ٿي ٿئي مان تہ ان کي ان جي حيثيت سان سڃاڻان ٿي تہ ان ڪڏھن ڪِولي (ڪيل) کي بہ ڪونہ ماريو. مون تہ ھن کي ڪڏھن ڪنھن ڏور ڏڳي کي ماريندي بہ ڪونہ ڏٺو ھو ٿي سگھي ٿو تہ پرتي ڪان پوءِ ان ۾ تبديلي آئي ھجي پر مون کي ايترو ويساھہ ضرور آھي تہ ھو مرڻ ڪونہ گھرندو ھو**

**اَمڙ اوھان جو نالو ڇا آھي؟**

**ڇا چيئي ڏيءَ ٿورو ڏاڍيان چئہ**

**ڇا توھان ڏاڍيان ٻڌنديون آھيو؟**

**ھا ڏيءَ! گھڻو ڏاڍيان ٻڌڻ لڳي آھيان.**

**ڇا اڳ صحيح ٻڌڻ ۾ ايندو ھُيوَ؟**

ھا پُٽَ: اڳ ۾ سڀ آواز ٻڌي سگھندي ھئس اڳ جتڙي اسان جو گھر ھو اتي ڪيترائي گھاٽا وڻ ھئا. وڻن تي سڄو ڏينھن ڪانوَ، ڪبوتر، ڪٻريون، جھرڪيون ۽ طوطا ڳائيندا ۽ ٻوليندا رھندا ھئا. انھن جي رنگا رنگ آوازن سان ھڪ دلچسپ منظر آڏو ھوندو ھو. اسان جي گھر وٽان ھڪ ندي وھندي ھئي پوئتي جبلن تي جڏھن بہ برسات پوندي ھئي يا برف پگھرجندي ھئي، ان جو گوڙ وڌي ويندو ھو. مان ماني پچائيندي ٻھاري ڏيندي يا ٻڪريون ڏھندي ان جو آواز ٻڌندي رھندي ھئس. ان جي آواز ۾ ٿوري بہ تبديلي ايندي ھئي تہ مون کي گھر ويٺي خبر پئجي ويندي ھئي منھنجو وَرُ ٻنين ۾ ھَرُ ھلائيندو ھو تہ مون کي ان جي چُرپُر جو پتو پئجي ويندو ھو ۽ اھو پڻ اندازو ٿيندو ھو تہ ھينئر ھو ٻَني جي ڪھڙي حصي ۾ ھَر پيو ڪاھي. ھو جھنگ مان ڪاٺيون ڪرڻ ويندو ھو تہ مون کي ان جي ڪھاڙي جي آوازن مان اندازو ٿيندو ويندو ھو تہ ھاڻي ھو ٿڪجي پيو آھي ۽ ان کي چانھہ جي ضرورت آھي. رات جو گھر ۾ ڪتي ڪُوئو ڊوڙندو تہ منھنجي اک کلي ويندي ھئي. منھنجو پٽ مون کي تپائڻ لاءِ لِڪي ڇپي ايندو ۽ اوچتو "ھَئوءُ" ڪري مون کي ڊيڄارڻ چاھيندو ھو تون ڄاڻين ٿي ڌي تہ ماءُ جي دل پٽ سان ٻڌل ھوندي آھي ان جو ھر قدم منھنجي ھانو تي پوندو، مون کي ان جي اچڻ جو اندازو ٿي ويندو ھو پر مان ان جي دل رکڻ لاءِ ڪوڙ سوڙَ ۾ ڊُڄي ويندي ھئس، جنھن تي ھو خوش ٿي ٺھڪ ڏيڻ لڳندو ھو.

**اوھان ڪڏھن کان ڏاڍيان ٻڌڻ لڳيون آھيو؟**

ھاڻي تہ گھڻا ڏينھن ٿي ويا آھن ڏيءَ ڌماڪن جا آواز ٻڌي ٻڌي ڪنن جا پردا ئي ڦاٽي پيا آھن ھڪ طرف تہ اھو سھي آھي ٻڌڻ لاءِ ھونئن بہ ھاڻي بچيو ڇاھي؟

**ڇا اوھان کي ياد آھي تہ ملڪ ۾ جنگ ڪڏھن ۽ ڪيئن شروع ٿي ھئي؟**

مون کي تہ ايترو ياد آھي ڏيءَ تہ اسان نھايت ئي امن ۽ شانتي سان رھندا ھئاسين. اسان جو ننڍڙو گھر ھو. ٿورو ٻني ٽڪر بہ ھو پر اسين ڏاڍا خوش ھئاسين ۽ مطمئن ھئاسي. اللّٰہ پاڪ اسان کي چنڊ جھڙو سھڻو پٽڙو ڏنو ھو. اسان وٽ بہ ڳڏھہ، ٽي ڏاند، ويھہ ٻڪريون ۽ ڪيتريون ئي ڪڪڙيون ھيون. ھا ھڪ ٻلي بہ ھئي، ڏاڍي سھڻي ۽ پياري منھنجي پٽ سان ڏاڍي ٺھيل ھئي. رات جو گھڻو ڪري ھن جي ھنڌ ۾ گھڙي ويندي ۽ ان سان گڏ سمھندي ھئي. ھڪ دفعي!

**اوھان جنگ جي باري ۾ ٻڌائي رھيون ھُيوَ؟**

ھا، ڏيءَ! مون بلڪل صحيح ٻڌايو آھي. اسان جي نہ ڪنھن سان ناراضگي ھئي ۽ نہ ڪو جھيڙو، جيڪڏھن اسان جو ڪو ڏور ڪنھن جي فصل ۾ ويندو ھو تہ اسان معافي وٺندا ھئاسين ڪنھن ٻئي جو ڪو ڏڳو ڏور اسان جي فصل ۾ پوندو ھو تہ اسان ڪيس معاف ڪري ڇڏيندا ھئاسين.

ٻيو ڪو جھيڙو جھڳڙو ھوندو ھو تہ ان کي بہ گڏ ويھي نبيريندا ھئاسين. اسان رڳو پنھنجو ۽ پنھنجي ٻارن جو ئي خيال ڪونہ رکندا ھئاسين پر ھر ڪنھن جي مالَ ۽ اھل و عيال جي لاءِ دُعا گھرندا ھئاسين. ڪنھن ٻئي کي خوشحال ڏسي ساڙ جي باھہ ۾ ڪونہ سڙندا ھئاسي. اسان جھيڙن جھٽن جون سيئي واٽون بند ڪري ڇڏيون ھيون پر ھيءَ ويڙھہ! ھيءَ تہ ڏيءَ ڪٿان ٻاھران آئي. ڪٿان مٿان نازل ٿي خبر ناھي ان جا ڪارڻ ڪھڙا ھئا؟ ڪير سچو ۽ ڪير ڪوڙو ھو؟ ڪير حق ۽ ڪير ناحق ٿي

هو، اسان غريب ماڻهن کي ڇا خبر؟ بس اسان کي تہ ايتري خبر آ ڏيءَ، تہ هڪ ڏينهن ڌماڪي جو آواز ٿيو، سيني پکين جو داٽو چڳڻ ۽ چون چون ڪرڻ بند ٿي ويو. هوا ۾ وٽندڙ خوشبو جي بجاءِ بارود جي بوءِ گهلي وئي. ان کان اڳ جڏهن هوائي جهاز لنگهندو هو تہ منهنجي پٽ پڇي وڃي ڪنهن دڙي يا پِٽ تي چڙهي ويندو هو ۽ اڏرندڙ هوائي جهاز کي ڏسي خوش ٿيندو هو پر پوءِ هو هوائي جهاز ڏسندي ئي ڏڪڻ لڳندو هو. پڇي ڪري سپ کان اڳ ۾ انهن ڪاهين ۾ وڃي لڪندو هو ، جيڪي وڏڙن جي چوڻ تي اسان گهرن جي پرسان کوٽيون هيون. "ٻڌو آهي اوهان جي وَرَ نهايت مڙسي سان وڙهندي پنهنجو سر ڏنو هو؟ "

مون نہ سمجهيو ڏيءَ ٿورڙو ڏاڍيان.

اوهان جي مڙس جي باري ۾ پڇانوَ ٿي.

"ها ها، بس ڏيءَ چڱو ماڻهو هو. محنتي ۽ شريف، پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو هو. هن کي پٽ سان ڏاڍو پيار هو ڪم ڪار تان موٽندو تہ سڀ کان پهرين ان لاءِ پڇا ڪندو. چُمي چُمي ان جا ڳٽا ڳاڙها ڪري ڇڏيندو هو پٽ کي پيار ڪندي، هن جي سڄي ٿڪاوٽ لهي ويندي هئي هو پٽ کي پڙهائڻ لکائڻ چاهيندو هو. هو پنجن ورهين جو ٿيو تہ اسان کيس ڳوٺ جي وڏي اسڪول ۾ ويهاريو. شروع شروع ۾ هو پاڻ ان کي ڪلهن تي کڻي اسڪول ويندو هو ۽ موٽائي ايندو هو پر پوءِ وري هو پنهنجي عمر واري ٻارڙن سان اچڻ وڃڻ لڳو. پر ان کي پٽ جي وڏي ڳڻتي هوندي هئي. ٿوري دير ٿيندي هئي تہ کيس ڳڻتي ورائي ويندي هئي. ٻارن سان سيئي پيار ڪندا آهن پر منهنجو مڙس پنهنجي پٽ جو چڻ عاشق هو. هو هئو بہ نهايت خوبصورت، سادڙو، سڀاجهڙو، پر سنيون شيون خراب ماڻهن وٽ گهڻي دير ڪٿي رهنديون آهن اسان خراب هئاسين ڏيءَ چو تہ اسان ان جي حفاظت نہ ڪري سگهياسين. ان کي تہ اسان جي گهر ۾ پيدا ٿيڻ ئي نہ کپندو هو، هو منهن مهانڊي کان ئي ڪنهن ٻي دنيا جي مخلوق ٿي لڳو. ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها جو هو ڪنهن ٻي قوم قبيلي يا ملڪ ۾ پيدا ٿيو هجي ها!

مان اوهان جي مڙس جي شهادت جي باري ۾ پڇي رهيس هئس؟

ها ڏيءَ هو شهيد ٿي ويو. ها! شهيد ئي سمجهہ جڏهن ويڙهہ وڌي وئي تہ ماڻهن جي گهڻتائي ٿي وئي ۽ پوءِ هن کي بہ پڪڙي ونيو ويا پر هن کي تہ هر هلائڻ ايندو هو بندوق نہ ۽ ويڙهہ ۽ جهيڙي کان تہ هو ڊڄندو هو.

پر مون ٻڌو آهي تہ هن نهايت ئي دليريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ ٽن سان بم ٻڌي دشمن جي اڏي ۾ گهري ويو هو.

مون بہ ٻڌو آهي ڏيءَ، صحيح چوندا هوندا.

اوهان ايترو وقت ان سان گذاريو ، اوهان هُن جي باري ۾ ڪجهہ وڌيڪ تفصيل سان ٻڌايو؟ مان ڇا ٻڌائيندس ڏيءَ، انسان کي بدلجندي ڪهڙي دير ٿي ٿئي مان تہ ان کي ان جي حيثيت سان سڃاڻان ٿي تہ ان ڪڏهن ڪِولي (ڪيل) کي بہ ڪونہ ماريو. مون تہ هن کي ڪڏهن ڪنهن ڍور ڍڳي کي ماريندي بہ ڪونہ ڏٺو هو ٿي سگهي ٿو تہ پرتي کان پوءِ ان ۾ تبديلي آئي هجي پر مون کي ايترو ويساهہ ضرور آهي تہ هو مرڻ ڪونہ گهرندو هو. هو پنهنجي محبوب پٽ کي ڇڏي ڪيئن مرڻ گهرندو؟

تہ ڇا ان وقت اوهان جو پٽ جيئرو هو؟

ها، ان وقت هو بلڪل سلامت هو. اها گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي جڏهن جوان ماڻهو ڪونہ پئي مليا تڏهن ٻارن، عورتن ۽ پوڙهن کي بہ پرتي ڪيو پئي ويو.

ڇا اوهان جي پٽ کي بہ پرتي ڪيو ويو؟

پرتي ئي سمجهہ ڏيءَ، هڪ ڏينهن اسڪول کان واپس آيو ۽ چوڻ لڳو تہ ٻئي ڏينهن انهن جي اسڪول جو معائنو ڪرڻ وڏا آفيسر اچي رهيا آهن ان ڪري استاد چيو آهي تہ صاف سٺا ڪپڙا پهري اچجو. مون ان جا وار ٺهرايا، ننهن لاٿم ڪيس وهنجاري سهنجاري سني ۾ سٺا ڪپڙا پارائي اسڪول موڪليم. هاءِ! مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ مون کان هميشہ لاءِ ڌار ٿي رهيو آهي جيڪڏهن مون کي تر جيترو بہ شڪ هجي ها تہ مان کيس ڪڏهن بہ وڃڻ نہ ڏيان ها. ان کي وٺي ڪيڏانهن هلي وڃان ها ڪنهن غار ۾ پناهہ وٺان ها يا ڪنهن پاتال ۾ لڪي وڃا ها.

ها تہ پوءِ هو اسڪول کان واپس ڪونہ آيو؟

هڪ اهو نہ پر ٻيا بہ ڪيترائي ٻار واپس ڪونہ آيا. مون ٻڌايو نہ تہ جوان ماڻهن جي تمام گهڻي کوٽ ٿي وئي هئي انهن اها کوٽ پوڙهن، عورتن ۽ ٻارن سان پوري ڪرڻ چاهي.

ڇا ٻار بہ بندوق هلائيندا هئا؟

انهن جي ذمي ٻئي قسم جا ڪيترائي ڪم هئا بندوقين کي بارود وغيره پهچائڻ، انهن جو سامان کڻڻ، دشمن جي هر چرپر جي خبر ڏيڻ ۽ پيغام پهچائڻ پر منهنجو ٻارُ..؟

توهان جي ٻار جي ڪهڙي ڊيوٽي هئي؟

دشمن جنهن علائقي تي چڙهائي ڪئي ان ۾ هرجاءِ تي بارودي سرنگون وڇايون ويون هيون. فوج باقاعده اڳتي وڌڻ کان اڳ ٻارڙن کي پهرين موڪلي معلوم ڪندي هئي تہ اتي بارودي سرنگون تہ ناهن؟ منهنجي پٽ جو هڪ ساٿي جيڪو تمام گهڻو زخمي ٿيو هوتنهن ٻڌايو تہ هنن ٻنهي کي گهڻو ڊوڙايو ويو ۽ چيو ويو تہ جيڪو چڪر لڳائي اڳ ۾ موٽي ايندو ان کي انعام ڏنو ويندو هو ٻئي ان ڳالهہ کان بي خبر هئا تہ اها زمين جيڪا انهن لاءِ اَنُ ۽ ميووا اپائيندي هئي، ان ۾ هاڻي بارود پوکيو ويو هو، هو ڊوڙندا رهيا. منهنجو پٽ تمام گهڻو تيز ڊوڙند هو. ڊوڙ ۾ هو پهرين ايندو هو هو ان ڏينهن بہ اڳتي نڪري ويو ۽ سموريون سرحدون پار ڪري ويو.

مون کي اوهان جي ڏک جو اندازو آهي.

توکي ڪيئن اندازو ٿي سگهندو ڏيءَ، ڪنهن کي بہ اندازو نہ ٿو ٿي سگهي رڳو اها ماءُ منهنجو ڏک ونڊي سگهي ٿي جنهن جو هڪ ئي پٽ هجي ۽ ان کي بارودي سرنگن سان پريل زمين تي ڊوڙايو ويو هجي.

اوهان صحيح ٿيون چئو پر اسان سيئي بارودي سرنگن تي گهمي ڦري رهيا آهيون خبر ناهي تہ ڪير پڙڪي سان اڏري وڃي چڱو اوهان جي مهرباني.

ڇا اوهان پڙهندڙن لاءِ ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندو؟

ها، منهنجي دنيا جي سيني پيرن کي اها اپيل آهي جيستائين پهريان چاوَلَ ويڙهہ کان پاسو نہ ڪن، ٻار ڄڻڻ ڇڏي ڏيو.

اسان کي تہ ايتري خبر آ ڏيءَ، تہ هڪ ڏينهن ڌماڪي جو آواز ٿيو، سيني پکين جو داٽو چڳڻ ۽ چون چون ڪرڻ بند ٿي ويو. هوا ۾ وٽندڙ خوشبو جي بجاءِ بارود جي بوءِ گهلي وئي. ان کان اڳ جڏهن هوائي جهاز لنگهندو هو تہ منهنجي پٽ پڇي وڃي ڪنهن دڙي يا پِٽ تي چڙهي ويندو هو ۽ اڏرندڙ هوائي جهاز کي ڏسي خوش ٿيندو هو ۽ پر پوءِ هو هوائي جهاز ڏسندي ئي ڏڪڻ لڳندو هو. پڇي ڪري سپ کان اڳ ۾ انهن ڪاهين ۾ وڃي لڪندو هو



سنڌ جي مٽيءَ جو ماڻھو

# شمشيرالحيدري

## جيڪو زماني جو منصور ھيو

سندس وفات جي مناسبت سان

سليم حيدري

**پاڪستان ٽيليويزن تان سنڌي نشريات شروع ٿيڻ شرط ھو ان جو آرگنائزر مقرر ٿيو ۽ اھڙيءَ ريت پھريون ميزبان، نيوزڪاسٽر، ڊرامي جو ليکڪ، اسڪرپٽ رائيٽر ٿيڻ جونہ رڳو اعزاز حاصل ڪيائين بلڪ ان ميدان ۾ سنڌي ليکڪن جي رھنمائي ڪري نوان لاڙا متعارف ڪرايائين.**

شمشير علي ولد رسول بخش جعفري، تخلص ”شمشير“ ۽ مشھور شمشيرالحيدري جي نالي سان آھي. سندس جنم ضلعي بدين جي ڳوٺ ڪڏڻ ۾ 15 سيپٽمبر 1931 تي ٿيو. شروعاتي تعليم بدين ۾ مولوي حاجي احمد ملاح جي مدرسي مان حاصل ڪيائين. جنھن کان پوءِ پرائمري اسڪول بدين مان چار درجا پڙھي انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان چار درجا پاس ڪري ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو پر ڪيس ھڙتال ڪرائڻ جي ڏوھ ۾ رسٽيڪيٽ ڪري ڪڍيو ويو. انھيءَ ڪري اين جي وي ھاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو پر سرٽيفڪيٽ نہ ھئڻ ڪري ٽن مھينن کان پوءِ اھو اسڪول بہ ڇڏڻو پئجي ويس، جنھن بعد نور محمد ھاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين اُتي بہ امتحان ۾ ويھڻ کونہ ڏنائونس. سال کان پوءِ جڏھن سرٽيفڪيٽ مليو تہ ٽنڊي باگي جي لارينس اسڪول ۾ پريليمنري (Preliminary) جو امتحان ڏئي اڳيان ھلي ميٽرڪ جي امتحان ۾ ويٺو پر فيل ٿي پيو، اھڙيءَ ريت تعليم ڇڏي نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين. ان وچ ۾ ماءُ جي لاڏاڻي ۽ پيءُ جي ٻي شادي ڪرڻ سان توجھہ نہ ملڻ ڪري پنھنجي مامي ڪامريڊ نذير حسين حيدريءَ وٽ رھڻ لڳو. جيڪو جيئڻ تہ بھترين مقرر، سچو صحافي، مشھور حڪيم، زبردست سماج سُڌارڪ ۽ سُٺو اديب ھو، وٽس پنھنجي چڱي وڏي لائبريري پڻ ھئي جنھن ۾ مذھبي، سائنسي، فقہ، ترقي پسند ادب ۽ ٻين ڪيترن قسمن جا ڪتاب موجود ھئا جيڪي کيس پڙھڻ جو موقعو مليو. شمشيرالحيدريءَ تي ڪامريڊ نذير حسين حيدريءَ جو ايترو اثر پيو جو ھو پوءِ پنھنجي پيءُ جي لقب جعفري بدران حيدري سڏائڻ لڳو. پڙھڻ لکڻ، مباحثا ڪرڻ، شاعري ۽ تنظيم ڪاريءَ جو شوق تہ کيس ننڍي ھوندي کان ئي ھو پر ان ۾ نکار مامي جي صحبت ۾ ھمٿائڻ ڪري آيو. اڳيان ھلي اختر رضوي جي سنگت ترقي پسند خيالن کي پڪو پختو ڪيو. سندس حقيقي ادبي سفر سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪم ڪرڻ سان شروع ٿيو، جتي مھراڻ رسالي جو 11 سالن تائين اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي رھيو. ان وقت ھن سرڪاري رسالي کي عوامي رسالو بڻائي سوين لکڻيون سڌاري سنواري ڇاپيون, ان دوران ئي ھن سنڌ يونيورسٽيءَ مان پھرين بي اي آنرز ۽ پوءِ ايم اي سنڌي لٽريچر ۾ پاس ڪئي. مھراڻ رسالي جيان 11 سال ماھوار نئين زندگيءَ جو پڻ ايڊيٽر رھيو. 11 سالن تائين سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جرنل بہ رھيو. خاص ڪري ايوب جي مارشلائي دور ۾ مڙھيل ون يونٽ خلاف اديبن جي اڳواٽيءَ وارو دور ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري سطح تي اسڪولن مان ختم ڪرڻ واري سازش خلاف ھلايل تحريڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي بحال ڪرائڻ ۾ سندس ڪردار انتھائي اھم آھي. 1983 ۾ روزاني مھراڻ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي ايم آر ڊي جي تحريڪ کي سچائيءَ سان منظر عام تي پڌرو ڪرڻ ۾ پڻ پيش پيش رھيو. پاڪستان ٽيليويزن تان سنڌي نشريات شروع ٿيڻ شرط ھو ان جو آرگنائزر مقرر ٿيو ۽ اھڙيءَ ريت پھريون ميزبان، نيوزڪاسٽر، ڊرامي جو ليکڪ، اسڪرپٽ رائيٽر ٿيڻ جونہ رڳو اعزاز حاصل ڪيائين بلڪ ان ميدان ۾ سنڌي ليکڪن جي رھنمائي ڪري نوان لاڙا متعارف ڪرايائين. ھو مختلف سرڪاري نوڪرين ۾ رھيو، ڪيترين ئي اخبارن جو ايڊيٽر، مختلف ادارن جو پايو وجھندڙ توڙي ھيڊ ۽ اعزازي صلاحڪار ۽ ميمبر پڻ رھيو، جنھن جو تفصيل ھن طرح آھي.

نوڪري: 1950 ۾ رائس مل بدين ۾ منشي، پي ڊبليو ڊي ۾ ٽيليفون آپريٽر، ھوا ماپ کاتي جو آبزرويٽر، ريوينيو ۾ داروغو، زمينداري ڪوآپريٽو بئنڪ جو مئنيجر، 1955 ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ پھرين ڪلارڪ پوءِ اسسٽنٽ ايڊيٽر تماھي مھراڻ ۽ ميمبر پبليڪيشن اسٽاف، 1966 کان 1976 تائين پبلڪ سرورس ڪميشن ذريعي وفاقي وزارت اطلاعات جي کاتي فلمز اينڊ پبليڪيشنس جو سيڪشنل ھيڊ مقرر ٿيو جتان












شمشيرالحيدري هڪ شاعر، اديب، دانشور، صحافي، ڊرامه نگار، سماج سڌارڪ، ايڊيٽر ۽ نقاد جي اعليٰ حيثيت سان گڏ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعليمي واداري وارين سرگرمين ۾ پڻ تمام گهڻا اڳيرا رهيا، فائونڊيشن جي ساٿي اسڪولن جي ٻارن لاءِ علم ۽ اخلاقي قدرن جي نقطن تي مبني خاص گيت پڻ لکيا جيڪي ٻارن ۽ استادن جي لاءِ وڏي اتساه جو سبب بڻيل آهن، جيڪي اڄ به اسڪولن ۾ ڳايا ويندا آهن. پوري سنڌ جيان فائونڊيشن جي ساٿي اسڪولن جي ٻارن ۽ استادن کي سندس وفات تي صدمو رسيو آهي.

ماهوار نئين زندگي ڪڍيائين، 1976 ۾ وفاقي سرڪار جي نئين کوليل کاتي مواصلاتي اطلاعات جو ڊپٽي مئنيجر ٿيو، اتي جهاز رانيءَ تي به ڊاڪيوميٽري فلمون ٺاهيائين ۽ دي ڪميونيڪيٽر نالي سان انگريزيءَ ۾ ماهوار رسالو ايڊٽ ڪيائين جتان 1978 ۾ آمر ضياءَ جي دور ۾ کيس نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو، 1990 ۾ جمهوريت جي بحاليءَ سان نوجوان واريءَ وزارت لاءِ سندس خدمتون حاصل ڪيون ويون جتي هن يوٿ پاليسي جوڙي جنهن کي ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن پهريون پيروعوامي يوٿ پاليسي مڃيو ۽ شهيد بينظير ڀٽو پڻ ان ڳالهه کي ساراهيو بعد ۾ کيس ساڳي وزارت تحت هلندڙ اداري يوٿ انويسٽمينٽ پروموشن سوسائٽيءَ جو صوبائي سربراه ڪيو ويو، 11 مئي 1993 کان سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم شروع ڪيائين جتان پوءِ کيس هٽايو ويو.

صحافت: ايڊيٽر هفتيوار پنجتني، سب ايڊيٽر روزاني خادم وطن حيدرآباد، اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر روزاني هلال پاڪستان حيدرآباد، مئنيجنگ ايڊيٽر روزاني هلال پاڪستان ڪراچي (ٻه ڀيرا)، چيف ايڊيٽر ماهوار هلچل، ايڊيٽر ماهوار پارس، ايڊيٽر هفتيوار هدايت، چيف ايڊيٽر هفتيوار اعلانِ حق، مئنيجنگ ايڊيٽر روزانہ مهراڻ، چيف ايڊيٽر روزاني خلق، ايڊيٽر ماهوار حياتي، وغيره.

تصنيف، تاليف، ترجمو: لاٽ (شاعري) بهترين سنڌي افسانا (ترتيب) سنڌي آزاد نظم جي اوسر (تحقيق) سنڌي شاعريءَ جو اڀياس (تحقيق) آمريڪا جو سياسي سرشتو (ترجمو) ڪئنيڊا (ترجمو) سُجاڳ سانگهڙ (تحقيق، ترتيب) ڪاڪ محل (ٽي وي ڊرامو) سوکڙي (ترتيب) ڪاروان ڪربلا (ترتيب) انسان ڪامل (ترتيب) فليم اينڊ فليوٽ (ترتيب) ايڪسپلورنگ سنڌ (گزيٽيئر۔ انور پيرزادي سا گڏ) روشن تارا (ٻارن لاءِ شاعري) لاٽ ٻيو ڇاپو (صرف نظم) تاريخ ڪلهوڙا دور ٻه جلد (ترجمو) تاريخ جو ڪچرو (شاعري) پيار جا نو گيت (جرمن شاعريءَ جو منظوم ترجمو) ٽيليويزن لاءِ: 150 کان مٿي سنڌي ، اردو ڊرامہ، ڊاڪيومينٽريون، اسڪرپٽ وغيره، 100 ٻاراڻا گيت، 50 سنڌي لوڪ گيتن جو اردو ۾ ترجمو گيت منظر جي نالي سان، شاه لطيف جي چونڊ ڪلام جو ترجمو.

ايوارڊ:

پي ٽي وي اوارڊ۔ 4 ، پاڪستان جي حڪيمن جي ڪائونسل جا ايوارڊ ۔2، مجتا شيلڊ۔ سنڌي اڪيڊمي دهلي، مجتا شيلڊ۔ مارئي دهلي، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن ٽرافي ۽ گولڊ ميڊل، مادر وطن گولڊ ميڊل (ايس ٽي پي) ڪراچي پريس ڪلب گولڊن جوبلي شيلڊ، لائف ٽائم اچيومينٽ شيلڊ۔ سنڌ اسيمبلي، لائف ٽائيم اچيومينٽ شيلڊ۔ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي، سنڌي ادبي سنگت مجتا شيلڊ، مجتا شيلڊ۔ ثقافت کاتو سنڌ، مجتا شيلڊ۔ سنڌ اطلاعات کاتو، عوامي آواز سٽ۔ شيلڊ، مجتا شيلڊ۔ ماهوار نئين زندگي (پي آئي ڊي)، پرائڊ آف پرفارمنس حڪومت پاڪستان، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو شيلڊ، سمبارا ٽاپ ٽين اوارڊ، مجتا شيلڊ۔ اڪيڊمي آف ليٽرس، شيلڊ۔ ايراني ڪلچرل سينٽر اينڊ اڪيڊمي آف ليٽرس، لطيف اوارڊ 2012 ثقافت کاتو سنڌ، مجتا شيلڊ۔ سنڌ مدرسو، مجتا شيلڊ۔ ريڊيو پاڪستان حيدآباد.

## وسڪارو

جبل مٿي جهڙ، ڙي چورا
جبل مٿي جهڙ، ڙي ٻيلي
جبل مٿي جهڙ . . .
جهڙ تہ مانڪي جهوري ڙي سجهڙ
وار تہ ڇڏيا مون چوڙي ڙي ڊولڙ
مند ڏسي تون مُڙ او جاني،
جبل مٿي جهڙ . . .
اوڊولڙ . . .

ڪٿان ڙي آيا ڪارا ڪڪر
وَنا تہ پانهنجا چنا چپر
ڇيڪ تہ گهمن پانهنجا وَلَر
ڳاج منجها ران پلٽيا پَلَر
لُڪن لاٿو لُڙ، اوڊولا جبل مٿي جهڙ . . .
اوڊولڙ . . .

جهُونوڙي ڇَنُو تہ تمي پان جو
سنهون ڙي چولڙو پنو مان جو
هيڪلي هند ۾ سيءُ مران جو
تون ڙي تہ اَجهو اوڃڻ مان جو
تُوهَر ڪيمڙو تڙُ ڙي جانب
جبل مٿي جهڙ . . .
اوڊولڙ . . .

وڄڙيون وَر وَر ڪن تيون ڪِيهان ن
ڇيلڙا تونهنجا تہ ڪن تا ريهان ن
اڳهي تہ آهيان راتيان ڏينهان ن
ڏُکي ڙي ويني مان ڏارو پيهان ن
ڳرو تہ جنڊَ جو پَڙُ اوڊولڙ
جبل مٿي جهڙ . . .
اوڊولڙ . . .

ساروڙي سانوڻ ڪيئن اُڪاريان ن
ڳَسَ تي ويٺِي مان گهيتڙا چاريان ن
ڏگ مٿي تنهنجي باهَڙِي ٻاريان ن
ونيو تون اڄ ڳُڙ اوچورا
جبل مٿي جهڙ . . .
اوڊولڙ . . .

جهڙ تہ مانڪي جهوري ڙي سجهڙ
وار تہ ڇڏيا مون چوڙي ڙي ڊولڙ
مند ڏسي تون مُڙ او چورا،
جبل مٿي جهڙ . . .
اوڊولڙ . . .

شمشيرالحيدري

پروفائل

# سُڄاڻ جي معنيٰ ۾ پٽڪندڙ لفظن جو وينجهار

خادم حسين ميمڻ

اهو وڏي واڪي چئي سگهجي ٿو تہ نثارٻانيڻ جي نثري ۽ آزاد نظمن واريون صنفون هن دور جي سنڌي شاعريءَ جو معراج آهن، سندس نثراٽا نظم ذاتي تجربن تي ٻڌل ڳوڙهيون تحريرون ۽ خيالن جي مصري لڳندا آهن، انهن نظمن جا لفظ نثارٻانيڻ جي گوناگون ادبي مصروفيتن سان گڏ سندس، پيار، اوسيئڙي، اڪيلائي، پيڙا، نياءُ ۽ ڏات جي اوڙڪن جيان وسڻ وارا اعليٰ معيار جا تجربا، مشاهدا ۽ احساسن جون سمفنيون آهن، جن ۾ استعارا ۽ تشبيهون روح ۽ جسم جي تاجي پيٽي جيان لڳندا آهن، هُن تفصيلي انداز ۾ انهن ڪيفيتن تي لکيو آهي تہ لفظ معنيٰ جي تسبيح ڪيئن ٿا پڙهن، حساسيت ۽ نازڪپڻو اکرن جو ويس ڪيئن ٿو پهري، ڪاڳر جي زمين تي لفظن جا مقبرا ڪيئن اڏجن ٿا. چوندا آهن جڏهن دِليون پڇنديون آهن تہ آواز ڪو نہ ڪنديون آهن نثارٻانيڻ جي هر نظم ۾ پيگل دل جا ٽڪڙا ملندا، يادن جا قافلا ڊگها ٿيندا ڏسبا آهن، جيڪي مسلسل سفر ۾ رهندا آهن، نثارٻانيڻ جي يادن جا قافلا هُن جي نظمن جي پنڌ تي ائين نظر ايندا جيئن آڪاش تي سائيبيريا جا پکي اُڏام ۾ هوندا آهن. اڪثر پڙهندڙن جي راءِ آهي تہ نثارٻانيڻ جي رومانٽڪ ۽ مستقل قدرن واري شاعريءَ ڪي اهميت اُن ڪري بہ حاصل آهي تہ سنڌ جو هر نوجوان سندس خيالن جي اُڏام سان گڏ ٻوليءَ جي مٺاس ڪي پنهنجي روح ۾ ڦڙو ڦڙو ٿي ڳڙندي محسوس ڪري ٿو، هر پڙهندڙ ڪي سندس تشبيهون ۽ استعارا پاڻ وٽ قيد ڪري ڇڏين ٿا، حساس ذهنن ڪي اُڏام جا نوان گس ۽ پيچرا جوڙجي ملن ٿا، اهو يقين سان چئجي ٿو تہ سنڌ ۾اِن قسم جي شاعري ذري گهٽ اڻلڀ آهي، شاعري جي معاملي ۾ هو پنهنجي نرالي طبيعت جو مالڪ آهي، پر لکڻ جي معاملي ۾ هو سراپا سنجيده رهيو آهي، نثار ٻانيڻ جا نثراٽا نظم جرمني جي سنگيتڪار باخ جي سمفنين جيان لڳندا آهن، ڪڏهن تہ موزارٽ جي ٺهڪن ۾ ٻڌل لڳندا تہ وري ڪڏهن شيخ اياز جي سگريٽ جي دونهين جو ڏيک ڏيندا آهن. سندس هر نظم جي هر سِٽَ دل ۾ وڇوڙي جو آکيرو ٺي بيهي ويندي آهي، گيڙو رتي روپ ۾ هن جا لفظ رومي جو رقص ڪندا رهن ٿا ۽ پڙهندڙ مست الست ٿي اُنهن ڪيفيتن جا مزا ماڻين ٿا. اڄڪلهہ سندس ڪجهہ دوست سندس جي شاعريءَ ڪي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيا آهن، سندس شاعري ڪي انگريزي ۾ ترجمو ڪرڻ دوران ان ڳالهہ جو پوري ريت احساس ٿئي ٿو تہ هن جا خيال عالمي ۽ آفاقي آهن جن ڪي سرحدن جون زنجيرون ڪجهہ بہ نہ ٿيون ڪري سگهن.

## اسان اهو ڪو نہ هو سمجهيو

اسان اهو ڪو نہ هو سمجهيو
چري هيءَ دل
هنيلي پار وانگر ٿي،
پنهنجين ڇڙواڳ اکڙين سان
جوانيءَ جي ڄڙيل موڙي
چنبڙي ڦوڪي لُٽائيندي،
۽ پنهنجي سينڌ ڪي ميرو
لمحي هڪ ۾ ڪرائيندي،
اسان سمجهيو وصل تنهنجو
اسانکي پيو سنپاليندو
ڪيل سپ هلڪڙايون ۽
پاراڙيون چاهت جون
ڇڏي هڪ وار پيهر بہ
اسان سان ساٿ جي تند ڪي
جوڙي هڪ وار پيهر بہ
وڇڻ جي واٽ ڪي واري
اسان سان ڪيچلائيندو،
اندر جي مست ڪيفن سان
هوا جيان گيت ڳائيندو،

۽ اونهي پيار ساگر ۾
ٻٽي چاهت جو ناڪئو هو
اسان جي ناوَ ڪي هڪلي
پنهنجو حق پيي جتائيندو،
اسان ائين ڪو نہ هو سمجهيو
وڇوڙا واٽ تي بيهي
اسان ڪان سَچ ڦري ونندا
لهي آيل اڱڻ ۾ چنڊ
سڏي جهٽ ڏئي ڪسي ونندا،
ڦراڪن جا سيئي رستا
اسان لاءِ ڏانوٽيون ٻڌجي
مقدر ۾ ٽنگيل رهندا
اسان ائين ڪو نہ هو سمجهيو
محبت ڪي دلين اندر
دفن ٿيندي اکيون ڏسنديون
غمن جي طوق جا گهوڙا
سنواريل سنج ساهن جا
اڪيلي ئي ڪٽي ونندا
اسان اهوڪونہ هو سمجهيو

اسان پنهنجي ارادي جي
سزا ۾ قيد ٿينداسين
ڊگهن پاڇن اندر پاڇو
ائين پيوست ٿينداسين
صبح ڪان شام ڏانهن ويندي
اکين جون ماڻڪيون چوڙي
وڇڙڻ جي ويل ڪي پڪڙي
ازل جي اڄ جا ڪاڳر
وساريل سونهن جا پاڪر
نهارن جي گهَٽن گهيرن
سندي سپ راهدارين مان
وراڪا ڏئي وڪوڙيل سي
ڪِلي ڪيڪار جا لمحا
اُپي نهار سان هر هر
اسان ڪي چو ٻڌائين ٿا؟
اسان اهو ڪو نہ هو سمجهيو
هجر بہ گهات ڏئي ٿو
اندر ڪي ڪات ڏئي ٿو
پراڻي خيال جهڙي ڪا

جهريل ميراث جهڙي ڪا
نئين ڪا راند جوڙي ٿو
بُراق جهڙي سار جي
مهار چوڙي ٿو
اسان اهو ڪو نہ هو سمجهيو
اسان سمجهيو اوهانجو وصل
اسانکي ئي سنپاليندو
صبح چانديءَ جي ورقن ۾
اهو ويساه اٽڪي پيو
اڪيلو ساه اٽڪي پيو
ڦريو ٿي روح تي جيڪو
اهو وشواس تنهنجو آ
رهيو جو وقت ساڳيو آ
ندورو درد ساڳيو آ
ڪِلي جو ڳُنگنائي ٿو
وصل جي ڳوٺ ۾ رهندي
اسان کي ڪو نہ سنپاليو ٿو
اسان سمجهيو وصل تنهنجو
اسانکي پيو سنپاليندو

## نواڻ جا پنڌ

اُج تو سڏايان ڪنهن پل
مان ذائقو زهر جو!
هڪ آس مونکي رولي،
تي تاس مونکي ڳولهي،
ها پياس مونکي ڳولهي!
توکي ٻڌايان دلبر
هڪڙي سڄيءَ جو قصو!
جنهن جي ڏاڳن ۾ پوئيل
آرس ڪي ساوٽين جا،
هوءَ ناز سان تِلي هئي
انداز سان ڪِلي هئي،
منهنجي چريءَ دل کي
ڪاڳر جيان مِلي هئي!

هوءَ جا هنيلو سينو
سانيدي هلي پئي وک وک
تنهن جون اکيون وِڄ جيان
ساڙي رکن جواني !
هڪ رات هڪ صديءَ جيان
روڪي رکن رواني!
سچل جي ڪافين جيان
مونکي لڳن تا چيڙا
هُن سانوري سکيءَ جا
سامي سلوڪ چوريا!
بيڪس به لفظ ڳُهوريا!
اهڙي سکيءَ جي اُج تي
سورن جي رَتَ چوڙي،

منهنجي اندر کي ٻوڙي!
مَنَ ۾ ٻڌل ڪجهه گهوڙا
سَتَ ڏئي وڃي تي چوڙي!
پر هوءَ به تي ڪي لمحا،
ترسي نه تي اڪيلي!!
دلڙي چوي تي هر هر
منهنجي اندر جي رُجَ جا
فصل سڀ هوءَ ئي پيلي!
مون سان پئي وڙهي تي،
منهنجي چري تنهائي،
مونکي سڏي تي چُپِ به
بي ڪيف جي گهڙيءَ ۾
منهنجي اکين جي چارن

پن چڻ جي موسمن کي
سانيدي رکيو ائين آ
جيئن ڪيچلي هوا جا
سينا اُيار ڪائن
هُن بي چئي سکيءَ جا
سپنا وسار چاهين!!
تنهن جون وکون اکين مان
اُج جي تلاش ويڙهي
مونکي ڪري ٿانيڪو
مونکي نواڻ بخشي!!

## دل جي اک سان

تو جڏهن ڪان پنهنجي دل جي اک سان دنيا ڏيکاري
مون چيتن جي شڳند کي سنڀالڻ سکيو
ساهن جي سڏڪن ۾ ٻوندن جي ٻوليءَ کي ميرو ٿيندي ڏٺو
اُن ڏينهن کان ئي چري نند، نيڻن ۾ ناهي موٽي
۽ مان فجرن جي مٽيءَ کي ڳوهيندو رهيو آهيان
تون جڏهن ڪان پنهنجي دل جي اک سان دنيا ڏيکاري
مون ويسارَن کي جاڳ جي رِلي اُوڏائي ڇڏي آهي
۽ چنڊ جا چرڪ ميڙيا آهن.
چوڙين جي ميارن کي سنپارون ڪندي پسيو آهي
اکين ۾ سوڳ جو سرمو هٽي
تو جڏهن ڪان پنهنجي دل جي اک سان دنيا ڏيکاري
لڙڪن جي درسني جو مون اُوڏڻ ڏٺو
پيار جي پوتيءَ جو دل مٿان ورجڻ ڏٺو
هر ٿڪل شام جو ڪُرڪڻ ڏٺو
۽ دل کي اجرڪ جي پلاند سان اکيون اگهندي ڏٺو
مون ڪنوارا چنڊ به وڪجندي ڏٺا
تون جڏهن ڪان پنهنجي دل جي اک سان دنيا ڏيکاري
مون سمورن آپگهاتن کي پڙهي روئي ڏٺو
۽ ڪِلڻ جي راهدارين ۾ سجو روئڻ سَنو
مون ڏٺو ڏوڙ وانگر ڪيئي زندگيون جئي پئي وڃون

مون ڏٺو خواب وڪڻ جي پن چڻ، سوين پهر هلندي رهي
مون ڏٺو خوشبو ڪنهن جي معجزو ڪنهن لاءِ ٻٽي هئي،
۽ ڪنهن جي پيرن جي مينديءَ جا وچن ميڙي ڪيسي ۾ ڪنيا
تون جڏهن ڪان پنهنجي دل جي اک سان دنيا ڏيکاري.
سَتِ نسلن جا سيئي خواب لٽجندي ڏٺا
سوين وراڪا ڦلار جي انڌيرن ۾ پيٽڪندي ڏٺا
ڪنواري پايل ۾ گهه ڳٽن جي سموري سُس پُس
اکين جي نمي ۾ اٽڪندي هر پل ۾ لمحي جي وٽيءَ ۾ڏنم
مون ڏٺو صليب جهڙيون سموريون راتيون
رُتن جي آڳر پڪڙي
فنا جي ڪنڌي تي ڪڏهن به ڪٽيون ناهن
سمورو ماتم لُکن جو پاليل هيو مون ڏٺو پوءِ به.....
سيئي چتائون دل ۾ پوکي مڙئي هنيلا هيانوَ ڪيئي،
اجا به اڳتي وڏي رهيا هئا مون ڏٺو هو،
اُلا تي آڪاش چهي رهيا هئا، مون ڏٺو هو
هر ڦڙو درد جو ذرتيءَ ۾ پير پنهنجا کپائي
ساڪ سوريندي چوي ٿو او سکي ..!
تنهنجي دنيا سڀ رنگ آهن
منهنجي دنيا بي انگ آهي بي رنگ آهي!
دنيا جيڪا تو ڏيکاري پنهنجي اک سان

تنهن ۾ سڀ ڪجھ شامل مگرهي....

ڪنهن جو ننيڙو پاڇولو

اڪيلو ۽ تنها مون جيان ڀٽڪيو ٻي وطن ۽ ٻي گهرآهي،

جنهن جي منزل تنهنجي نيڻن سان ڇهجڻ ئي بچيو آ

تون ڪڏهن ٿي هِن ٻي وطن کي زمين بخشين..؟!

سوال منهنجو اهو ئي آهي،

تنهنجي اک سان دنيا ڏسڻ ڪانپوءِ

هي ٻي گهر پاڇولو سنڀاليجي ويندو..؟؟

## اَڌ ۾ ڇڏيل ڪڙڪائڻ جو شڪ

مون تنهنجي هرويرو واري چُپ جي آوازن کي

واليون ڪري پنهنجن ڪنن ۾ پهري ڇڏيو آهي

نيڻن جي ڪڪرين جون ڳنڍيون کُلي

وڃايل رليون ٻڻجي ويون آهن

اُنهن جو لاوارث وڇائجڻ

گهر جي اڱڻ ۾ ئي وڃائجي سگهي ٿو

ڪيڏو گهرو خوف آهي!

۽ يَو واري ڪيفيت ۾ سفر ڪرڻو آهي،

تنهنجي هٿڙن تان ميندي متجي نہ وڃي،

جنهن سان گڏ منهنجي دل ۾ سوچ جون ڳالهيون

ذهن اڱر ۾ اُس جيان جمي بيهجي نہ وڃن؟!

هاڻ تہ اندر جي شام تي

نہ هجڻ جي سچ جو پهرو بيهجي ويو آهي

۽ اجان تہ آهُن جي قافلن ۾ گهٽي نمي رهڻي آهي

اهو ائين آهي جڻ هوائن جون چماٽون سانڍيون آهن!

منهنجن ساهن تي ڪا بہ خيالن جي ٽڪل شام نہ ٿي لهي

ڪنهنجي ڏک مونکي پيرن جو پيچرو ناهي ڇڏيو آهي؟!

جڏهن نهار جي پيچرن تي اڪيلائي نچندي آهي

۽ ڪنهن جي عڪس ۾ ٻڏل اکيون

جڏهن برسات جو ساٽ ڏينديون آهن

تڏهن اڪيلائيءَ جو گهرو رنگ ياد جي دروازن تي

اڌ ۾ ڇڏيل ڪڙڪائڻ جو شڪ ويهاري

ساهن جي شهر ۾ رهڻ لڳندو آهي.

۽ يقين جي ڪائنات ڪا جيان ٽيڻ لڳندي آهي

تڏهن دل جي تنبوري جي تار سان

ڪجھ لفظ لکندو آهيان

جن کي احساس جي نرم ڳنڍين سان ٻڌي

پنهنجي ئي جوڙيل ڪاڪ ڪنڌيءَ تي پيو ڦرندو آهيان

۽ ڪنهن جي يادن جا لمس

۽ اُنهن لمسن جي ياد ۾

هٿن جا چيراوان ڇهاءَ

ڪٿي رکي وساري ڇڏيندو آهيان

تڏهن ڏک ڪجھ قصا ٻڌائي

آڱرين، چپن ۽ ذهن کي

جڻ معذور ڪري ڇڏيندو آهي

پوءِ ساهن جون آريون ڏينهن جهڙي جسم کي

رات جي ڏار سان ڪپينديون آهن

۽ پهرين رولاڪ ياد

ڪنهن جي هڪ لمحي جي ساعت جيتري

چپ ٻڻجي وڃي ٿي

بلڪل اُن ئي لمحي وارو ڏک

روئڻ شروع ڪري ٿو

۽ پوءِ ڪوڙ سارن لمحن تائين

ڪوڙن دلاسن جون ڪچيون لڪيرون

جمائيندو رهندو آهيان!

جنهن جي آهٽن جي جهالر

لفظن جي ڏنڌلن ڇمرن تي دز جيان پوندي ٿي رهي

جڻ صبح ٿيندي ئي پنن جي خواهشن جو منڊ ملندو آهي،

جنهن ۾ اداسي ڪا ٽيل جيان نہ ٿي رهي سگهي،

چو تہ هن کي پنهنجو گهر بہ تہ هوندو آهي.!

جيڪو منهنجي يادن ۾ آهن کي ناهي هوندو.!

# ڏات ڏٽين جا احساس شاعريءَ جي روپ ۾

## اسان جون نياڻيون

اسانجون نياڻيون سگهڙ سياڻيون، علم پرائينديون،
علم ادب سان پنهنجو شان ۽ مان وڌائينديون.

پاڳ پلارا ٻڌجي ويندا پوُنءِ پلاريءَ جا،
پينر پائڻ سان جي هٽ هٽ ۾ ملائينديون.

جنهن سان جرئت، همت، عزت، عظمت اوج وٺي،
ذهن ضمير ۾ علم جي اهڙي شمع جلائينديون.

ڳوٺ ڳلين ۾ گند پري گدلاڻ نہ رهڻي آ،
وستين، ويڙهن، گهرن کي نياڻيون هاڻ سجائينديون.

آزادي انسان جو حق آ، هر ڪنهنکي گهرجي،
ڪوڙين ريتن، رسمن جا زندان هي ڍاهينديون.

زاهد شيخ

## غزل

انڌين سان هرگز نهون ڪو نہ پيارا
اسين هن جهان جا جڳ مڳ ستارا
چٽي روشني تا جڳ ۾ ئي چاهيون
ڪپن ڪين وحشت سدا رنگ ڪارا
امن، پيار، محبت جا گلڙا لڳائي
تڙڻ نفرتن جا گهرون تا نعرا
وڃي ڏوچجي جيئن هر شيءِ دنيا جي
هٽڻ اهڙا جت ڪٽ گهرون تا ڦوهارا
ٿيئڻ ذهن سارا شعور سان معطر

ڪجن ماڻهو اهڙا پيدا هاڻ سارا
نئين سوچ سان ئي، دنيا نئين کي اڏبو
ختم ريتون، رسمون ڪيبون سڀ ناڪارا

يوسف لغاري

## نظم

مار اڳيان معمار ڏنم
هوٽل تي هڪ بار ڏنم
نيڻ ڪٽي آڪاش تڪيو
دنيا مان بيزار ڏنم
چڪر هڻي هر پاسي ڪان ۽
ڏاڍ منجهان ڏهڪار ڏنم
ڪنهن نہ پڪاريو پيار منجهان
ظالم هي سنسار ڏنم
گهر ڪان ماني آندي هئين
گرهہ چبيندي چار ڏنم
قاتل ڪپڙا پير ننگا
اٽيا وڪريل وار ڏنم
ڪير انهن کي سيف چوي
مرضي جا مختار ڏنم
مار اڳيان معمار ڏنم
هوٽل تي هڪ بار ڏنم

ڊاڪٽر سيف مگسي، قمبر_ شهداد ڪوٽ

## شاگرد ۽ استاد

شاگرد علم جي درياء ۾ هلندڙ ٻيڙي آهي،
استاد علم جي درياءَ ۾ هلندڙ اُن ٻيڙي جو ناخدا/ناکو
شاگرد علم جو برندڙ ڏيئو آهي
استاد برندڙ ان ڏيئي جو تيل،
شاگرد علم جي باغ ۾ ٽڙندڙ هڪ گل آهي
استاد اُن ٽڙندڙ گل لاءِ هوا آهي
شاگرد علم جي بارش جو منتظر آهي
۽ استاد علم جي بارش آهي
شاگرد اڻ تراشيل پٿر آهي
استاد ان کي تراشي انمول هيرو ناهيندڙ
شاگرد علم جا وکريل موتي آهن
استاد علم جي ان وکريل موتين کي پروئي هار ناهي ٿو

خالده قادري، پي پي آر ايس اسڪول لاڙڪاڻو

## ضروري آهي

مومن لاءِ نماز ضروري آهي
صاف سٿرو رهڻ لاءِ صفائي ضروري آهي
طالب علم لاءِ چستي ضروري آهي
زندگي لاءِ تندرستي ضروري آهي
اکين لاءِ روشني ضروري آهي.
عزت لاءِ اخلاق ضروري آهي
فصل لاءِ پاڻي ضروري آهي.
جهالت لاءِ علم ضروري آهي.
تلاوت لاءِ قرآن پاڪ ضروري آهي
حق لاءِ انصاف ضروري آهي.
مجرم لاءِ سزا ضروري آهي
نتيجي لاءِ عمل ضروري آهي.

صغره، ڪميونٽي اسڪول

## ٽين اک

علم انسان جي ٽئين اک آهي
اچو تہ پنهنجو نور سنواريون.

## امڙ جي دعا

مون کي هر دولت امڙ جي دعا سان ملي
عزت شهرت امڙ جي دعا سان ملي
دشمن مرڻ لاءِ کيا وار ڪئين
پرحياتي جي نعمت امڙ جي دعا سان ملي
دوزخ کان بهتر هو جيئڻ هتي،
دنيا ۾ جنت امڙ جي دعا سان ملي
مان وڪريل هزارين ذرن ۾ هيس
بس طاقت امڙ جي دعا سان ملي

محمد سوڍر، ڪلاس پنجون، آئي اِي ايل پي_ اشرف سوڍر

## بيت تعليم

تعليم منهنجو زيور آ
جنهن کي پرائڻ منهنجو فرض آ
مون کي علم سان ڏاڍو پيار آ
مون کي تعليم سان ڏاڍو چاهه آ
علم انسان جي ٽين اک آ
هر مرد توڙي عورت تي فرض آ
علم ته روشني واري راهه آ
مون کي علم سان ڏاڍو چاهه آ
اچو ته گڏجي علم پرايون
علم جي هر هند جوت جلايون
پنهنجو مستقبل سنواريون
"مهراڻ ۾ گڻ هي ڳايون
مون کي مهراڻ سان ڏاڍو چاهه آ
مون کي علم سان ڏاڍو پيار آ

سلمه علي شر مهيسر، اسڪول آئي اِي ايل پي _مهراڻ پوراهچو

## ڪتاب

ڪتاب منهنجو رهبر آ،
علم منهنجي منزل آ،
پڙهڻ تي مان ڏيان ڏيان تي

پڙهڻ منهنجي عادت آ.
ترقيءَ جي منزل ماڻيندس مان
علم جو ڏيئو ٻاريندس مان
ڳوٺ منهنجو چٽو ميرواٽي
آهيان مان نياٽي سياٽي
ڪري حاصل علم سچو
سڀ کي حق ڏياريندس مان

ٽيچر: خالده ٻگهيو، اسڪول آئي اِي ايل پي بخت بي بي ميمڻ

## مستقبل جا معمار

ننڍڙا منڙا سهڻا ٻار آهيون
مستقبل جا معمار آهيون
ماءُ پي جا دلارا آهيون
ننڍڙا منڙا سهڻا ٻار آهيون
اک کلڻ سان گهر ڏٺوسين
گهر کان سکياسين ڪاڻ پيڻ، اٿڻ ويهڻ هلڻ چلڻ
۽ راند روند جون نياريون ڳالهيون
ننڍڙا منڙا سهڻا ٻار آهيون
مستقبل جا معمار آهيون
هاڻي ڪريون پيا اسڪول وڃڻ جون تياريون
جتي آهن علم ادب جون پياريون ڳالهيون
سڀ دوست ملي سکنداسين هي نياريون ڳالهيون
ننڍڙا منڙا سهڻا ٻار آهيون
مستقبل جا معمار آهيون

رخسانه پنهور_ ايل ايس يو_ حيدرآباد

## سجاڳ

سجاڳ ناهيو سجاڳ ناهيو
اسڪول اسڪول ۾ ڪتاب پڙهايو
ڪتاب سئي ته سهڻا آهن
سجاڳ جهڙا ڪنهن ناهيا آهن
ان جا شعر ڪهاڻيون ننڍي وڏي کي پسند آهن
ڳوٺ واهڻ ۾ ڪتاب سجاڳ ورهايو
هن جا شعر تا دل کي وندراين
هن بيت ڪهاڻيو به دلچسپ آهن
ٻار ته ٻار پر وڏا شوقين آهن
ڳوٺ شهر ۾ سجاڳ جهڙو علم پرايو
سنڌ سڄي ۾ مشهور آهي
اردو انگريزي ڪتابن کان ته زور آهي
گلي گلي ۾ سجاڳ جو شور آهي
اسان ته مهراڻ ۾ به آهي پڙهايو.

سيما مهيسر ٽيچر مهراڻ پوراچو

## علم جي جوت

اچ وري علم جي جوت جلايون
شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾
ڳالهه اها ڪلندي ڦهلائيون
ٻالڪ سياڻ جو آ روشن مستقبل
ڪيڏو نه نرالو نعرو پنهنجو
اچ وري علم جي جوت جلايون
راند روند ته ڏاڍي ڪئي سين
پڙهڻ کي به ٿورو وقت ڏيوسين
اچ وري علم جي جوت جلايون
شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾

احمد بخش ٻانيڻ ،پروگرام افيسر ، سب آفيس خيرپور

## اچو ته پڙهون

ڪتاب، ڪِلڪَ ۽ مس جي ڪُپڙي
پٽي، سليٽ ۽ قلم سڀ هڪ ٿيلهي ۾
آهي منهنجي مستقبل جو ڀاڳ.
اچو ڙي منهنجا پيارا ساٿيو!
اچو ته علم جا جهنڊا کوڙيون
پنهنجي ديس جي مستقبل کي
پنهنجي سوچ جي هٿڙن سان جوڙيون،
اچو ته پڙهون ۽ جيون پنهنجو سنواريون

اويسار سهج _نيو سينچري اسڪول ڪراچي



# بھترين ۽ تيز ترين نصاب ۽ استاد

اشفاق حسين ميراڻي

## تعارف

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) ان ڳالھ تي سھمت آھي تہ استاد جي ڄاڻ ۽ سندن مھارتن ۾ اضافي ڏانھن وک اسڪولن جي ڪاميابي طرف قدم ھوندو آھي ۽ استادن جو ٻار کي مرڪز بنائڻ پڻ ھن دور جي تقاضا آھي. ھن ڪتابچي جو مقصد استادن جي اثرائتي جيڪو ٻار جي سکڻ واري مرحلي کي تقويت مھيا ڪري ٿو، ان سان گڏ سندن تجربن جو بيان جنھن سان ھنجي تدريسي ۽ انتظامي امورن بابت ڳالھيون جيڪي اھم ڪردار ادا ڪنديون اسڪولن جي بھتري ۾ ڪم ايندا ۽ آئينده جي لائحہ عمل کي جوڙڻ ۾ ڪم ايندا ان حوالي سان مارڪيٽنگ ايڊووڪيسي اينڊ پبليڪيشن يونٽ (ميپ) پاران رورل بيسڊ ڪميونٽي اسڪول پروگرام (آر بي سي ايس) جي ٽيچرن سان ايڊووڪيسي ايونٽ ۽ ساڻن تيزترين ۽ بھترين جي فاسٽ ٽريڪ ڪريڪيولم جا تجربا اورڻ لاءِ ويھڪون ڪيون، جنھن ۾ سرگرمين ذريعي استادن کان سندن تجربن جو اڀياس پڻ ورتو ويو، ھي ايڊووڪيسي ايونٽ 23 اپريل 2012ع کان 8 مئي 2012ع تائين پروجيڪٽ جي 10 ضلعن ۾ ڪرايون ويون، ھي ايونٽ ميپ ۽ آر بي سي ايس طرفان ڪرايا ويا.

### سرگرمين ڪرائڻ جا مقصد

- استادن سان تدريسي حوالي سان سندن تجربن (تربيت حاصل ڪرڻ کان اڳ ۽ تربيتن حاصل ڪرڻ کانپوءِ) بابت ڳالھ ٻولھ ڪرڻ
- فاسٽ ٽريڪ نصاب ڪلاس ۾ لاڳو ڪرائڻ بابت سندن تجربن کان واقفيت حاصل ڪرڻ
- معياري تعليم جي مثبت موٽ لاءِ ٽيچر جو ڪردار ڪھڙو ھجڻ گھرجي جنھن سان بھترين نتيجا سامھون اچن.

### سرگرمين جو منطق

ھن ويھڪ ذريعي استادن کي ھڪ پليٽ فارم مھيا ٿيو جنھن ۾ اُنھن ڪامياب اسٽوريز، پيش اينڊڙ مشڪلاتن، انھن مشڪلاتن جو حل تي بحث ڪيو ۽ ان ڪانسواءِ آر بي سي ايس جي فلاسافي ۽ فاسٽ ٽريڪ نصاب کي سمجھڻ ۽ تيزي سان پڙھائڻ واري فلسفي کي اجاگر ڪرڻ پڻ ھن ويھڪن جو مقصد ھو.

نثار ٻانيڻ (مئنيجر ميپ) آيل مھمانن جو ٿورو مڃيو ۽ استادن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ:

” استاد اھو آھي جيڪو ٻار جي سوچ کي تتر جي پڙڪي وانگر اڏاري مٿي کڻي وڃي، نہ کي ڪميءَ جيان سست رفتاري سان زمين تي ھلائي. “

### ڪارروائي عمل

استادن کي ڇھن گروپن ۾ ورھايو ويو ۽ سندن نالا پڻ رکيا. گروپ ۾ ورھائڻ کان پھرين سڀني استادن کي اڳ تيار ڪيل سوالنامو ڏنو ويو جيڪو سڀني استادن پريو، جنھن کانپوءِ تشڪيل ڏنل گروپن منجھان گروپ ليڊر کي چونڊيو ويو. ھر گروپ کي سوالنامي مان چونڊيل سوال ڏنا ويا تہ جيئن اھي پھرين پاڻ ۾ ان سوال تي بحث ڪن پوءِ حتمي ۽ متفقہ طور تي مڃيل جواب لکي ڪري گروپ ليڊر طرفان جواب کي پيش ڪن. ان دوران ٻين گروپن کي ان جواب کي ڪائونٽر ڪرڻ لاءِ پڻ چيو ويو، جنھن سان اصلاحي ۽ تُز قسم جو بحث ڇڙيو ۽ استادن جا مختلف رايا ۽ خيال سڀني جي سامھون آيا، جنھن ۾ تجربا، ڪاميابيون، مشڪلاتون ۽ انھن جا حل پڻ سامھون آيا.

## استادن پاران ريفليڪشنز

جواب: والدين سندن آسپاس جي ماحول ۽ روايتن تحت ھلندي پنھنجي ٻارن کي اسڪول موڪليندا آھن. ڇوڪرين لاءِ اھو تہ اھي تعليم جي حوالي سان ايترا شعور نہ ٿا رکن ان ڪري نياڻين جي تعليم کي ايتري اھميت نہ ٿا ڏين.

جواب: والدين غربت سبب پنھنجي ٻارن کي ننڍي عمر ۾ ڪم سان لڳائي ڇڏيندا آھن، اتي نياڻين جي تعليم جو تہ تصور بہ ناھي.

نثار: اجا وڏيڪ سبب ٻڌايو؟

جواب: تعليم جو شعور ناھي، والدين ٻارن کان ٻني ٻاري جو ڪم وٺن ٿا ۽ نياڻين کان گھر جو سمورو ڪم ڪار ڪرائين ٿا، اھي سبب آھن جن جي ڪري تعليم ۾ ٻار پٺتي رھجي ويندا آھن.

نثار : مطلب تہ والدين ۾ تعليم بابت شعور ناھي؟

جواب: ڪوھستان ۾ تعليم جو ڪو بہ تصور ناھي اسين ڄامشوري اچي پڙھياسين. والدين ٻارن تي توجھہ نہ ٿا ڏين ايستائين جڏھن والدين شام جو گھر واپس اچن ٿا تہ پنھنجي ٻارن کان



اهو نہ ٿا پچن تہ اڄ اوهان اسڪول ويو يا نہ ڇا پڙهيو ۽ استاد پڻ ٻارن تي توجهہ نٿا ڏين تہ ٻارن کي اسڪول اچڻ مهل ڪهڙي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون، ٻار ذهني طرح روحاني طرح اسڪول ۾ موجود هجي ٿو يا نہ استاد کي اها بہ پروڙ نہ ٿي پوي.

جواب: والدين ٻارن تي بلڪل توجهہ نٿا ڏين، والدين شام جو ڪم ڪار تان موٽڻ کانپوءِ بہ ٻارن کان ڪو پڇندا آهن تہ اسڪول ويا يا نہ جيڪڏهن ويا تہ اڄ هُنن ڇا سکيو ڪجهہ نئون جيڪو هو ٻڌائين.

نثار: توهان جي چوڻ جو مطلب آهي تہ والدين جي توجهہ ناهي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ تعليمي نظام صحيح نہ هجڻ ڪري والدين جي ذهنن ۾ اهو ئي آهي تہ ٻارن کي اسڪول موڪلڻ بيڪار آهي تنهنڪري اسڪول ڪونہ موڪلين توهان آر بي سي ايس جي اسڪولن کان سواءِ ٻين اسڪولن بابت ٻڌايو اُتي جي پڙهائيءَ بابت ٻڌايو؟

جواب : هڪ تہ اهي اسڪول پري آهن ٻيو تہ اتي استاد ٻين ڪميونٽيز جا آهن جنهن سبب والدين پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪلين ئي ڪونہ جڏهن تہ انهن استادن بہ ڪڏهن والدين يا ڪميونٽي سان اچي ٻار، تعليم ۽ اسڪول جي معاملن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هجي يا والدين کي سماجي طرح زور ٻار وڌو هجي تہ توهان پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪليو.

جواب : والدين لکيل پڙهيل ناهن انهن کي علم جو شعور ناهي ٻيو غربت سبب والدين پنهنجي ٻارن کي ڪم سان لڳائي ڇڏين ٿا.

نثار: والدين ڇو نہ ٿا چاهين تہ سندن ٻار اسڪول وڃن؟

جواب: ڪجهہ والدين چاهين ٿا تہ اسڪول وڃڻ درست ڪم آهي پر تعليم جو گهٽو شعور نہ هجڻ ڪري نہ ٿا موڪلين.

جواب: اسڪول تہ ڪوڙ آهن پر اُتي پڙهائيندڙ استاد ڏاريا آهن اُنهن جو تعلق اُن ذات يا پاڙي سان ناهي، اسڪولن ۾ ٿوري ٽڪي فيس ورتي وڃي ٿي، اسڪولن مان ٻارن کي نصابي ڪتاب بہ ناهن ملندا ۽ غربت جا فصل تہ زندگيءَ جي پيرن هيٺان هجن ئي ٿا اهي سيني کان وڏا سبب آهن ٻارن جي اسڪول تائين نہ رسڻ جا. اڪثريت والدين جي 9 سالن جي ڇوڪري کنهن ڏارئي اڳيان پڙهڻ ناهن موڪليندا تنهنڪري ٻهراڙين ۾ ڇوڪرين جو تعداد تمام گهٽ آهي.

نثار: پلا هاڻ ڪهڙي تبديلي پيا ڏسو؟

جواب: آر بي سي ايس اسڪولن ۾ انهي ئي ڪميونٽي جا استاد ڀرتي ڪيا ويا جنهن سبب ڪميونٽي جي ماڻهن پنهنجون نياڻيون اسڪول موڪلڻ شروع ڪيون آهن.

نثار: مطلب تہ ساڳئي ڪميونٽي جا استاد هجڻ هڪ مثبت قدم آهي ۽ آر بي سي ايس جي پليٽ فارم ذريعي هڪ وڏي ۽ مثبت تبديلي سامهون آئي تہ ڪميونٽي جا ماڻهو انهي ڳالهہ تي راضي ٿيا تہ سندن 9 سالن يا اُن کان مٿي واري ڇوڪري اسڪول موڪلڻ شروع ڪئي اٿن توهان سڀ ان ڳالهہ تي متفق آهيو، ائين ٿيو آهي؟!

جواب: ٻهراڙي جو ٻار پنهنجي شعور سان اڳتي وڌي ٿو ان جو مثال شمس العلماءُ علامہ دائود پوٽو پڻ ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ هو پنهنجي محنت ۽ شعور سان سنڌ جو نالو روشن ڪيائين. هاڻي ٻهراڙين ۾ تعليم جي گهٽ ٿيڻ جو سبب اتان جا وڏيرا، ايم پي ايز آهن جن وٽ معاشري کي ڪنٽرول ڪرڻ وارو سمورو سسٽم پنهنجي هٿ ۾ آهي اهي نہ ٿا چاهين تہ غريب جا ٻار پڙهن ۽ سندن غلامي مان نڪرن ان ڪري ٻهراڙين ۾ تعليم کي هٿ وٺي تباهہ ڪيو ويو آهي.

جواب: تيز ترين ۽ بهترين نصاب کي بلڪل مختصر ۽ جامع ڪري تيار ڪيو ويو آهي جو نہ پڙهندڙ ٻار يا اسڪول ڇڏي ويندڙ ٻار پڻ موٽ ڪائي تعليم طرف وڌي رهيو آهي. هن ڪورس سان ٽائيم جي بچت ٿئي ٿي جنهن ڪري پڻ پڙهڻ وارو ۽ والدين پڻ راضي ٿيا آهن تہ اهي ٻارن کي اسڪول موڪلين ٿا.

نثار: ڇا هن نصاب تحت پرائمري ليول تي پڙهائي جا ڪانسيپٽ ڪليئر ٿين ٿا؟





جواب: اهو نصاب بلڪل پرائمري جي ٻارن جي حساب سان جوڙيل آهي جيڪو تصورن کي واضح ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته ڪين عملي طور تي شيون ڏيکاري ٻه سندن ڪانسيپٽس کي ڪليئر ڪيو ويندو آهي.

جواب: هن ڪورس جي شروعات سٺي آهي جنهن ۾ شڪلين، تصويرن ذريعي سيڪاريو پيو وڃي اسان ڪائن ان ئي ڪتاب تي رنگ پرايون ٿا ٻار پڻ بهتر انداز سان سمجهي وڃن ٿا، سندس ذهن سفر ڪرڻ لڳي ٿو ۽ هو روز نئون سوچين ٿا.

جواب: تيز ترين جو ڪورس سٺو آهي پر استاد جو ڪميٽيڊ هجڻ ٻه لازمي آهي. آر بي سي ايس جي اسڪولن سبب تعليم طرف لاڙو وڌيو آهي پر اسان ٽيچرن کي تمام گهڻي محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي، اصل امتحان استادن جو آهي ته هو ڪيئن ٿا هڪ نئين ۽ منفرد نصاب جو هٿ وٺي تبديلي آڻين.

نثار ٻانيڻ (مئنيجر ميپ) استادن کي مخاطب ٿيندي چيو ته: "ٻار جو ذهن زمين جيان آهي جنهن تي هر هلائي ان کي زرخيز بنائڻ جو هنر فقط هڪ استاد وٽ ئي آهي.

جواب: ڇوڪرا ٻني ٻاري جو ڪم ڪندا آهن ۽ ڇوڪريون پنهنجي مائرن کي گهر جي ڪم ڪارين ۾ هٿ ونڊرائيندڙيون آهن.

نثار: **ڇا والدين تعليم ۽ ٻارن کي اسڪول موڪلڻ کي اهميت ناهن ڏيندا؟**

جواب: تعليم کي ايتري اهميت ناهي ڏني ويندي، ٻني ٻاري جو ڏيان گهڻو آهي، ڇو ته اهو سندن معاشي مسئلن جو پورائو ڪري ٿو.

جواب: اصل حقيقت اها ٻه آهي ته والدين جو اڻ پڙهيل هجڻ ٻه هڪ سبب بڻجي ٿو تعليم طرف مثبت رويو رکڻ ٻارن جا اڪثر والدين چوندا آهن ته اسان نه پڙهياسين ٻار ڇا پڙهندا

ڪائونٽر: ڇا ٻار جنهن ٻني ٻاري تي وڃي ٿو ته اتان پئسا ڪمائي آڻي ٿو يا والدين جو هٿ ونڊرائي ٿو ڇا اها سوچ غلط آهي؟ ائين بلڪل ناهي ها اهو هڪ سبب ضرور آهي ته والدين جو تعليم بابت اڻڄاڻائي وارو عنصر ڪجهه گهڻو آهي!

جواب: ڪميونٽي ۾ رهندڙ والدين کي تعليم جي اهميت جي چڱي خبر آهي، ڪين پلي پٽ ڄاڻ آهي ته تعليم جي ڇا اهميت ۽ حيثيت آهي هو عقل وارا آهن، اسان هرويرو ڪين ائين چئي ڪبوترن وانگر اکيون ٻوٽي پيا ڇڏيون.

جواب: استان جي رويي سبب ٻه ٻار اسڪول نه ٿا وڃن فقط والدين کي اسان ڏوهي نٿا چئي سگهون جيڪڏهن استادن پنهنجي روين ۾ لچڪ ۽ نرمي پيدا ڪري ته ٻار اسڪول ضرور ويندا.

جواب: سرگرمين وارو طريقو بهتر آهي ڇو جو ان ۾ عملي مظاهري ذريعي سيکاريو وڃي ٿو ته ٻار کي رٽي لڳائڻ جي ضرورت محسوس نه ٿي ٿئي.

جواب: سرگرمين ذريعي پڙهائڻ گهرجي جيڪڏهن ياد ڪرائڻ واري طريقي سان پڙهائيندا سين ته اهو ٻارن کان ٿوري عرصي ڪانپوءِ وسري ويندو.

جواب: تقريباً ڪوڙ سارن ٻارن کي رنگ جي سڃاڻپ نه هئي ٻارن کي ڪلاس ۾ موجود شين جا رنگ ڏيکاري ڪري ڪين رنگن بابت ٻڌايو ويو

جواب: اسان ٻارن کي ڪلاس روم کان ٻاهر وٺي ويندا آهيون آس پاس موجود شين بابت ڪين ٻڌائيندا آهيون جهڙوڪر مينهن ته سندس رنگ ڪارو آهي ته ڪين ڪاري رنگ جي سڃاڻپ ٿي ويندي آهي

جواب: گلاب جو گل ان ٻار کي ڏيکاري ان بابت سمجهايو ويندو ۽ ڪين جي رنگ جي سڃاڻپ پڻ ڪرائي ويندي آهي. ان ڪانسواءِ ڪين ٻاهر سج جي روشني بابت ٻڌائيندا آهيون.

جواب: والدين جو سندن ٻارن کي اسڪول موڪلڻ ۾ اهم ڪردار هوندو آهي جيڪڏهن والدين نه چاهيندا ته ٻار ڪٿان اسڪول ويندا ۽ ٻارن جي ذهنن ۾ پڻ اها ڳالهه هوندي آهي ته جيڪڏهن اسان اسڪول نه ويندا سين اسان کان پڇاڻو ڪو نه ٿيندو.

جواب: هن پروجيڪٽ جيڪي ٻه طريقا متعارف ڪرايا آهن تن ۾ تيز ترين ۽ بهترين آهن جن جو ذڪر جڏهن اسڪول کان ٻاهر ٻارن سان ڪيو ويو جيڪي ٿوري وڏي عمر جا هئا ته انهن والدين کي ٻڌائڻ بنا ئي اسان کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ چيو اهو پروگرام ۽ ٿوري وقت ۾ ڪين پنج درجا پاس ٿيڻ واري ڳالهه ئي ايڏي پلي لڳي جو والدين کي راضي ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پئي. نياڻين جي حوالي سان جن جون 16 سالن جون ڇوڪريون هيون تن جي والدين اسان کان نصاب بابت پڇيو ۽ پوءِ پنهنجي نياڻين کي اسڪول موڪليائون ته جيئن سندن عمر ۽ وقت بچي سگهي ۽ اهي تعليم پرائي سگهن.

جواب: ڪجهه والدين ٻارن کي ماري ڪٽي اسڪول موڪليندا آهن ۽ استادن کي چوندا آهن ته هو پڻ ڪين مار ڏين اسانجو خيال آهي ته ٻار مار ڪُٽَ ذريعي ناهن سکندا.

جواب: والدين رهنمائي ڏيئي سگهن ٿا اسان چاهيون ٿا ته والدين ان سلسلي ۾ مدد ڪن اهي ٻارن کي پڙهائڻ جي حوالي سان دلچسپي وٺن ته جيئن ٻار بهتر انداز ۽ دلچسپيءَ سان تعليم ڏانهن توجهه ڏين.

نثار: **توهان جي بحث مان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته توهان پروگرام کي صحيح سمجهيو آهي ۽ پڙهائي ڏانهن توهان جي comments جي تمام گهڻي اهميت آهي.**

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (حڪومتِ سنڌ)
پلاٽ ـ 9، بلاڪ ـ 7، ڪهڪشان ڪلفٽن ـ 5، ڪراچي ـ 75600
فون : 111-424-111 (92-21)، فيڪس: 99251652 (92-21)
اِي ميل: info@sef.org.pk ويب سائيٽ: www.sef.org.pk